ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   اربع 14 جنوري 2026ع 24 رجب المرجب 1447 هہ صفحا 6 - ملهہ 30 رپيہ   شمارو (152)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ ڪابينا پاران مختلف منصوبن لاءِ رقم منظور، هر رپيو شفاف نموني خرچ ڪيو وڃي: وڏو وزير

ڪابينا اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي جي گرلز هاسٽل ۽ بي ماڙ جي تعمير لاءِ 190.211 ملين رپيا ۽ (PIFTAC) کي فعال بڻائڻ لاءِ 1.24 ارب رپيا منظوري ڪيا ويا

سکر جي سينٽ سيورز چرچ ۽ حيدرآباد جي سينٽ ٿامس ڪيٿڊرل چرچ جي مرمت ۽ بحالي لاءِ 109.5 ملين رپيا، ڪراچي لٽريچر فيسٽيول لاءِ 30 ملين رپيا ۽ سنڌ آرڪائيوز کي مضبوط ڪرڻ لاءِ 100 ملين رپين جي منظوري

حڪومت جي ترجيح رڳو منظوريون نہ پر عملي نتيجا آهن، عوامي وسيلا عوامي خدمتن ۽ زندگي جي معيار ۾ واضح بهتري جي صورت ۾ نظر اچڻ گهرجن، ان جي سخت نگراني ڪئي وڃي

آبادگارن جي مفادن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي، جنهن لاءِ ٽئين ڌر ذريعي وزن، شفاف ۽ وقت سر ادائيگيون ۽ گهٽ پيداوار وارن ممنوعہ قسمن بابت اڳواٽ اطلاع لازمي هجي: مراد علي شاهہ

ڪابينا 11هين نيشنل فنانس ڪميشن (NFC) جي ٽرمز آف ريفرنس جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ آزاد قانوني فرم جون خدمتون حاصل ڪرڻ جو بہ فيصلو ڪيو

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي/راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ تعليم، ثقافت، سيڪيورٽي، زراعت، ماحولياتي قدمن، انفراسٽرڪچر ۽ سماجي تحفظ بابت وسيع پيماني تي مالي، انتظامي ۽ پاليسي فيصلن جي منظوري ڏني وئي. ڪابينا سڀني کاتن کي هدايت ڪئي تہ فيصلن تي وقت سر عملدرآمد، شفافيت ۽ ماپ جوڳا نتيجا يقيني بڻايا وڃن. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خصوصي معاونن، چيف سيڪريٽري ۽ لاڳاپيل سيڪريٽرين شرڪت ڪئي. ڪابينا گذريل اجلاس جي ڪارروائي (منٽس) جي بہ توثيق ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ سنڌ چيو تہ حڪومت جي ترجيح رڳو منظوريون نہ پر عملي نتيجا آهن. هن زور ڏنو تہ عوامي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

جڊيشل ڪميشن سنڌ هاءِ ڪورٽ جا 10 ايڊيشنل جج مستقل مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ جڊيشل ڪميشن جو اجلاس ٿيو، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 12 ايڊيشنل ججن جي مستقلي بابت غور ڪيو ويو

جڊيشل ڪميشن 12 مان 10 ايڊيشنل ججن کي مستقل ڪرڻ جي منظوري ڏني، جنهن جي باضابطا طور پڌرائي بہ جاري ڪئي وئي، جن ججن کي مستقل ڪيو ويو

جسٽس ميران محمد شاهہ، تسليم، سلطانا، رياضت علي سحر، محمد حسن اڪبر، عبدالحامد، جان علي جوڻيجو، ناصر پنهور، علي حيدر ادا، عثمان علي ۽ محمد جعفر رضا شامل

جڊيشل ڪميشن جسٽس خالد حسين شاهاڻي ۽ جسٽس فياض الحسن شاهہ کي 6 مهينن لاءِ واڌ ڏيڻ جي منظوري، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ جي مدي ۾ بہ 6 مهينن جي واڌ جو فيصلو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ جڊيشل ڪميشن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 12 ايڊيشنل ججن جي مستقلي بابت غور ڪيو ويو اجلاس دوران جڊيشل ڪميشن 12 مان 10 ايڊيشنل ججن کي مستقل ڪرڻ جي منظوري ڏني، جنهن جي باضابطا طور پڌرائي بہ جاري ڪئي وئي پڌرائيءَ موجب

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت ۾ جڊيشل ڪميشن جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پي ٽي آءِ نئين ميثاقِ جمهوريت لاءِ سمورين جمهوري قوتن کي دعوت ڏئي ڇڏي

پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر جي صدارت هيٺ تحريڪِ انصاف جي پارلياماني پارٽيءَ جو اجلاس ٿيو

سمورن ڌرين جي اتفاق سان اليڪشن ڪميشن جي نئين سر جوڙجڪ جو مطالبو ڪريون ٿا: بئرسٽر گوهر

بي بنياد ۽ سياسي بنيادن تي قائم ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ۽ پي ٽي آءِ باني سان ملاقاتون بحال ڪيون وڃن

اليڪشن ڪميشن پاڪستان جي اهڙي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وڃي، شفاف، آزاد ۽ منصفاڻي اليڪشن يقيني بڻائي وڃي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) نئين ميثاقِ جمهوريت لاءِ جمهوري قوتن کي دعوت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

افغانستان پاران ڀارت لاءِ پنهنجو پهرين باقائده نمائندو مقرر

نمائندو نور احمد نور پرڏيهي وزارت سان لاڳاپيل آهي: افغان سفارتخانو

آڪٽوبر ۾ ڀارت چيو هو تہ هو افغانستان ۾ پنهنجي مشن کي اپ گريڊ ڪندو

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي طالبان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ميانمار جي پرڏيهي وزير سان ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

عالمي طور تي ڊجيٽل اثاثن بابت سرگرمين ۾ پاڪستان فعال ملڪ طور شامل

موقعن ۽ خطرن وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ لاءِ ضابطي ڪاري اٿارٽي آهي: ناڻي وارو وفاقي وزير

حڪومت انهن سرگرمين کي اهڙي بهتر منظم ماحول ۾ اختيار ڪرڻ چاهي ٿي جيڪا صارفين جي تحفظ کي يقيني بڻائي

بلاڪ چين ٽيڪنالاجي ۽ اسٽيبل ڪوائنز مالياتي انفراسٽرڪچر کي جديد بنائڻ جي غير معمولي صلاحيت رکن ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي تہ عالمي طور تي ڊجيٽل اثاثن بابت سرگرمين ۾ پاڪستان فعال ملڪ طور شامل آهي موقعن ۽ خطرن وچ ۾

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

رياض: پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سعودي عرب جي صنعتن ۽ معدنيات واري وزير بندر ابراهيم الخوريف سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

آمريڪا پاران ايران سان ڪاروباري لاڳاپا رکندڙ ملڪن تي 25 سيڪڙو واڌو ٽيرف لاڳو ڪرڻ جو اعلان

جيڪو بہ ملڪ اسلامي جمهوريہ ايران سان ڪنهن بہ نوعيت جو ڪاروبار ڪندو، ان تي آمريڪا واڌو ٽئڪس لڳائيندو: صدر ٽرمپ

آمريڪا جا اها پاليسي فوري طور تي لاڳو ٿي چڪي آهي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي نرمي نہ ڪئي ويندي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان ڪاروباري لاڳاپا رکندڙ ملڪن تي 25 سيڪڙو واڌو ٽيرف لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي خبررسان اداري مطابق اهو اعلان هن پنهنجي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

شب معراج موقعي تي سنڌ حڪومت پاران سرڪاري توڙي غير سرڪاري اسڪولن ۾ موڪل جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 27 رجب المرجب شب معراج موقعي تي سنڌ سرڪار پاران سرڪاري توڙي غير سرڪاري اسڪولن ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

شرجيل ميمڻ جي ڪانفرنس حقيقتن کان وڌيڪ ڪوڙن جي پروپيگنڊا هئي: راجا اظهر

سنڌ حڪومت هڪ هٿ سان جلسي جو اين او سي ڏئي ٻئي هٿ سان ڪارڪنن تي لٺيون وسايون

پوليس ڪارڪنن جي گاڏين سان توڙ ڦوڙ ڪئي، ڪيترن ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي پريس ڪانفرنس تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي چيو آهي تہ شرجيل ميمڻ جي پريس ڪانفرنس حقيقتن کان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

سنڌ حڪومت جو هارين کي سرڪاري معياري ٻج سستي اگهہ تي فراهم ڪرڻ جو فيصلو

زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت ۾ اجلاس، سنڌ سيڊ ڪارپوريشن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

ڪڻڪ، ڪپهہ ۽ چانورن مان حاصل ڪيل آمدني ۽ هارين کي مهيا ڪيل ٻج جو تفصيل پيش ڪيو ويو

لينڊ گريبرز خلاف ڪارروائيون، زمين جي جيو مارڪنگ ۽ سرڪاري ٻج جي فراهمي لاءِ حڪمت عملي تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت آئنده نجي شعبي کان زرعي ٻج خريد ڪرڻ بدران صوبي جي هارين کي سرڪاري طور تي تيار ڪيل معياري ٻج سستي اگهہ تي فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: هڪ نوجوان گهرو استعمال جون شيون وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

گورنر سنڌ سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي (ترميمي) بل 2025 جي منظوري ڏئي ڇڏي

شهري تحفظ ۽ نگراني کي جديد ٽيڪنالاجي سان مضبوط بڻايو ويندو

شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: گورنر سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي (ترميمي) بل 2025 پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 116 تحت منظوري ڏئي ڇڏي. سنڌ جي گورنر جي منظوري کانپوءِ جاڳايل

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

ڳاڙهو پوليس جي چورن خلاف ڪارروائي، 4 لک روپيا برآمد

واپاري حاتم ڪٽي جي موبائيل شاپ مان چوري ٿيل رقم هٿ ڪئي وئي

ڳاڙهو (ن ع) ڳاڙهو پوليس جو ڌوهارين چورن خلاف ڪريڪ ڊائون ڳاڙهو شهر مان ٻن ڏينهن اڳ واپاري حاتم ڪٽي جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

ڪي ايم سي ۾ پينشن ۽ ترقياتي ادائگيون مڪمل طور ڊجيٽل نظام سان ڳنڍيو ويندو: مرتضيٰ وهاب

ڊجيٽل ادائگيون، جرمانا، چالان ۽ بلدياتي فيسون اليڪٽرانڪ چينلز ذريعي وصول ڪيون وينديون

پيمنٽ سلپ آئي ڊيز، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۽ ويسٽ ٽو انرجي منصوبن سان مالي وسيلن ۾ اضافو

شهرين لاءِ آسان ادائگين ۽ مڪمل شفاف نظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ پيمنٽ سلپ آئي ڊيز (PSIDs) جاري ڪيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ بلديہ عظميٰ ڪراچي ۾ پينشن جي ادائگين، ترقياتي ادائگين سميت سمورن مالي معاملن کي مڪمل طور تي ڊجيٽل نظام سان ڳنڍيو ويندو هن نظام کي نادرا سان لنڪ ڪيو ويندو تہ جيئن فوري تصديق، وڌيڪ شفافيت ۽ بهتر سروس ڊيليوري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: پارلياماني معاملن وارو وفاقي وزير طارق فضل چوڌري گئس ڌماڪي ۾ مارجي ويلن جي وارثن سان تعزيت وقت ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پرڏيهي وزارت پاران دستاويزن جي تصديق لاءِ نئين موبائيل ايپ متعارف ڪرائڻ جو منصوبو

نئين موبائيل ايپ جي ذريعي درخواستن جي سڌوسنئون نگراني جي سهولت فراهم ڪئي ويندي

تبديلي جو مقصد هڪ وڌيڪ موثر، شفاف ۽ صارف مرڪوز پرڏيهي وزارت جوڙڻ آهي: آمنہ بلوچ

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي وزارت عام دستاويزن جي تصديق جي لاءِ هڪ نئين موبائيل ايپليڪيشن متعارف ڪرائڻ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

گهرو وزير سان اماراتي وفد جي ملاقات، اميگريشن عمل وڌيڪ آسان بنائڻ تي غور

محسن نقوي سان ڊي جي ڪسٽمز جي سربراهيءَ ۾ يو اي اي جي وفد ملاقات ڪئي

ڪامياب پائليٽ کان پوءِ ان نظام کي ترتيبوار وڌيڪ ماڳن تائين واڌ ڏني ويندي: گهرو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان ڊائريڪٽر جنرل ڪسٽمز ۽ پورٽ سيڪيورٽي احمد بن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ايرڪسن ڪمپني جو صدر پيٽرڪ جونسن ملاقات ڪري رهيو آهي

بنون ۾ هٿياربندن هٿان امن ڪميٽي جا 4 ميمبر قتل

واقعي کانپوءِ پوليس جي نفري موقعي تي پهچي وئي ۽ جاچ شروع

مقامي انتظاميہ، علائقي ۾ سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪري ڇڏي

پشاور (اي پي پي) بنون جي هويد ٿاڻي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿياربندن فائرنگ ڪري مقامي امن ڪميٽي جي 4 ميمبرن کي قتل

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

پنجاب ۾ گهر ۾ باهہ لڳڻ سبب 3 معصوم نياڻيون سڙي فوت

باهہ ملتان کان گذرندڙ ميٽر جي بجلي جي تار ۾ اسپارڪنگ سبب لڳي

مظفرگڙهہ (اي پي پي) ليہ جي تعلقي ڪروڙ لعل عيسن جي ڳوٺ بصيرا ۾ گهر اندر ڪاٺ سان ٺهيل ڪمري ۾ باهہ لڳڻ جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ اهم ترقياتي منصوبا شروع ڪيا پيا وڃن: ناصر شاهہ

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري منصوبن جي نگراني ڪري شهر ۾ نمايان سڌارو آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪري پيو

ٽي ايم سي ڪورنگي ۽ نادرا جي معاهدي سان لکين شهرين کي آسان خدمتون مهيا ڪيون وينديون

پي ٽي آءِ سنڌ ۾ مهمان نوازي جو ناجائز فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، 9 مئي جهڙي صورتحال کان بچايو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلدياتي، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ چيو آهي تہ پوري ڪراچي ۾ انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا پيا وڃن. هن چيو تہ انهن منصوبن جي تڪميل سان شهر ۾ نمايان سڌارو ايندو ۽ منصوبن کي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير مصدق ملڪ شڪر پڙيان ۾ نون ٻوٽن جي پوکي واري عمل جو معائنو ڪري رهيو آهي

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان ڪيبا وفد جي ملاقات

22 رڪني وفد شهر ۾ امن امان ۽ ڪاروباري معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي

وفد ايڊيشنل آءِ جي کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ۽ نيڪ خواهشن جو پڻ اظهار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان ڪيبا جي صدر محمد عرفان رضوان جي اڳواڻي ۾ 22

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

آءِ جي سنڌ نادر جمالي ڪيس لاءِ عدالتي انڪوائري جي درخواست

ايڊيشنل چيف سيڪريٽري محڪمو داخلہ کي خط موڪلي ڇڏيو

دادو ۾ پيش ايندڙ واقعن جي شفاف جاچ لاءِ انڪوائري آفيسر جون سفارشون شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ پاران نادر جمالي ڪيس ۾ عدالتي انڪوائري لاءِ محڪمو داخلہ سنڌ کي باقاعده درخواست

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

سنڌ هميشہ کان بنيادي مسئلن جو شڪار رهي آهي: جماعت اسلامي ڄامشورو

سنڌ ۾ تعليم، صحت ۽ ٻين اهم شعبن جو نظام ڏينهون ڏينهن زوال پذير ٿيندو پيو وڃي

پهرين جنوري کان "نظام بدلايو سنڌ سنواريو" مهم جو باضابطہ آغاز ڪيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڄامشورو ۾ جماعتِ اسلامي سنڌ جي نالي سان جاري ڪيل "نظام بدلايو سنڌ سنواريو" مهم

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو2

خيرپور ۾ تيز رفتار ٽرين جي ٽڪر ۾ معصوم نينگري فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٻرگہ پور واري علائقي ۾ 5 ورهين جي عزران ڌيءَ قمبر علي فوت ٿي وئي

نينگري جو لاش اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد گهر پهتو تہ ڪهرام مچي ويو

خيرپور (ذ ر) ٻرگہ پور واري علائقي ۾ عوامي ايڪسپريس تيز رفتار ٽرين جي ٽڪر ۾ پنج سالا معصوم نينگري عزران ڌي قمبر علي ڦليپوٽو فوت ٿي وئي جنهن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتان تہ ضروري ڪارروائي کان بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

لاڙڪاڻو: ريلوي ٽريڪ تي واندا ماڻهو پتا ڪيڏي رهيا آهن

آمريڪا پنهنجي شهرين کي فوري طور تي ايران ڇڏڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

شهري انٽرنيٽ جي مسلسل بندش جي اميد رکن ۽ رابطي جي متبادل ذريعن جي منصوبابندي ڪن: آمريڪا

ايران ۾ آمريڪي شهرين کي تفتيش، گرفتاري يا حراست ۾ وٺڻ جا سنگين خطرا موجود آهن: آمريڪي ايمبيسي

ايران جي مختلف شهرن ۾ قومي ڪرنسي جي شديد قدر ۾ گهٽتائي ۽ معاشي ڏکيائين خلاف احتجاجي مظاهرا جاري

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي ورچوئل ايمبيسي ايران بابت سفري هدايتن ۾ ترميم ڪندي آمريڪي شهرين تي زور ڀريو آهي تہ هو ايران ۾ جاري بدامني کي نظر ۾ رکندي فوري طور تي ملڪ ڇڏي وڃن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

وزيراعظم جي آءِ ٽي انفراسٽرڪچر جي وڌيڪ بهتري لاءِ حڪومتي ڪوشش جي واکاڻ

وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ناليواري سوئيڊش ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪمپني ايرڪسن جي وفد ملاقات ڪئي

وفد جي قيادت ڪمپني جو صدر ۽ مارڪيٽ ايريا يورپ، وچ اوڀر ۽ آفريڪا جو سربراهہ پيٽرڪ جوهانسن ڪري رهيو هو

وزيراعظم غيرملڪي سيڙپڪارن ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ اسٽريٽجڪ حصيدارن جي حمايت جي لاءِ حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف فائيو جي سميت جديد نيٽ ورڪس ۾ "ايرڪسن" جي عالمي تجربن مان فائدو وٺڻ ۾ پاڪستان جي دلچسپي کي اجاگر ڪندي قومي ضرورتن موجب

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهہ چيئرمين سينيٽ يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ڪري رهيا آهن

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 900 رپين جي واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 900 رپين جي واڌ سان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

صدر آصف زرداري پاران رخسانہ قمر جي نوجوان فرزند جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پاڪستان پيپلزپارٽي فيصل آباد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

ڊاڪٽرن کي عزت ۽ تحفظ ملڻ بغير مهذب معاشرو ممڪن ناهي: بلاول ڀٽو

وبائون، موسمي تبديليون ۽ ذهني صحت وڏا چئلينج، حل باصلاحيت ۽ بااخلاق ڊاڪٽرن سان ممڪن آهن

صحت پاليسي ۽ طبي تعليم جي تشڪيل ۾ انهن جي آواز کي ضرور شامل ڪيو ويندو

ڪا بہ قوم ترقي نٿي ڪري سگهي جيڪڏهن ان جا ماڻهو بيمار يا نظرانداز ڪيل هجن: پ پ چيئرمين جناح ميڊيڪل يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ خطاب

ڪراچي (رپورٽ مجيد عباسي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عوامي صحت جي نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ ڊاڪٽرن جي اهم ڪردار کي اجاگر ڪندي چيو آهي تہ صحت جي شعبي سان لاڳاپيل پيشور ماڻهن کي هيلٿ پاليسي، پبلڪ هيلٿ سڌارن ۽ طبي تعليم جي تشڪيل ۾ اثرائتي آواز ملڻ گهرجي. هن زور ڏنو تہ جيڪو معاشرو پنهنجن ڊاڪٽرن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

حڪومتي اتحاد ۾ پ پ جو رهڻ ملڪي مفاد ۾ آهي: راجا پرويز اشرف

حڪومت آرڊيننس بابت پ پ جي واڪ آئوٽ کي سنجيدگيءَ سان ورتو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ جي سينيئر اڳواڻ راجا پرويز اشرف چيو آهي تہ موجوده حڪومتي اتحاد ۾ پ پ جو رهڻ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

سنڌ طاس معاهدي جي معطلي خطي جي امن ۽ پاڪستان جي آبي حقن لاءِ سنگين خطرو قرار

ڀارت جي آبي جارحيت جو مقصد اسان کي پاڻي جي بحران ۾ مبتلا ڪرڻ آهي: وفاقي وزير احسن اقبال

ماحولياتي ۽ موسمياتي تبديلين سبب گليشيئرز جي پگهرجڻ ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ٿيو آهي

1960ع کان هن وقت تائين گليشيئرز جي 23 سيڪڙو برف پگهرجي ضايع ٿي چڪي آهي: اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي تہ ڀارت جي سنڌ طاس معاهدي جي معطلي خطي جي امن ۽ پاڪستان جي آبي حقن لاءِ سنگين خطرو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: اقتصادي معاملن وارو وفاقي سيڪريٽري محمد حمير ڪريم ۽ جاپاني سفير آڪاماٽسو شوئيچي امدادي ڊاهہ تي صحيحون ڪري رهيا آهن

طورخم بارڊر تي هٿيار ۽ بارود اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام، 21 هزار ڪارتوس هٿ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

چوڌري پرويز الاهي ۽ ٻين جوابدارن تي فردجرم لاڳو ڪرڻ جي ڪارروائي 18 فيبروري تائين ملتوي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي رشوت خاتمي واري خصوصي عدالت، پنجاب

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

سنڌ ڪابينا اهم ترقياتي، ثقافتي ۽ سيڪيورٽي منصوبن جي منظوري ڏني آهي: شرجيل ميمڻ

خيبرپختونخوا جي وڏي وزير جي سنڌ دوري دوران مڪمل سيڪيورٽي ۽ سهولتون فراهم ڪيون ويون

پي ٽي آءِ پاران الزام لڳائڻ باوجود حڪومت صبر ۽ تحمل سان عوام جي تحفظ کي ترجيح ڏني

پهرين ڏينهن کان ڪي پي جي وڏي وزير کي چيو ويو هو تہ ڪجهہ حساس علائقن ۾ وڃڻ کان پاسو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ وزيراعليٰ سنڌ جي صدارت هيٺ ٿيندڙ سنڌ ڪابينا جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

اسلام آباد ۾ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل قتل

آءِ نائن ٿاڻي جي حدن مان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي

وڪيل کي مٿي جي پوئين حصي ۾ گولي هڻي وئي، جاچ جاري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد ۾ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل شيخ عبدالرئوف کي مٿي ۾ گولي هڻي ماريو ويو. اسلام آباد پوليس اختيارين موجب آءِ نائن ٿاڻي جي حدن مان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ ٿي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

جرمني گرين لينڊ تي آمريڪا جي امڪاني خطرن کي رد ڪري ڇڏيو

برلن (اي پي پي) جرمني جي پرڏيهي وزير

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

پنوعاقل: حرن جو روحاني پيشوا پير پاڳارو مريدن کي زيارت ڪرائڻ وقت دعا گهري رهيو آهي

ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڄامشورو ۾ عوام وزيراعليٰ خيبرپختونخوا جو استقبال ڪيو: حليم عادل

سهيل آفريدي عمران خان جو ٽائيگر آهي، سنڌ مان آمد سان تحريڪ ۾ نئين جان پئجي وئي آهي

پيپلزپارٽي شروعات ۾ خوش آئند رويو اختيار ڪيو پر عوامي استقبال ڏسي يوٽرن وٺي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي جي چار ڏينهن جي ڪامياب دوري تي وڊيو پيغام جاري ڪندي چيو آهي تہ عمران خان جي نمائندي سهيل آفريدي جي شاندار استقبال تي سنڌ جي عوام جو دل جي گهراين سان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ پاڻي جي ٽينڪر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

منگهو پير ٿاڻي جي ويجهو پاڻي جي ٽينڪر ٻن موٽرسائيڪل سوارن مٿان چڙهي ويو

حادثي جي نتيجي ۾ 55 سالن جو عبدالواحد فوت ٿي ويو، صالح محمد زخمي ٿيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، پوليس ڊرائيور ۽ ٽئنڪر کي تحويل ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهو پير ٿاڻي جي ويجهو پاڻي جي ٽينڪر ٻن موٽرسائيڪل سوارن تي چڙهي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو ايس ايڇ او منگهو پير چيو تہ فوت

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

بهاولپور: شهر ۾ گرين اليڪٽرڪ بس شروع ٿيڻ واري تقريب ۾ فنڪار رقص ڪري رهيا آهن

ڪراچي ڪورنگي ۾ ڀتو نہ ڏيڻ جي صورت ۾ ڌمڪي ڏيڻ جي ڪيس ۾ ٻہ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي ۾ ڀتو نہ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

منگهوپير: مدرسہ ۾ معلم جي تشدد ۾ زخمي ٿيل ٻارڙو فوت، وارثن پاران انصاف جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير عزيز

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

همدرد پبلڪ اينڊ وليج اسڪولز پاران فوڊ فيئر ۽ شهيد پاڪستان حڪيم محمد سعيد جي سالگرهہ تقريب

جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن گڏيل طور تي مختلف فوڊ اسٽال لڳايا ۽ پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو

حڪيم سعيد تعليم کي قوم جي تعمير جي بنياد ۽ ٻارن جي تربيت ۽ ڪردار جي تعمير تي خاص ڌيان ڏيندو هو: قدسيہ اڪبر

حڪيم محمد سعيد کي ٻارن سان بيحد پيار هو ۽ سندس خواب هو تہ پاڪستان جو هر ٻار علم جي روشني سان روشن ٿئي: سعديہ راشد

ڪراچي (پ ر) همدرد پبلڪ اينڊ وليج اسڪولز روايت موجب شهيد پاڪستان حڪيم محمد سعيد جي 106 هين سالگرهہ کي باني جي ڏينهن طور 12 جنوري 2026 تي بلاول اسٽيڊيم ۾ وڏي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

ڪراچي: همدرد فائونڊيشن جي صدر سعديہ راشد تقريب جي خاص مهمان قدسيہ اڪبر کي عڪس مهر نبوت صہ شيلڊ پيش ڪري رهي آهي، ٻئي طرف تقريب ۾ شريڪ شاگرد ساڻس گڏ بيٺل آهن

بقايا 1 منظوري

جن ججن کي مستقل ڪيو ويو انهن ۾ جسٽس ميران محمد شاهه جسٽس تسليم سلطانا، جسٽس رياضت علي سحر جسٽس محمد حسن اڪبر جسٽس عبدالحامد، جسٽس جان علي جوڻيجو جسٽس ناصر احمد ڀنڀرو جسٽس علي حيدر ادا، جسٽس عثمان علي ۽ جسٽس محمد جعفر رضا شامل آهن جڊيشل ڪميشن جسٽس خالد حسين شاهاڻي ۽ جسٽس فياض الحسن شاهه کي 6 مهينن لاءِ واڌ ڏيڻ جي منظوري ڏني. اجلاس ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ جي مدي ۾ به 6 مهينن جي واڌ جو فيصلو ڪيو ويو گڏوگڏ آئيني بينچ لاءِ جسٽس امجد علي جسٽس حسن اڪبر ۽ جسٽس عثمان علي هادي کي نامزد ڪيو ويو

بقايا 2 منصوبو

جو منصوبو ٺاهي رهي آهي ويلٿ پاڪستان وٽ دستياب هڪ دستاويز موجب اهو قدم پرڏيهي وزارت جي وسيع تر ڪوشش جو حصو آهي جنهن جو مقصد پنهنجي نظام کي جديد ۽ ڊجيٽل بڻائڻ آهي ته جيئن عوام جي لاءِ خدمتن کي وڌيڪ پهچ جوڳو ۽ آسان بڻائي سگهجي، اها ايپ ان انداز ۾ تيار ڪئي پئي وڃي ته انساني مداخلت گهٽ کان گهٽ ٿئي ۽ دستاويزن جي تصديق جي عمل جي ريئل ٽائيم نگراني ممڪن ٿي سگهي ايپ جي ذريعي نه رڳو درخواستن جي سڌوسنئون نگراني جي سهولت فراهم ڪئي ويندي پر صارفين گهٽ کان گهٽ انساني شموليت سان وزارت جي خدمتن مان فائدو پڻ کڻي سگهندا. ان سان وزارت جي آفيسن جي بار بار جسماني دوري جي ضرورت نمايان طور تي گهٽ ٿي ويندي ۽ درخواست جي عمل ۾ آساني پيدا ٿيندي جنهن سان صارف دوست تجربو يقيني بڻائي سگهبو اهو قدم مختلف سرڪاري ادارن ۽ ڊيٽا بيسز جي انضمام جي وسيع تر ويڙن جو حصو آهي جنهن ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن، انٽر بورڊ ڪميٽي آف چيئرمين، نيشنل ڊيٽا بيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) ۽ صوبائي ڊيٽا بيسز شامل آهن ته جيئن هڪ ٺوس ۽ موثر نظام جوڙي سگهجي وڌيڪ اهو ته پرڏيهي وزارت پنهنجي عمارت ۾ هڪ نئون قونصلر هال تعمير ڪرڻ جو پڻ منصوبو رکي ٿي ته جيئن خدمتن جي وڌندڙ طلب کي پورو ڪري سگهجي وزارت معتبر سروس فراهم ڪندڙن سان حصيداري جي ذريعي مڪمل ڊيجيٽلائيزيشن جي لاءِ ون ونڊو حل تي پڻ ڪم ڪري رهي آهي ته جيئن عوام سمورين ضروري خدمتون هڪ ئي جڳهه تان حاصل ڪري سگهي جنرل اٽيسٽيشن جي عمل جي ڊيجيٽلائيزيشن، اپوسٽائل اٽيسٽيشن جي ڪامياب مثال کي نظر ۾ رکندي ڪئي ويندي جنهن سان دستاويزن جي تصديق جو عمل جديد ٿيندو ۽ آن لائين پهچ وڌيڪ آسان ٿي ويندي نئين ڊيجيٽل حڪمت عملي جو هڪ اهم رخ آسان خدمت مرڪزن سان خدمتن جو انضمام به آهي جنهن جي ذريعي مقامي سطح تي سرڪاري خدمتن جي فراهمي ممڪن ٿيندي ۽ سڄي ملڪ جي شهرين جي لاءِ پهچ بهتر بڻائي سگهبي ويلٿ پاڪستان سان ڳالهائيندي پرڏيهي وزارت جي سيڪريٽري آمنه بلوچ چيو ته ان تبديلي جو مقصد هڪ وڌيڪ موثر شفاف ۽ صارف مرڪوز پرڏيهي وزارت جوڙڻ آهي جيڪا ان مستقبل جو بنياد رکندي جتي عوامي خدمت رڳو هڪ بٽڻ دٻائڻ تي دستياب هوندي

بقايا 3 غور

لائحه الفلاسي جي سربراهي ۾ يو اي اي جي وفد ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪ يو اي اي ناتن گڏيل سهڪار ۽ مسافرن لاءِ اميگريشن عمل وڌيڪ آسان بڻائڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ پري اميگريشن ڪليئرنس جي حوالي سان باضابطه معاهدو ڪيو ويندو ان نئين نظام جي شروعاتي ابتدائي طور تي پائليٽ بنيادن تي ڪئي ويندي جڏهن ته پائليٽ منصوبي جي شروعات ڪراچي کان پهرين مرحلي ۾ ڪئي ويندي وفاقي وزير ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته پري اميگريشن ڪليئرنس تحت مسافرن جي اميگريشن ۽ لاڳاپيل ڪليئرنس پاڪستان ۾ ئي مڪمل ڪئي ويندي ۽ ان نظام کي لاڳو ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن مسافر يو اي اي پهچندا ته کين اميگريشن جي ڊگهي ڪارروائيءَ سان گذرڻ جي ضرورت نه پوندي ۽ هو ڊوميسٽڪ مسافر جيان سڌو ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري ايندا. هن چيو ته ان قدم سان سفر ۾ سهولت، وقت جي بچت ۽ مسافرن لاءِ مجموعي تجربو بهتر هوندو. يو اي اي وفد انهن قدمن کي ٻنهي ملڪن جي عوام لاءِ فائديمند قرار ڏيندي سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ طئي ٿيو ته پائليٽ منصوبي جي انتظامي ۽ فني معاملن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ لاڳاپيل عملدار رابطا جاري رکندا ۽ ڪامياب پائليٽ کان پوءِ ان نظام کي ترتيبوار وڌيڪ ماڳن تائين واڌ ڏني ويندي وفد ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊجيٽل ٽرانسفارميشن جما عبدالله القابي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ايئرپورٽس حماد سيد المشغوني ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شامل هئا. ملاقات ۾ گهرو معاملن وارو مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ گهرو سيڪريٽري خرم آغا به موجود هئا.

بقايا 4 دعوت

ڏيندي، سمورن ڌرين جي اتفاق سان اليڪشن ڪميشن جي نئين سر جوڙجڪ جو مطالبو ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر جي صدارت هيٺ تحريڪ انصاف جي پارليامينٽري پارٽيءَ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ پارٽي جي ايم اين ايز شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اتفاق راءِ سان ٺهراءُ منظور ڪيو ويو جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته بي بنياد ۽ سياسي بنيادن تي قائم ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ۽ پي ٽي آءِ باني سان ملاقاتون بحال ڪيون وڃن. ٺهراءُ ۾ پنجاب حڪومت طرفان ڪارڪنن تي لٺبازي ۽ سنڌ حڪومت طرفان دوري دوران رنڊڪون ڪرڻ جي مذمت پڻ ڪئي وئي. ٺهراءُ موجب ملڪ هن وقت انتهائي نازڪ ۽ پيچيده سياسي دور مان گذري رهيو آهي جمهوري قوتن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته هڪ نئين ميثاق جمهوريت تي اتفاق ڪيو وڃي ٺهراءُ ۾ اهو به مطالبو ڪيو ويو ته اليڪشن ڪميشن پاڪستان جي اهڙي نئين سر جوڙجڪ ڪئي وڃي جنهن تي سمورين ڌريون راضي هجن ۽ شفاف، آزاد ۽ منصفانهءَ اليڪشن يقيني بڻائي وڃي ان ڪانسواءِ سياسي قيدين سان انصاف ۽ قانوني برابري کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو ويو ۽ پارليامينٽري پارٽي تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي قيادت کي لاهور جي دوري تي ڀليڪار پيش ڪئي.

بقايا 5 ڳالهه ٻولهه

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ميانمار جي پرڏيهي وزير يوٿان سوي سان ڪالهه اڱاري ڏينهن ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب ٻنهي ڌرين خطي جي مسئلن کي پرامن ڳالهين جي ذريعي حل ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ويجهي ۽ تعميري رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 6 مقرر

حڪومت ڀارت لاءِ پنهنجو پهريون باقاعده نمائندو مقرر ڪري ڇڏيو آهي جيڪو نئين دهلي جي سفارتخاني ۾ خدمتون انجام ڏيندو پرڏيهي ميڊيا مطابق افغان سفارتخاني جو چوڻ آهي ته نمائندو نور احمد نور پرڏيهي وزارت سان لاڳاپيل آهي، هو اڳ ۾ ڪيترين ئي ڀارتي اختيارين سان ملاقاتون ڪري چڪو آهي سفارتخاني ايڪس تي پوسٽ ۾ لکيو ته ٻنهي پاسن کان افغانستان ۽ ڀارت وچ ۾ لاڳاپن ۾ بهتري جي اهميت تي زور ڀريو آهي ٻئي پاسي ڀارت طرفان هن وقت تائين ان حوالي سان ڪا ڳالهه سامهون ناهي آئي جڏهن ته افغان سفارتخاني نور احمد نور جي اهڙي تصوير به پوسٽ ڪئي آهي جنهن ۾ هو ڀارت جي پرڏيهي وزارت جي سينئر عهديدار آنند پرڪاش سان خوشي سان هٿ ملائي رهيو آهي ياد رهي ته آڪٽوبر ۾ ڀارت چيو هو ته هو افغانستان ۾ پنهنجي مشن کي اپ گريڊ ڪندو ۽ ان کي مڪمل سفارتخاني جو درجو ڏنو ويندو. جڏهن ته روس دنيا جو واحد ملڪ آهي جنهن سرڪاري طور طالبان جي حڪومت کي تسليم ڪيو آهي

بقايا 7 شامل

توازن قائم ڪرڻ لاءِ ضابطي ڪاري اٿر آهي. هن اها ڳالهه گذريل ڏينهن هٽي آءِ ڪوئن ٽيڪنالاجي جي وفد سان ملاقات ۾ چئي، جنهن جي قيادت ۾ چيئرمين ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر چينٽ سلويسٽري ڪري رهيو هو ناڻي واري وزير وفد کي پاڪستان حڪومت طرفان ڊجيٽل اثاثن لاءِ منظم ۽ ذميدارانو فريم ورڪ جوڙڻ لاءِ جاري ڪوشش کان آگاهه ڪيو هن وفد کي پاڪستان ڪرپٽو ڪائونسل ۽ پاڪستان ورچوئل اثاثا ريگيوليٽري اٿارٽيءَ جي قيام بابت اڳڀرائيءَ کان به آگاهه ڪيو ۽ انهن قدمن جي پس منظر پاليسي قدمن جي ترتيب، مارڪيٽ جي ترقي، مالي شموليت، شفافيت ۽ صارفين جي تحفظ تي ان جي وسيع اثرن جي وضاحت ڪئي ناڻي واري وزير عالمي تجزياتي رپورٽن جو حوالو ڏيندي عالمي سطح تي ڊجيٽل اثاثن بابت سرگرمين ۾ پاڪستان جي وڌندڙ شموليت کي اجاگر ڪيو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته حڪومت انهن سرگرمين کي هڪ اهڙي بهتر منظم ماحول ۾ اختيار ڪرڻ چاهي ٿي جيڪا صارفين جي تحفظ کي يقيني بڻائي ۽ گڏوگڏ ئي جدت ۽ سيڙپڪاريءَ جي حوصلا افزائي ڪري هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته خاص ڪري اهڙي وقت ۾ جڏهن پاڪستاني شهرين طرفان ڊجيٽل اثاثن جي استعمال ۾ تيزي سان واڌ ٿي رهي آهي، موقعن ۽ خطرن وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ لاءِ ضابطه ڪاري اٿر آهي سندس چوڻ هو ته جوڙيل پاليسي فريم ورڪ جي مارڪيٽ جي شرڪت ڪندڙن کي واضح رهنمائي فراهم ڪرڻ عالمي بهترين طريقيڪار سان هم آهنگ هئڻ ۽ اسٽيٽ بئنڪ سميت لاڳاپيل ريگيوليٽرز وچ ۾ هم آهنگي يقيني بڻائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو وڃي ته جيئن منظم مارڪيٽ ترقي ۽ اداره جاتي شموليت ممڪن ٿي سگهي چينٽ سلويسٽري آمريڪا ۽ ڪئنيڊا جي مارڪيٽن جي تجربن جي روشنيءَ ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ۽ بئنڪن، ايڪسچينجز ۽ وڏن صارفين تي ٻڌل پليٽ فارمز سان آءِ ڪوائن ٽيڪنالاجي جي حوالو ڏنو هن وضاحت ڪئي ته آمريڪا مارڪيٽن ۾ ريگيوليٽري وضاحت روايتي مالياتي ادارن کي اهو موقعو فراهم ڪيو آهي ته هو بنيادي بئنڪاري نظام کي نئين سر جوڙڻ ڏيڻ بنا موجوده انفراسٽرڪچر ذريعي ڊجيٽل اثاثن سان ڳنڍجي سگهن هن والٽ تي ٻڌل مدل ويئر ۽ سوفٽنگ ٽيڪنالاجيز جي ڪردار تي به روشني وڌي جيڪا بئنڪن کي ايڪسچينجز سان محفوظ انداز ۾ ڳنڍڻ ليڪويڊيٽي جي انتظام تعميل کي بهتر بڻائڻ ۽ صارفين کي ان جي ڄاتل سڃاتل بئنڪاري ايپس ذريعي ڊجيٽل اثاثن واريون خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي وفد ان ڳالهه تي زور ڀريو بلاڪ چين ٽيڪنالاجي ۽ اسٽيبل ڪوائنز مالياتي انفراسٽرڪچر کي جديد بڻائڻ جي غير معمولي صلاحيت رکن ٿا چاڪاڻ ته هي تمام تين گهٽ لاڳت ۽ وڌيڪ شفاف ڏي وٺ کي ممڪن بڻائين ٿا جڏهن ته ريگيوليٽري نگراني به برقرار رهي ٿي ان سلسلي ۾ آمريڪا ۾ ٿيندڙ تازي قانونسازيءَ جو به حوالو ڏنو ويو جنهن جو مقصد ڊجيٽل اثاثن بابت ضابطه ڪاري خاص ڪري اسٽيبل ڪوائنز ۽ بئنڪاري اندر ڊجيٽل اثاثن جي لاڳو ڪرڻ ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ آهي وفد نشاندهي ڪئي ته مختلف ملڪن ۾ نوجوان ۽ ٽيڪنالاجي سان واقف آبادي پهرين ئي ڊجيٽل اثاثن سان ڳنڍيل آهي ۽ بئنڪن ذريعي منظم شموليت ان سرگرميءَ کي رسمي مالياتي نظام اندر برقرار رکڻ ۾ مدد ڏئي رهي آهي. ملاقات ۾ آءِ ڪوائن جي عالمي سرگرمين تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جنهن ۾ اهڙن ڀائيوارن جا منصوبا شامل آهن جيڪي وڏن صارفين کي ڊجيٽل اثاثن وارين خدمتن تائين پهچ فراهم ڪن ٿا وفد مقامي ڀائيوارن سان گڏجي پاڪستان ۾ موقعا تلاش ڪرڻ ۾ ڪمپنيءَ جي دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو ۽ لاڳاپيل ريگيوليٽري رستن، لائسنسنگ جي گهرجن ۽ بئنڪن ۽ ريگيوليٽرز سميت لاڳاپيل ادارن سان رابطا ڪاري جي طريقيڪار بابت رهنمائي طلب ڪئي ناڻي واري وزير مشورو ڏنو ته جيوٽيڪ ريگيوليٽري منظرنامو اڃا ارتقائي مرحلي ۾ آهي ان لاءِ دلچسپي رکندڙ بئنڪن ۽ لاڳاپيل ادارن سان شروعاتي سطح تي رابطا قائم ڪرڻ هاڪاري قدم هوندو جڏهن ته اسٽيٽ بئنڪ سميت ريگيوليٽرز سان مسلسل ڳالهيون به جاري رکيون وڃن هن ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان ڊجيٽل اثاثا جاتي ايڪو نظام جي جوڙجڪ جي شروعات پر اهم مرحلي ۾ آهي اسان قومي ترجيحن سان هم آهنگ علم جي مٽاسٽا ۽ ذميدارانه سيڙپڪاري جي آجيان ڪريون ٿا ڌرين گڏيل رابطا برقرار رکڻ سهڪار جي امڪاني شعبن جو جائزو وٺڻ ۽ پاڪستان ۾ شفاف، جامع ۽ بهتر طور تي منظم ڊجيٽل اثاثا جاتي مارڪيٽ جي جوڙجڪ لاءِ خيالن جي ڏي وٺ جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو آءِ ڪوائن ٽيڪنالاجي بلاڪ چين انفراسٽرڪچر ڪمپني آهي جيڪا ڪرپٽو ڪرنسيءَ لاءِ جديد هارڊ ويئر والٽ سسٽم تيار ڪرڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي وفد ۾ ليفٽيننٽ (ر) ڪيري روبلنگ (جيڪو آءِ ڪوائن ٽيڪنالاجي جو صلاحڪار آهي) محمود اظهر جبار چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ٽيڪس ايڪسس ۽ طارق حفيظ ملڪ چيف ٽيڪنالاجي آفيسر ٽيڪ ايڪسس به شامل هئا.

بقايا 8 اعلان

سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي هڪ بيان ذريعي ڪيو صدر ڊونلڊ ٽرمپ مطابق جيڪو به ملڪ اسلامي جمهوريه ايران سان ڪنهن به نوعيت جو ڪاروبار ڪندو ان تي آمريڪا سان ڪندڙ هر قسم جي واپاري سرگرمين تي 25 سيڪڙو واڌو ٽيڪس لاڳو ٿيندي هن واضع ڪيو ته اهو فيصلو حتمي ۽ نه واپسي جوڳو آهي آمريڪي صدر جو چوڻ هو ته اها پاليسي فوري طور تي لاڳو ٿي چڪي آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي نرمي نه ڪئي ويندي ان اعلان کي عالمي واپاري ۽ سفارتي حلقن ۾ هڪ سختي ۽ غير معمولي قدم قرار ڏنو پيو وڃي ماهرن مطابق ان فيصلي سان نه رڳو ايران سان ڪاروبار ڪندڙ ملڪ متاثر ٿيندا پر عالمي واپار تي به اثر پئجي سگهي ٿو

بقايا 9 اعلان

سوڪل جو اعلان تعليم کاتي سوڪل جو حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 10 راجا اظهر

وڌيڪ ڪوڙن جي پريزنٽيشن هئي راجا اظهر چيو ته سنڌ حڪومت هڪ هٿ سان جلسي جو اين او سي جاري ڪيو جڏهن ته ٻئي هٿ سان پرامن ڪارڪنن تي لٺيون وسايون ويون هن سوال ڪيو ته رات ۾ وڳي پوليس ڪنهن جي اشاري تي باغ جناح خالي ڪرايو ۽ فيمليز تي تشدد ڪيو ويو پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر چيو ته پوليس ڪارڪنن جي گاڏين سان ٽوڙ ڦوڙ ڪئي، ڪيترن ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سنڌ حڪومت طرفان جلسي جي اجازت اهڙي هئي جڻ دعوت ڏئي دروازي تي ئي پهرو ويهاري ڇڏيو وڃي راجا اظهر چيو ته سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ آهن پر پيپلز پارٽي سياسي ضد سبب انهن کي به نشانو بڻايو آهي هن الزام لڳايو ته پيپلز پارٽي وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي لاءِ حيدرآباد ۾ سڙڪون بلاڪ ڪرايون راجا اظهر چيو ته ڪراچي جي عوام جنهن نموني سان سهيل آفريدي جو شاندار استقبال ڪيو اهو پيپلز پارٽي لاءِ خبردار ڪندڙ پيغام کان گهٽ ناهي آخر ۾ راجا اظهر چيو ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ موومينٽ ڪامياب ٿي چڪي آهي ۽ 8 فيبروري تي هر گهٽي ۽ هر چوڪ عوام جي آواز بڻجي ويندو

بقايا 11 فيصلو

هي فيصلو زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ سنڌ سيڊ ڪارپوريشن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ ٿيل اجلاس ۾ ڪيو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري زراعت محمد زمان ناريجو ايڊيشنل سيڪريٽري ادريس ڪوسو ايم ڊي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن عبدالفتاح هليو سميت لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران سنڌ سيڊ ڪارپوريشن جي مجموعي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جڏهن ته عملدارن طرفان ڪارڪردگي بابت رپورٽون پيش ڪيون ويون. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل سال 352 ايڪڙ وڌيڪ زمين تي ڪڻڪ پوکي وئي، جنهن بعد ڪڻڪ جي مجموعي پوک 2242.85 ايڪڙ تائين پهچي وئي بريفنگ موجب ڪپهه جي فصل مان هڪ ڪروڙ 20 لک رپيا، جڏهن ته چانورن مان هڪ ڪروڙ 60 لک رپين جي آمدني حاصل ڪئي وئي. اجلاس کي آگاهي ڏني وئي ته سنڌ سيڊ ڪارپوريشن پاران هارين کي ڪڻڪ جي ٻج جا 2170 ٻيگز فراهم ڪيا ويا ايم ڊي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن بريفنگ دوران ٻڌايو ته 295 من ڪپهه جي جننگ ڪئي وئي، جڏهن ته فش پونڊز مان به آمدني حاصل ڪئي وئي آهي زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر ٻڌايو ته لينڊ گريبرز خلاف به ايف آءِ آر داخل ڪيون ويون آهن. جڏهن ته گهوٽڪي ضلعي ۾ 120 ايڪڙ زمين ناجائز قبضي مان آزاد ڪرائي اتي ڪڻڪ پوکي وئي آهي سردار محمد بخش مهر هدايت ڪئي ته سنڌ سيڊ ڪارپوريشن جي صوبي ڀر ۾ موجود سموري زرعي زمين جي جيو مارڪنگ ڪرائي وڃي، جنهن تحت زمين جون حدون، رقبو ۽ جڳهه جي جي پي ايس ۽ نقشن ذريعي ڪمپيوٽرائيزڊ سسٽم ۾ محفوظ ڪيون وينديون هن ايم ڊي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن کي هدايت ڏني ته ايندڙ وقت ۾ صوبي جي هارين کي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن وسيلي سرڪاري معياري ٻج سستي اگهن تي فراهم ڪيو وڃي سردار محمد بخش مهر چيو ته جاري ڪيل اصلاحات ذريعي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن کي مالي ۽ انتظامي طور هاڻ پنهنجي پيرن تي بيهاريو ويو آهي

بقايا 12 منظوري

ترميمي بل فوري طور تي عمل ۾ اچي ويو آهي. ترميمي قانون تحت سنڌ صوبي ۾ شهري تحفظ، نگراني، جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ امن امان جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ مضبوط بڻايو ويندو سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي دائري کي وڌائڻ سان ڏوهن جي روڪٿام، بروقت نگراني ۽ عوام جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملندي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ان موقعي تي چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي کي جديد ضرورتن سان ترتيب ڏيڻ سان امن امان جي صورتحال وڌيڪ بهتر ٿيندي

بقايا 13 برآمد

موبائيل شاپ مان 4 لک رپيا ڪيش رقم چوري ٿيل وٺي ڳاڙهو پوليس ابراهيم حيدري جي علائقي مان ڪاروائي ڪري چوري ٿيل 4 لک رپيا برآمد ڪري ورتا ٻن ڏينهن اڳ ڳاڙهو شهر مان واپاري حاتم ڪني جي موبائيل شاپ مان 4 لک رپيا ڪيش رقم چوري ٿيل وٺي جنهن جي ڳاڙهو ٿاڻي تي اين سي داخل ٿيل هئي ايس ايڇ او ڳاڙهو عبدالحميد روڻائيءَ پوليس نفري سان گڏ ابراهيم حيدري جي بنگالي پاڙي ۾ هڪ گهر تي ڇاپو هڻي چوري ٿيل ڪيش رقم 4 لکين رپيا برآمد ڪري ورتا برآمد ٿيل رقم حاتم ڪني جي حوالي ڪئي وئي ڳاڙهو پوليس جي اهڙي ڪارروائي جي سياسي سماجي اڳواڻن واکاڻ ڪئي آهي

بقايا 14 مرتضيٰ وهاب

ممڪن بڻجي سگهي هن چيو ته پگهارن جي ادائگي لاءِ ايس آءِ پي (SAP) سسٽم جي ڪامياب عملداري کان پوءِ هاڻي ڪي ايم سي سمورن باقي مالي معاملن جي ڊجيٽلائيزيشن لاءِ تيار آهي، ڳالهيون هن ڪنٽرولر جنرل آف اڪائونٽس (CGA) پاڪستان جي ماتحت ڪم ڪندڙ اداري فنانشل اڪائونٽنگ اينڊ بجيٽنگ سسٽم (FABS) جي وفد سان ٿيل اجلاس دوران ڪيون ان موقعي تي ڪي ايم سي جي مشير ماليات گلزار ابڙو ميئر ڪراچي جو سينيئر ڊائريڪٽر ڪوآرڊينيشن اخلاق احمد يوسفزئي، ڊائريڪٽر ميڊيا دانيال سيال سميت ٻيا سينيئر آفيسر پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته مالي ۽ انتظامي سڌارن ڏانهن هڪ اهم قدم طور بلديه عظميٰ ڪراچي پينشن ۽ ترقياتي ادائگين جي نظام کي مڪمل طور تي ڊجيٽل بڻائڻ ۽ سمورين ادائگيون محفوظ اليڪٽرانڪ پليٽ فارمن ذريعي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن شفافيت، ڪارڪردگي ۽ احتساب کي يقيني بڻائي سگهجي فنانشل اڪائونٽنگ اينڊ بجيٽنگ سسٽم (FABS) جي ميمبرن بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته شفافيت وڌائڻ ذاتي مداخلت گهٽائڻ ۽ مالي معاملن جي مجموعي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. وفد جامع سڌارن بابت آگاهي ڏيندي چيو ته ڪي ايم سي ۾ بلدياتي ادائگين جي جديدڪاري ۽ مالي نظم و نسق کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڊجيٽل سسٽم بهترين مددگار ثابت ٿيندو وفد زور ڏنو ته ڊجيٽل ادائگين جو نظام اختيار ڪرڻ اندروني ڪنٽرول مضبوط ڪرڻ ۽ جديد مالي مينيجمينٽ ٽولز کي ضم ڪرڻ سان ڪي ايم سي کي جديد عوامي شعبي جي معيارن مطابق آڻي سگهجي ٿو ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪي ايم سي ۾ هر ادائگي مڪمل طور تي ڊجيٽل هئڻ گهرجي جرمانا، چالان ڪرائيداريون ۽ سمورين بلدياتي فيسون پڻ اليڪٽرانڪ ادائگي چينلز ذريعي وصول ڪيون وڃن هن چيو ته شهرين لاءِ آسان ادائگين ۽ مڪمل شفاف نظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ پيمنٽ سلپ آئي ڊيز (PSIDs) جاري ڪيون وينديون وفد ميئر ڪراچي کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊلز تحت منصوبا متعارف ڪرائڻ ۽ ويسٽ ٽو انرجي منصوبن ۾ سيڙپڪاري جي موقعن بابت پڻ آگاهه ڪيو ته جيئن اضافي مالي وسيلا پيدا ڪري سگهجن ۽ پائيدار شهري ترقي کي هٿي ملي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڪي ايم سي کي مالي ۽ انتظامي طور وڌيڪ خودمختيار بڻائڻ جي پنهنجي ويزن تي زور ڏيندي چيو ته مضبوط مالي سڌارا بلدياتي خدمتن جي بهتري ۽ مڪاني حڪومت جي استحڪام لاءِ انتهائي ضروري آهن هن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته جامع سڌارن جو منصوبو فوري طور تي تيار ڪري ان تي عملدرآمد ڪيو وڃي. انهن سڌارن جي نفاذ کان پوءِ اميد آهي ته بلديه عظميٰ ڪراچي ملڪ جي بهترين ميونسپل ڪائونسل بڻجي ويندي، جيڪا مڪمل طور تي ڪيش ليس ڊجيٽل ادائگي نظام تحت ڪم ڪندي، جيڪا ٻين مڪاني حڪومتن لاءِ هڪ مثال ثابت ٿيندي

بقايا 15 هدايت

پرڏيهي ميڊيا موجب ورچوئل امبيسي پنهنجي ويب سائيٽ تي جاري بيان ۾ چيو آهي، ته آمريڪي شهري انٽرنيٽ جي مسلسل بندش جي اميد رکن ۽ رابطي جي متبادل ذريعن جي منصوبابندي ڪن ۽ جيڪڏهن محفوظ هجي ته زميني رستي کان آرمينيا يا ترڪيه ذريعي ايران مان نڪرڻ تي غور ڪن بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آمريڪا ايران ٻٽي شهريت رکندڙ ماڻهن کي ايراني پاسپورٽ تي ئي ايران مان نڪرڻ گهرجي چاڪاڻ ته ايران جي حڪومت ٻٽي شهريت کي تسليم نٿي ڪري بيان ۾ چيو ويو آهي، ته ايران ۾ آمريڪي شهرين کي تفتيش، گرفتاري يا حراست ۾ وٺڻ جا سنگين خطرا موجود آهن بيان ۾ اهو به چيو ويو ته ايئر لائينز ايران اچڻ ۽ وڃڻ واريون اڏامون محدود يا رد ڪري رهيون آهن جڏهن ته ڪجهه ايئر لائينز جمعي تائين پنهنجي سروس معطل ڪري ڇڏي آهي. آمريڪي پرڏيهي کاتو ڊگهي عرصي کان ايران کي ليول 4 جو سفر نه ڪرڻ جي درجه بندي ڏئي چڪو آهي ۽ خبردار ڪندو رهيو آهي ته آمريڪي شهري ڪنهن به سبب ايران جو سفر نه ڪن جڏهن ته اتي موجود ماڻهن کي سنگين سيڪيورٽي خطرن سبب فوري طور تي ملڪ ڇڏي ڏيڻ گهرجي ايران ۾ آمريڪا جو ڪو به سفارتخانو يا قونصلر موجود ناهي جڏهن ته تهران ۾ سوئٽزرلينڊ جو سفارتخانو آمريڪي مفادن جو محافظ ملڪ طور خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي، پر اهي خدمتون محدود آهن. واضح رهي ته ڊسمبر جي آخر کان ايران جي مختلف شهرن ۾ قومي ڪرنسي جي شديد قدر ۾ گهٽتائي ۽ معاشي ڏکيائين خلاف احتجاجي مظاهرا جاري آهن سيڪيورٽي فورسز ۽ شهرين وچ ۾ ٽڪرين سبب فوتگين ۾ مسلسل اضافي جون رپورٽون جاري ٿي رهيون آهن

بقايا 16 تقريب

جوش ۽ جذبي سان ملهايو ان موقعي تي ساليانو فوڊ فيئر 2026 جو پڻ انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن گڏيل طور تي مختلف فوڊ اسٽال لڳايا ۽ پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو تقريب جي خاص مهمان محترم قدسيه اڪبر سي اي او لمبس فائونڊيشن پاڪستان هئي جڏهن ته تقريب ۾ همدرد فائونڊيشن پاڪستان جي صدر محترمه سعديه راشد (هلال امتياز)، محترمه فاطمه الزهرا (نائب صدر مدينة الحڪمة)، فيصل نديم (چيف فنانشل آفيسر)، پروفيسر ڊاڪٽر عمران امين (وائيس چانسلر همدرد يونيورسٽي)، ايڊمنسٽريٽر خالد نسيم ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪيون پنهنجي خطاب ۾، خاص مهمان قدسيه اڪبر همدرد انتظاميه جو دعوت نامي ۽ بهترين انتظام تي شڪريو ادا ڪيو ۽ شهيد پاڪستان حڪيم محمد سعيد جي علمي تعليمي ۽ سماجي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته حڪيم سعيد تعليم کي قوم جي تعمير جي بنياد سمجهندو هو ۽ ٻارن جي تربيت ۽ ڪردار جي تعمير تي خاص ڌيان ڏيندو هو هن محترمه سعديه راشد جي خدمتن جي پڻ تعريف ڪئي ۽ چيو ته هوءَ حڪيم محمد سعيد جي مشن کي ڀرپور طريقي سان اڳتي وڌائي رهي آهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي همدرد فائونڊيشن پاڪستان جي صدر سعديه راشد چيو ته حڪيم محمد سعيد کي ٻارن سان بيحد پيار هو ۽ سندس خواب هو ته پاڪستان جو هر ٻار علم جي روشني سان روشن ٿئي، حب الوطني جي جذبي سان ڀريل هجي ۽ ملڪ کي ترقي ۽ خوشحالي جي رستي تي هلائي. همدرد هن ويزن تحت نئين نسل جي تعليم ۽ تربيت ۾ مصروف آهي. تقريب دوران معزز مهمانن فوڊ فيئر جي مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو شاگردن جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ انهن جي حوصلا افزائي ڪئي تقريب جي آخر ۾ شاگردن جي محنت، استادن جي رهنمائي ۽ انتظاميه جي ڪوشش کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن فوڊ فيئر مان ڀرپور لطف اندوز ٿيا

بقايا 17 مطالبو

بروهي گوٺ ۾ مدرسه جي معلم پاران انسانيت سوز تشدد جو دل ڏڪائيندڙ واقعو پيش آيو آهي مدرسه جي معلم جي تشدد سبب ڇهن ورهين جو معصوم شاگرد حسن لڳ ڀڳ 40 ڏينهن حياتي ۽ موت جي جنگ وڙهڻ بعد دم ڏئي ڇڏيو متوفي ٻار جي والد حبيب موجب، پهرين ڊسمبر تي معلم ڊنڊن سان مارڪٽ ڪري حسن جي مٿي جي هڏي ٽوڙي ڇڏي هئي جنهن سبب ٻار جي دل، دماغ ۽ ڦڦڙن ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو والد جو چوڻ آهي ته مدرسه اندر تشدد جو نشانو بڻيل معصوم شاگرد آخرڪار زندگي جي بازي هارائي ويٺو واقعي بعد وارثن ۽ مٽن مائٽن پاران حسن لاءِ انصاف جو مطالبو ڪيو ويو آهي مقتول حسن جي نماز جنازه منگهوپير ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ عزيزن اقارين ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پوليس موجب، تشدد واري واقعي ۾ نامزد ملزم معلم الله بچايو ولد منظور احمد کي اڳ ئي گرفتار ڪيو ويو هو پر عدالت طرفان ٻه لک رپين جي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو هو جنهن تي وارثن سخت اعتراض ڪيو آهي شاگرد جي فوت ٿيڻ بعد پوليس پاران فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڪيس ۾ قتل جون دفعات شامل ڪيون وينديون جڏهن ته قتل جون دفعات شامل ڪرڻ بعد ملزم کي ٻيهر گرفتار ڪيو ويندو پوليس جو چوڻ آهي ته وارثن کي مڪمل انصاف فراهم ڪيو ويندو

بقايا 18 گرفتار

ڏيڻ جي صورت ۾ فيڪٽري کي باهه ڏيڻ جي ڌمڪي ڏيڻ جي ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي تفصيل موجب عوامي ڪالوني پوليس ڪارخاني جي سيڪيورٽي انچارج محمد اصغر جي شڪايت تي ڪورنگي سيڪٽر 28 ۾ ڀتو نه ڏيڻ جي صورت ۾ فيڪٽري کي باهه ڏيڻ جي ڌمڪي ڏيڻ جي ڪيس ۾ نامزد جوابدارن خلاف ڀتا خوري، قتل ۽ دهشتگردي خلاف دفعات تحت ڪيس داخل ڪيو هو ڪيس جي متن موجب شهزاد نالي هڪ شخص جيڪو ڪمپني جو ملازم هو کي انتظاميا خراب ڪردار جي ڪري نوڪري تان ڪڍي ڇڏيو هو 9 جنوري جي صبح شهزاد پنهنجي ٻين ساٿين اقبال، سديس اشفاق ۽ ٻين نامعلوم ساٿين سان گڏ فيڪٽري ۾ آيو ۽ انتظاميا کي ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن اڳ وانگر لکين رپين جي ڀتا خوري نه ڏني وئي ته اهي فيڪٽري کي باهه ڏئي ڇڏيندا اهي سڀني ماڻهن کي ماري ڇڏيندا ۽ ڪنهن کي به فيڪٽري ۾ داخل ٿيڻ نه ڏيندا متن موجب جوابدار اڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا فيڪٽري مان ڀتا خوري ۾ لکين رپيا وصول ڪري چڪو آهي جوابدارن فيڪٽري انتظاميا تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ ڌرڙو پڻ هنيو ڪيس داخل ڪرڻ کان پوءِ پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪئي هئي ۽ نماز کان پوءِ ڪيس جي جاچ ايس آءِ يو ڏانهن منتقل ڪئي وئي ۽ هڪ اطلاع تي ڪارروائي ڪندي، ايس آءِ يو پوليس ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن اختيار ۽ اقبال کي گرفتار ڪيو ايس ايس پي ايس آءِ يو ڊاڪٽر عمران خان ميڊيا کي ٻڌايو ته پوليس نامزد ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي. گرفتار جوابدارن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ ۽ انهن جي ساٿين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن گرفتار جوابدارن جو اڃا تائين ڪنهن به سياسي پارٽي سان ڪو به تعلق نه رهيو آهي ايس ايس پي چيو ته گرفتار جوابدارن جو تعلق علائقائي گينگسٽر گروپ سان آهي گرفتار جوابدار اڳ ۾ ئي فيڪٽري مالڪن کان ڀتا وصول ڪري چڪا آهن جڏهن ته هاڻي جوابدار لکين رپين جي وڌيڪ ڀتا گهري رهيا هئا.

بقايا 19 زخمي

ٿيل جي فوري طور تي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي پر سندس نالو 55 سالن جو عبدالواحد آهي، جڏهن ته زخمي 45 سالن جو صالح محمد آهي جنهن کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي پوليس حادثي جي ڌمپر ڊرائيور طارق کي گرفتار ڪري پاڻي جي ٽينڪر کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو آهي پوليس فوتي جي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان حوالي سان وڌيڪ جاچ جاري آهي ايس ايڇ او منگهو پير خوش نواز چيو ته فوت ٿيل جي سڃاڻپ 55 سالن جي عبدالواحد جي نالي سان ٿي آهي، جيڪو واٽر بورڊ جو رٽائرڊ ملازم ٻڌايو پيو وڃي فوتي ۽ زخمي ٻئي دوست آهن ۽ منگهو پير جي اولنگي گوٺ جا رهواسي آهن اهي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ گهر واپس اچي رهيا هئا ته حادثي جو شڪار ٿيا

بقايا 20 حليم عادل

ٿورائتو آهيان حليم عادل شيخ چيو ته ڪراچي حيدرآباد ۽ ڄامشورو جي عوام عمران خان جي سنڌ تي تاريخ ساز استقبال ڪري پنهنجي وفاداري ثابت ڪري ڇڏي آهي سهيل آفريدي عمران خان جو دلير ٽائيگر آهي ۽ سندس آمد سان پوري تحريڪ ۾ نئين جان پئجي وئي آهي هن چيو ته ڪراچي ايئرپورٽ کان پريس ڪلب تائين پنج ڪلاڪن دوران عوامي استقبال ٿيو روڊ، چوراها ۽ رستا ماڻهن سان ڀريل رهيا. ڪراچي جي هر ضلعي ۾ ماڻهن گهرن مان نڪري سهيل آفريدي جو فقيدالمثال استقبال ڪيو حليم عادل شيخ موجب سپر هاءِ وي، ڪوٽڙي، ڄامشورو ۽ حيدرآباد تائين عوامي ريسيپشن ڏنو ويو جتي عوام جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ جهڙو هو بغير اسٽيج بغير ڪنٽينر ۽ بغير جلسي جي به باغ جناح ماڻهن سان ڀرجي ويو پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر چيو ته پيپلزپارٽي شروعات ۾ خوش آمديد رويو اختيار ڪيو پر عوامي استقبال ڏسي يوٽرن وٺي ورتو ۽ عوامي طاقت ڏسي بوکلاهٽ جو شڪار ٿي وئي. هن الزام لڳايو ته وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي کي ست ڪلاڪ حيدرآباد ۾ دانسته طور ٽڪايو ويو ۽ رڪاوٽون وڌيون ويون جلسي جي اجازت جي نالي تي سڄو ڏينهن تماشو لڳايو ويو ۽ شام پنجين وڳي تائين اين او سي جاري نه ڪئي وئي حليم عادل شيخ چيو ته چويهه ڪنٽينر ۽ هزارين ڪرسيون هڪ ڏينهن ۾ لڳائڻ ممڪن نه هو رات دير سان فاسٽ ٽريڪ جو جهانسو ڏنو ويو ۽ ساڍي ٻارهين وڳي پوليس تشدد ۽ ٽوڙ ڦوڙ ڪئي هن چيو ته سنڌ حڪومت ۾ انوکي صورتحال آهي وزير اجازت ڏئي ٿو ڊي سي اين او سي ڏئي، پر ٿاڻي دار نه مڃي سمورا علائقا سيل ڪري وزيراعليٰ خيبرپختونخوا کي ڪراچي وڃڻ کان روڪيو ويو پر ان جي باوجود ڪراچي جي عوام گهرن مان نڪري آئي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر چيو ته پوليس جي ڀاري نفري باوجود عوامي طاقت سڀ کان وڏي ثابت ٿي الله جي فضل سان تحريڪ کي نئون مومينٽم مليو آهي جيڪو هاڻي ڪٽڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف ڪو ون مين شو نه پر مضبوط تنظيمي نيٽ ورڪ آهي ۽ نون مٽي ڪانپوءِ به سنڌ ۾ تنظيمي سرگرميون جاري رهيون آهن حليم عادل شيخ خيبرپختونخوا پنجاب ۽ بلوچستان مان آيل سمورن مهمانن جا ٿورا مڃيا، جڏهن ته وزيراعليٰ ڪي پي جي ڪابينا، ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز جي شرڪت کي ساراهيو آخر ۾ هن چيو ته ميزباني ۾ جيڪڏهن ڪا ڪمي رهي هجي ته سنڌ ڌرتي جي طرفان معذرت آهي سنڌ ڌرتي محبت ۽ مهمان نوازي جي علامت آهي ۽ ڪراچي محبت ورهائڻ وارو شهر آهي

بقايا 21 وڪيل قتل

وئي آهي، جيڪو هاءِ ڪورٽ جي وڪيل شيخ عبدالرئوف جو آهي پوليس ٻڌايو ته وڪيل کي مٿي جي پوئين حصي ۾ گولي هڻي وئي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 22 رد ڪري ڇڏيو

يوهان فادفول گرين لينڊ تي آمريڪا جي امڪاني حملن جي خطرن کي رد ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق پرڏيهي وزير چيو ته مون وٽ ڪو اهڙو اشارو نه آهي ته ان معاملي تي سنجيدگي سان غور ڪيو پيو وڃي، پر منهنجو خيال آهي ته آرڪٽڪ خطي ۾ ايندڙ سيڪيورٽي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ اسان جو گڏيل مفاد آهي. اسان اهو ئي ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اسان ائين ڪنداسين. هن چيو ته نيٽو هن وقت ان حوالي کان وڌيڪ حقيقت پسندانو منصوبو تيار ڪري رهيو آهي ان تي بعد ۾ اسان آمريڪي شراڪتدارن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪنداسين

بقايا 23 شرجيل ميمڻ

اجلاس ۾ تعليم ثقافت، سيڪيورٽي ۽ ترقياتي رٿائن سان لاڳاپيل ڪيترن اهم فيصلن جي منظوري ڏني وئي آهي هن ٻڌايو ته سنڌ ڪابينا اين اي ڊي يونيورسٽي جي گرلز هاسٽل جي ٻي منزل جي تعمير لاءِ 190 ملين رپين جي اي ڊي پي اسڪيم منظور ڪئي جڏهن ته ثقافتي ورثي جي تحفظ لاءِ سکر ۾ سينٽ سيور چرچ ۽ حيدرآباد ۾ سينٽ ٿامس ڪيٿڊرل چرچ جي بحالي لاءِ 109 ملين رپين جي منظوري ڏني وئي آهي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ آرڪائيوز کي مضبوط ۽ جديد بڻائڻ لاءِ ناياب تاريخي محفوظات کي ڊجيٽل ڪيو ويندو هن ٻڌايو ته پرووينشل انٽيليجنس فيوزن اينڊ ٿريٽ اسيسمينٽ سينٽر جي قيام لاءِ 1.24 ارب رپين جي منظوري ڏني وئي آهي جڏهن ته سجاول ۽ شڪارپور لاءِ پڻ مختلف ترقياتي رٿائن جي منظوري ڏني وئي آهي هن چيو ته وفاقي حڪومت جي شوگر سيڪٽر کي 2026 تائين مڪمل ڊي ريگيوليٽ ڪرڻ جي رٿابندي تي سنڌ ڪابينا کي بريفنگ ڏني وئي، جنهن کان پوءِ صحت، زراعت، صنعت، آبپاشي ۽ ثقافت جي وزراءَ تي ٻڌل هڪ ڪميٽي جوڙي وئي جيڪا ايندڙ ڪابينا اجلاس ۾ پنهنجي سفارشون پيش ڪندي هن چيو ته ڪابينا جي اجلاس ۾ سنڌ ڪلائيميٽ فنڊ ۽ سنڌ ڪلائيميٽ چينج بورڊ جي قيام جي به منظوري ڏني وئي. سنڌ ڪابينا شوڪت خانم ميموريل ٽرسٽ کي انفراسٽرڪچر سيس ۾ هڪ سال لاءِ ڇوٽ ڏيڻ جي منظوري ڏني ان کان سواءِ ايم سڪس حيدرآباد کان سکر موٽروي لاءِ 1.13 ارب رپيا صوبي جي بجيٽ مان الڳ منظور ڪيا ويا، ريسڪيو 1122 جي توسيع جو فيصلو ڪيو ويو ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ، وزيراعليٰ هائوس ۽ گورنر هائوس جي ملازمن جي هيلٿ انشورنس جي تجديد جي منظوري پڻ ڏني وئي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير جي سنڌ جي دوري ۽ سندس سنڌ آمد بابت جيئن ئي اطلاع مليو سنڌ حڪومت سائنس رابطو ڪيو ۽ مڪمل سيڪيورٽي ۽ سهولتون مهيا ڪرڻ جي خاطري ڪرائي هن چيو ته ان کان اڳ هڪ ٿريٽ الرٽ مليو ٿيو هو پر ان کي عوامي سطح تي ظاهر نه ڪيو ويو ته جيئن ڪو ان صورتحال جو فائدو نه وٺي. ڪي پي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کي هن امڪاني خطري کان آگاهه ڪيو ويو هو هن ٻڌايو ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير پنهنجي آمد کان اڳ پنهنجو پروگرام مهيا ڪيو هو ۽ سنڌ حڪومت واضح طور چيو هو ته جيڪڏهن بلٽ پروف گاڏي، اضافي پوليس سيڪيورٽي يا ڪنهن ٻي انتظام جي ضرورت پوي ته حڪومت سنڌ اهو فراهم ڪندي هن چيو ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير بلٽ پروف گاڏي وٺڻ کان انڪار ڪيو جڏهن ته سيڪيورٽي وٺڻ تي رضا مندي ظاهر ڪئي جيڪو سندس حق هئي ۽ کيس مڪمل سيڪيورٽي فراهم ڪئي وئي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صوبي جي وزير سيد ناصر حسين شاهه پي ٽي آءِ جي صوبائي اڳواڻن سان رابطو ڪيو ته جيئن سموري پروگرام بهتر انداز ۾ ترتيب ڏئي سگهجي، کين ڀليڪار چيو ويو ۽ اهو به واضح ڪيو ويو ته جيڪڏهن اهي جلسو ڪرڻ چاهين ته جاءِ ٻڌائين، حڪومت سنڌ جاءِ ۽ سهولتون فراهم ڪندي، پر اهو خيال رکيو وڃي ته رستا بنا ڪنهن سبب جي بند نه ٿين ته عوام کي تڪليف نه ٿئي ۽ ڪو اهڙو عمل نه ٿئي جيڪو سيڪيورٽي خدشا وڌي وڃن هن چيو ته سنڌ جي هڪ وزير سينيئر اڳواڻ ۽ ڪراچي ڊويزن جو صدر سعيد غني پاڻ آجيان لاءِ ايئرپورٽ ويو جتي مهمانن کي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي ڏني وئي ۽ هي استقبال خلوص دل سان ڪيو ويو نه ڪنهن ميڊيا پوائنٽ اسڪورنگ يا ڏيکاءَ لاءِ پر سنڌ جي روايتي ميزباني جو حصو هو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پهرين ڏينهن ڳالهه ٻولهه ۾ ڪي پي جي وڏي وزير کي چيو ويو هو ته ڪجهه حساس علائقن ۾ وڃڻ کان پاسو ڪيو وڃي چاڪاڻ ته اتي سيڪيورٽي خدشا موجود آهن پر ان جي باوجود شام جي وقت اهي ضلعي ڏکڻ ۾ ٽڪر آيل ڪيس روڪيو ويو پر ڪي پي جي وڏي وزير هدايت تي عمل نه ڪيو هن چيو ته ڪنهن به وي آءِ پي موومينٽ لاءِ سيڪيورٽي پلان جي پابندي ضروري آهي، خاص طور تي جڏهن ٿريٽ الرٽ موجود هجي ۽ بنا ڪنهن پلان جي رستن جي تبديل ڪرڻ سان خطرا وڌي وڃن ٿا. هن ٻڌايو ته ٻئي ڏينهن ڪي پي جي وڏي وزير جو حيدرآباد وڃڻ جو پروگرام سامهون آيو جنهن جي پڻ ساڳيا سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا جيڪي طئي ٿيل رستن مطابق هئا. واپسي تي جنهن پل جي چونڊ ڪئي وئي اها نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي تحت وفاقي حڪومت جي پل آهي ۽ ملڪ جي اهم شاهراهن مان هڪ آهي جتي ڪراچي پورٽ جي هيوي ٽريفڪ ايڪسپورٽ ۽ امپورٽ واريون گاڏيون معمول مطابق گذرن ٿيون هن چيو ته ڏينهن جي وقت اتي ٽريفڪ جام هجڻ معمول جي ڳالهه آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حيدرآباد پهچندي ئي سنڌ حڪومت تي تنقيد ۽ الزام لڳڻ شروع ٿي ويا، جيئن ته حقيقت اها آهي ته مڪمل عزت، سهولت ۽ سيڪيورٽي فراهم ڪئي وئي هئي شرجيل انعام ميمڻ ان الزام کي مسترد ڪيو ته سنڌ حڪومت ڄاڻي واڻي ڪي پي جي وڏي وزير کي ٽريفڪ ۾ ڦاسايو ۽ سوال اٿاريو ته جيڪڏهن ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ٽريفڪ ۾ رڪجي ته ان مان حڪومت سنڌ کي ڪهڙو فائدو ٿي سگهي ٿو هن چيو ته جيڪڏهن سنڌ حڪومت جو رويو پڻ پي ٽي آءِ جهڙو هجي ها ته نه استقبال ٿئي ها ۽ نه سهولتون ملن ها جلسي جي اجازت جي معاملي تي ڳالهائيندي هن چيو ته حڪومت سنڌ ڪڏهن به جلسو روڪڻ جي ڳالهه نه ڪئي جناح گرائونڊ ۽ مزار قائد جي چوڌاري علائقو هڪ ٽرسٽ جي انتظام هيٺ آهي جيڪو وفاق جي ماتحت آهي. انهي ڪري تحريري اجازت ۾ ڪجهه وقت لڳندو آهي. ان جي باوجود زباني اجازت ڏني وئي هئي پر بعد ۾ پي ٽي آءِ قيادت چيو ته اهي گرائونڊ جي اندر نه پر ٻاهر جلسو ڪندا، جنهن جي اجازت ممڪن نه هئي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي هجي يا سنڌ جو ڪو ٻيو شهر هر سياسي پارٽي جي جلسن دوران ٽريفڪ پوليس ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارا سيڪيورٽي ۽ ٽريفڪ پلان ٺاهين ٿا، رستا بند ڪيا وڃن ٿا ۽ عوامي تحفظ کي اوليت ڏني ويندي آهي هن چيو ته اهو ڪو امتيازي ورتاءُ نه هو پر معمول جو طريقو آهي جيئن محرم الحرام جي جلوسن دوران سيڪيورٽي سبب مخصوص رستا بند ڪيا وڃن ٿا ۽ ڪنٽينر لڳائي هڪ ئي داخلا رستو رکيو وڃي ٿو ته جيئن مڪمل چيڪنگ ممڪن ٿي سگهي، اهي ئي انتظامات هتي پڻ ڪيا ويا هئا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پي ٽي آءِ پاران پوليس تي پٿر اڇلايا ويا، صحافين خاص طور تي عورت صحافين تي تشدد ڪيو ويو ۽ 09 مئي جهڙن واقعن کي ٻيهر ورجائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سنڌ حڪومت صبر ۽ تحمل سان ڪم ڪيو ۽ ڪو به ڪيس داخل نه ڪيو هن چيو ته جيڪڏهن حڪومت جي ذهن ۾ ڪا بدنيتي هجي ها ته گرفتاريون پڻ ٿي سگهن پيون ۽ سخت ڪارروائي به ممڪن هئي پر صبر اختيار ڪيو ويو هن چيو ته سڀ ويڊيوز موجود آهن ۽ صحافي پاڻ ان جا عيني شاهد آهن سڄو پاڪستان ڏسي رهيو آهي ته ڇا ٿيو پر ان جي باوجود پي ٽي آءِ پنهنجي رويي ۾ تبديلي لاءِ تيار نه آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ جي سياست ڏڪيڙ تي ٻڌل آهي جنهن سبب اسان جو ۽ سڄي پاڪستان جو انهن سان اختلاف آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ نه صرف ملڪ اندر ڏڪيڙ جي سياست ڪئي پر ٻاهرين ملڪ ۾ ويهي به پاڪستان ۽ قومي ادارن خلاف پروپيگنڊا ڪيو هن چيو ته انهن کي ڪو موڊ ناهي ته قومي ادارن جي دائري ۾ رهي صاف ۽ مثبت سياست ڪن ۽ اهو رويو انتهائي قابل مذمت آهي جنهن جي اسان سڀ مذمت ڪريون ٿا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت دل سان ميزباني ڪئي هن واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ جي وڏي وزير کي هن انداز ۾ استقبال ڪرڻ جو مطلب اهو نه آهي ته پيپلز پارٽي ۽ پي ٽي آءِ جي وچ ۾ مستقبل ۾ ڪنهن اتحاد جو امڪان آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي سياست ڏڪيڙ تي ٻڌل آهي جڏهن ته پيپلز پارٽي جي سياست پرامن جمهوري ۽ آئيني آهي، پر ان جي باوجود جيئن ڪي پي جو وڏو وزير اسان جي صوبي جا مهمان هو، انهي ڪري اخلاقي فرض تحت انهن کي سهولتون ۽ سيڪيورٽي ڏني وئي هن چيو ته بدقسمتي سان هن شرافت ۽ خلوص جو ناجائز فائدو ورتو ويو ۽ انتظاميه جي هدايتن جي برخلاف مخصوص جڳهين ۽ رستا اختيار ڪيا ويا، جنهن کان پوءِ بي بنياد الزام لڳايا ويا.

بقايا 24 ملتوي

اسيمبلي ۾ غير قانوني ڀرتين جي الزام ۾ داخل ڪيس ۾ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي سميت ٻين جوابدارن خلاف فرد جرم لاڳو ڪرڻ جي ڪارروائي اينٽي ڪرپشن جي جج جاويد اقبال وڙائچ جي موڪل سبب 18 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي اڱاري ڏينهن ٻڌڻي دوران ڊيوٽي جج آڏو محمد خان ڀٽي سميت ٻيا جوابدار پيش ٿيا ۽ حاضري لڳرائي ٻڌڻي دوران اڳوڻي وڏي وزير طرفان وڪيل درخواست داخل ڪئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته چوڌري پرويز الاهي بيماري سبب حاضر نٿو ٿي سگهي گذارش آهي ته حاضري کان معافي جي درخواست منظور ڪئي وڃي عدالت درخواست منظور ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي پرويز الاهي سميت ٻين جوابدارن کي ٻيهر طلب ڪري ورتو

بقايا 25 ڪارتوس هٿ

ڪسٽمز طورخم بارڊر تي هٿيار ۽ بارود پاڪستان ۾ اسمگل ڪرڻ جي هڪ وڏي ڪوشش ناڪام بڻائيندي ايس ايم جي ۽ رائفل جي 21 هزار کان وڌيڪ ڪارتوسن سميت ٻيا هٿيار هٿ ڪري ورتا ايف بي آر طرفان اڱاري ڏينهن جاري بيان مطابق اها شڪي کيپ ڪسٽمز اسٽيشن طورخم تي ڪارگو جي معمول جي جاچ پڙتال دوران سامهون آئي بظاهر خالي گاڏي رجسٽريشن نمبرTAH-027 کي تفصيلي اسڪيننگ لاءِ اين ايل سي امپورٽ ٽرمينل منتقل ڪيو ويو اسڪين ٿيل تصوير ۾ بي ضابطگيون سامهون آيون گاڏي جي مڪمل تلاشي وٺڻ ڪانپوءِ غيرقانوني هٿيار هٿ ٿيا. ان واقعي کي عوام ۽ ملڪ جي سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي هڪ منظم ڪوشش قرار ڏنو پيو وڃي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ قانون مطابق وڌيڪ ڪارروائي جاري آهي. ڪسٽمز اختياريون قانون لاڳو ڪندڙ ٻين ادارن جي سهڪار سان سمورن امڪاني رخن جي حوالي سان جامع تحقيقات ڪري رهيا آهن ايف بي آر ترجمان ٻڌايو ته ايف بي آر اسمگلنگ ۽ بدعنواني جي خاتمي ۽ قومي محصولن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي

بقايا 26 خطرو قرار

آهي. ڀارتي آبي جارحيت جو مقصد پاڪستان کي پاڻي جي بحران ۾ مبتلا ڪرڻ آهي ماحولياتي ۽ موسمياتي تبديلين سبب گليشيئرز جي پگهرجڻ ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ٿيو آهي هن اها ڳالهه گذريل ڏينهن نيشنل واٽر سيڪيورٽي بابت ٽاسڪ فورس جي پهرين اجلاس جي صدارت ڪندي چئي اجلاس ۾ آبي وسيلن واري وزير به شرڪت ڪئي آبي وسيلن واري وزارت تحت خاص ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ ۽ 51 ڏينهن ۾ عمل جوڳيون سفارشون پلاننگ ڪميشن کي پيش ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وئي آهي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته هندوڪش ۽ هماليه ريجن ۾ برف پگهرجڻ جي شرح ۾ 65 سيڪڙو رڪارڊ اضافو ٿيو ۽ سياچن گليشيئرز ساليانو 50 کان 60 ميٽرن جي رفتار سان پگهرجي رهيو آهي هماليه جي جبلن ۾ برف پگهرجڻ جي شرح 30 ميٽر ساليانو تائين پهچي وئي آهي احسن اقبال پاڻي جي پاليسين کي عملي منصوبن ۾ بدلائڻ لاءِ فوري ٽيڪنيڪل ورڪشاپ ڪرائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ماحولياتي تبديلي سان گليشيئرز جي پگهرجڻ ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ٿيو آهي ۽ 1960ع کان هن وقت تائين گليشيئرز جي 23 سيڪڙو برف پگهرجي ضايع ٿي چڪي آهي هن چيو ته ماحولياتي تبديلي سبب پاڪستان کي پاڻي جي سنگين ۽ ڊگهي مدي واري بحران کي منهن ڏيڻ جو امڪان آهي هن چيو ته درياهن جي وهڪري ۾ وڌندڙ غيريقيني واري صورتحال پاڪستان لاءِ سنگين خطرو آهي. پروفيسر احسن اقبال چيو ته پاڻي جو تحفظ ئي غذائي سلامتي ۽ معاشي استحڪام جي ضمانت آهي هن وفاق ۽ صوبن وچ ۾ نيشنل واٽر پاليسي تي هم آهنگي هر صورت ۾ مضبوط بڻائڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته واٽر سيڪيورٽي صرف هڪ شعبو نه پر ملڪي بقا ۽ خودمختياري جو بنياد آهي پروفيسر احسن اقبال چيو ته ٽاسڪ فورس صرف مسئلن جي سڃاڻپ نه ڪري پر فوري حل به پيش ڪري. پاڪستان جو 80 سيڪڙو پاڻي درياهن مان حاصل ٿيندو آهي آبادي جي وڌندڙ دٻاءَ سبب پاڪستان شديد آبي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي وڌندڙ آبادي ۽ موسمياتي تبديلي کي نظر ۾ رکندي واٽر مينيجمينٽ جي ماڊل کي اپ ڊيٽ ڪيو پيو وڃي هن چيو ته درياهن کي گدلو ڪري قيمتي مٺو پاڻي ضايع ٿي سمنڊ ۾ وڃي رهيو آهي فائيو ايز ۾ هڪ اي پاڻي جي تحفظ جو احاطو ڪري ٿو وفاقي وزير چيو ته يونيورسٽيون ۽ آبي ماهر گڏجي آبي تحفظ تي منصوبو سازي ڪن ٽاسڪ فورس پاڪستان کي درپيش چيلينجز جو اثرائتو حل تجويز ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن چيو ته ملڪ ۾ نون ڊيمن جي تعمير وقت جي اهم ضرورت آهي ديا مير ڀاشا ۽ مهمند ڊيمز پاڪستان ۾ پاڻي جا ذخيرا وڌائڻ ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندا وفاقي وزير چيو ته واپڊا چيئرمين ارسا، نيشنل فلڊ ڪميشن ۽ سمورا صوبا ورڪنگ گروپ کي پنهنجيون ماهرانيون تجويزون فراهم ڪن هن پاڻي جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ ٽائيم ٽيبل مقرر ڪرڻ ۽ عمل جوڳا حل پيش ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته آبي چيلينجز ۽ خطرن جو تدارڪ ترجيحي بنياد تي ڪيو ويندو

بقايا 27 راجا پرويز اشرف

ملڪي مفاد ۾ آهي. اسلام آباد ۾ پ پ پ جي پارليامينٽري پارٽي جي اجلاس ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي راجا پرويز اشرف چيو ته حڪومت آرڊيننس بابت پ پ پ جي واڪ آئوٽ کي سنجيدگيءَ سان ورتو جيڪا هڪ هاڪاري اڳڀرائي آهي هن چيو ته حڪمران اتحاد اندر مڪمل هم آهنگي آهي ۽ اهو ئي ملڪ لاءِ فائديمند آهي پي ٽي آءِ سميت سڀني سياسي جماعتن کي ذاتي مفادن بدران ملڪي مفادن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي

بقايا 28 بلاول ڀٽو

نرسن ۽ طبي عملي کي عزت ۽ تحفظ فراهم نٿو ڪري، ان کي مهذب معاشرو نٿو چئي سگهجي پ پ چيئرمين جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن کي خطاب ڪندي چيو ته هي موقعو نه رڳو گريجوئيٽ ٿيندڙ شاگردن جي ذاتي زندگي جو هڪ اهم سنگ ميل آهي، پر قوم لاءِ به هڪ فيصلائتو لمحو آهي چاڪاڻ ته نوجوان ڊاڪٽر اهڙي دور ۾ عملي زندگي ۾ قدم رکي رهيا آهن جتي صحت جي شعبي کي غير معمولي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي سندس چوڻ هو ته گريجوئيٽ ٿيندڙ ڊاڪٽرن پنهنجي تعليم اهڙي زماني ۾ مڪمل ڪئي آهي جيڪو عالمي وبائن موسمياتي هنگامي حالتن، ذهني صحت جي بحران ۽ صحت جي سهولتن ۾ وڌندڙ اڻبرابري کان متاثر رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي اهڙي نالي سان منسوب آهي، جيڪو ويزن نظم و ضبط ۽ خدمت جي علامت آهي قائداعظم محمد علي جناح جو يقين هو ته تعليم ۽ صحت مضبوط پاڪستان جون بنيادون آهن ۽ ڪا به قوم ترقي نٿي ڪري سگهي جيڪڏهن ان جا ماڻهو بيمار هجن يا نظرانداز ڪيل هجن. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ميڊيڪل صرف تشخيص يا دوائن تائين محدود ناهي پر انسانيت جو نالو آهي ڊاڪٽرن کي مخاطب ٿيندي هن چيو ته اوهان جا اڇا ڪوٽ ڪنهن امتياز جي علامت نه پر هڪ عزم آهن—بغير تعصب خدمت ڪرڻ جو بغير فرق شفا ڏيڻ جو ۽ سهولت تي همدردي کي ترجيح ڏيڻ جو سندس چوڻ هو ته طبي عملي کي صرف شڪريو ادا ڪرڻ ڪافي ناهي، پر انهن کي وقار تحفظ ۽ پنهنجا فرض محفوظ نموني سان سرانجام ڏيڻ لاءِ مناسب وسيلا پڻ مهيا ڪيا وڃن هن چيو ته پاڪستان اڄ به سنگين صحت جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي جن ۾ زچگي ۽ ٻارڙن جي اموات، غذائي قلت، ذهني صحت کي نظرانداز ڪرڻ موسمياتي تبديلين سان لاڳاپيل بيماريون ۽ شهري ۽ ديهي علائقن ۾ علاج جي سهولتن جو عدم توازن شامل آهن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته انهن مسئلن جو حل نعرا هڻڻ سان نه پر باصلاحيت، بااخلاق ۽ عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار ڊاڪٽرن سان ممڪن آهي، جيڪي اتي خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ تيار هجن جتي انهن جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي هن نوجوان ڊاڪٽرن کي يقين ڏياريو ته ملڪ جي صحت پاليسي، پبلڪ هيلٿ سڌارن ۽ طبي تعليم جي تشڪيل ۾ انهن جي آواز کي ضرور شامل ڪيو ويندو هن چيو ته پاڪستان کي اهڙن ڊاڪٽرن جي ضرورت آهي، جيڪي رڳو قابل نه پر باشعور هجن، رڳو ذهين نه پر اخلاقي هجن ۽ رڳو بلند حوصلو رکندڙ نه پر جوابده به هجن ڊاڪٽرن کي مخاطب ڪندي هن چيو ته پاڪستان کي اوهان جي ضرورت آهي سنڌ کي اوهان جي ضرورت آهي ۽ انسانيت کي اوهان جي ضرورت آهي. ان موقعي تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي فيڪلٽي ۽ انتظاميا جي ڪردار کي به ساراهيو تقريب ۾ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير براءِ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز محمد اسماعيل راهو يونيورسٽي جا آفيسر ۽ ٻيا معزز شخصيتون پڻ موجود هيون

بقايا 29 ڏک جو اظهار

عورتن واري شعبي جي ضلعي صدر رخسانه قمر جي نوجوان فرزند جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ڪالهه اڱاري ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ موجب صدر آصف علي زرداري مرحوم علي حيدر جي درجن جي بلندي ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام جي لاءِ دعا ڪئي صدر سوڳوار خاندان جي لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي

بقايا 30 واڌ رڪارڊ

في تولو سون 4 لک 81 هزار 862 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اڱاري ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 900 رپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 81 هزار 8 سئو 62 رپين جو ٿي ويو آهي 24 ڪيراٽ سون 10 گرام جي قيمت به 771 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 4 لک 12 هزار 347 رپين مان وڌي 4 لک 13 هزار 118 رپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 ڪيراٽ سون جي قيمت 3 لک 77 هزار 998 رپين مان وڌي 3 لک 78 هزار 705 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن ٻڌايو ته في تولو چانديءَ جي قيمت 180 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 9075 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 154 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 7780 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4586 ڊالر مان وڌي 4595 ڊالر ٿي وئي.

بقايا 31 واکاڻ

محفوظ ۽ پائيدار آءِ ٽي انفراسٽرڪچر جي ترقي يقيني بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ناليواري سوئيڊش ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪمپني ايرڪسن جي وفد ڪالهه اڱاري ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ڪئي وفد جي قيادت ڪمپني جو صدر ۽ مارڪيٽ ايريا يورپ، وچ اوڀر ۽ آفريقا جو سربراهه پيٽرڪ جوهانسن ڪري رهيو هو وزيراعظم وفد جي آجيان ڪندي پاڪستان ۾ ايرڪسن جي 6 ڏهاڪن تي ٻڌل سيڙپڪاري ۽ ملڪ جي ٽيلي ڪميونيڪيشن سيڪٽر جي ترقي ۾ ان جي ڪردار کي ساراهيو ملاقات ۾ اقتصادي ترقي پيداواري صلاحيت ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي جي لاءِ نيڪسٽ جنريشن ڊيجيٽل ڪميونيڪيشن جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ٿي وزيراعظم فائيو جي سميت جديد نيٽ ورڪس ۾ ايرڪسن جي عالمي تجربن مان فائدو کڻڻ ۾ پاڪستان جي دلچسپي کي اجاگر ڪيو ۽ قومي ضرورتن موجب محفوظ ۽ پائيدار آءِ ٽي انفراسٽرڪچر جي ترقي يقيني بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ملاقات ۾ ڊيجيٽل مهارتن جي ترقي، مالي شموليت ۽ ڪيش ليس ادائيگي جي نظام جي توسيع سان گڏوگڏ قدرتي آفتن جي لاءِ تياري ۽ اداراجاتي تياري کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي لاءِ ٽيڪنالاجي جي استعمال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي وزيراعظم غيرملڪي سيڙپڪارن ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ اسٽريٽجڪ حصيدارن جي حمايت جي لاءِ حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ايرڪسن جي وفد فائيو جي اسپيڪٽرم نيلامي سميت ملڪ جي آءِ ٽي انفراسٽرڪچر جي وڌيڪ بهتري جي لاءِ پاڪستان حڪومت جي ڪوشش کي ساراهيو ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار آءِ ٽي واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه خاص معاون سيد طارق فاطمي ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 32 وڏو وزير

وسيلا عوامي خدمتن ۽ زندگي جي معيار ۾ واضح بهتري جي صورت ۾ نظر اچڻ گهرجن. وڏي وزير هدايت ڪئي ته ڪابينا پاران منظور ڪيل هر رپيو شفاف نموني خرچ ڪيو وڃي ۽ ان جي سخت نگراني ڪئي وڃي. تعليم ثقافت ۽ ورثو ناڻي بابت ڪابينا ڪميٽي جي رپورٽ پيش ڪندي بلدياتي وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪابينا کي مختلف سفارشن بابت آگاهه ڪيو. ڪابينا اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڪراچي جي گرلز هاسٽل ۾ ٻي ماڙ جي تعمير لاءِ 190.211 ملين رپين جي منظوري ڏني. وزيراعليٰ چيو ته شاگردياڻين لاءِ رهائشي سهولتن ۾ واڌ اعليٰ تعليم ۾ عورتن جي داخلا وڌائڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي. ثقافتي ورثي جي تحفظ لاءِ ڪابينا سکر جي سينٽ سيورز چرچ ۽ حيدرآباد جي سينٽ ٿامس ڪيٿڊرل چرچ جي مرمت ۽ بحالي لاءِ 109.5 ملين رپين (ڪُل لاڳت جو 50 سيڪڙو) جي منظوري ڏني جڏهن ته باقي رقم ايندڙ مالي سال ۾ فراهم ڪئي ويندي. وڏي وزير چيو ته سنڌ جو ورثو سڀني برادرين جو گڏيل اثاثو آهي ۽ ان جو تحفظ عزت ۽ وقار سان ڪيو وڃي ٿو. ڪابينا ڪراچي لٽريچر فيسٽيول لاءِ 30 ملين رپيا ۽ سنڌ آرڪائيوز کي مضبوط ڪرڻ لاءِ 100 ملين رپين جي منظوري پڻ ڏني. جنهن ۾ ناياب مسودن جي اشاعت، پراڻن اخبارن جو تحفظ، رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ اورل هسٽري ۽ آرڪائيوئل گيلري جو قيام شامل آهي. ترقياتي منصوبا، رستا ۽ مقامي اسڪيمون ورڪس کاتي جي شعبي ۾ ضلعي مٽياري ۾ بيگو ڪاڪا کان ايڪرو راهو تائين ٽي ڪلوميٽر ڊگهي لنڪ روڊ جي بحالي جي منظوري ڏني وئي، جنهن لاءِ مالي سال 2025-26 دوران 33.785 ملين رپيا جاري ڪيا ويندا. ان کان علاوه ضلعن سجاول ۽ شڪارپور ۾ رستن جي تعمير ۽ مرمت جا ڪيترائي منصوبا، جن ۾ شڪارپور جي شري ڪٽ واري دربار جي تزئين و آرائش پڻ شامل آهي، کاتي اندر بجيٽ هيٺ منظور ڪيا ويا. وڏي وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ خزاني جي کاتن کي هدايت ڪئي ته منصوبن جي مدت ۽ معيار تي سخت نظر رکي وڃي. هن خبردار ڪيو ته دير ۽ لاڳت ۾ واڌ ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي. سيڪيورٽي ۽ گورننس اندروني سيڪيورٽي بابت ڪابينا صوبائي انٽيليجنس فيوزن اينڊ ٿريٽ اسيسمينٽ سينٽر (PIFTAC) کي فعال بڻائڻ لاءِ اصولي طور 1.24 ارب رپين جي منظوري ڏني. هن پيڪيج ۾ سامان عملي، سار سنڀال ۽ گاڏين جا خرچ شامل آهن جڏهن ته گاڏين جي خريداري جو معاملو ڪابينا ڪميٽي براءِ ڪفائت شعاري آڏو پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سيڪيورٽي ادارن کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي، پر هر خرچ مالي نظم و ضبط ۽ واضح جوابداري سان هئڻ گهرجي. ڪابينا صوبي ۾ سوين منصوبن تي ٻڌل پائيدار ترقياتي هدفن (SDGs) اسڪيمن لاءِ فنڊز جي جاري ٿيڻ ۽ تصديق جي طريقيڪار جي منظوري پڻ ڏني. ان کان علاوه سنڌ لوڪل گورنمينٽ بورڊ جي نون مقرر ٿيل آفيسرن جي ٻن هفتن جي انڊڪشن ٽريننگ لاءِ 140 ملين رپيا منظور ڪيا ويا. شوگر سيڪٽر جي ڊي ريگوليشن ڪابينا کي وفاقي حڪومت پاران 2026 تائين پاڪستان جي شوگر سيڪٽر جي مڪمل ڊي ريگوليشن جي منصوبي بابت بريفنگ ڏني وئي. سنڌ، جيڪو 16 ضلعن ۾ قائم 38 شوگر ملن ذريعي قومي سطح تي 26 سيڪڙو کنڊ پيدا ڪري ٿو مرحليوار تبديلي جي ضرورت تي زور ڏنو. وڏي وزير هدايت ڪئي ته آبادگارن (ڪسانن) جي مفادن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي، جنهن لاءِ ٽئين ڌر ذريعي وزن، شفاف ۽ وقت سر ادائيگيون ۽ گهٽ پيداوار وارن ممنوعه قسمن بابت اڳواٽ اطلاع لازمي هجي. هن چيو ته ڪارڪردگي ۾ واڌ آبادگارن جي نقصان جي قيمت تي نه هئڻ گهرجي ۽ اگهن ۾ لاٿ چڙهاءَ کي سنڀالڻ لاءِ حفاظتي قدم ضروري آهن. ان حوالي سان هڪ وزارتي ڪميٽي قائم ڪئي وئي جيڪا ايندڙ ڪابينا اجلاس ۾ تفصيلي سفارشون پيش ڪندي. ڪڻڪ جي مدد ۽ سيلابي بحالي ڪابينا فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن فنڊ (FERC) ۾ 6.1 ارب رپين جي واڌ جي منظوري ڏني جنهن ڪانپوءِ فنڊ 27.6 ارب رپين تائين پهچي ويو. هي واڌ ڪرنسي ۾ لاٿ چڙهاءَ سبب اڳ ۾ رهجي ويل آبادگارن کي شامل ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ 56 ارب رپين جي سنڌ ويٽ گروئرز سپورٽ پروگرام جو به آغاز ڪيو ويو آهي، جنهن تحت آبادگارن کي في ايڪڙ 22 هزار رپيا ڏنا ويندا. وڏي وزير زراعت کاتي کي هدايت ڪئي ته سيلابي امداد بابت سيٽي 8,105 التوا ۾ پيل شڪايتون 2025 جي پڄاڻي تائين حل ڪيون وڃن. هن چيو ته امداد ۾ دير عوامي اعتماد کي نقصان پهچائي ٿي ۽ ان جو فوري ازالو ضروري آهي. ماحولياتي قدم ۽ ڪاربن فنانس هڪ اهم فيصلي تحت ڪابينا سنڌ ڪلائيميٽ چينج فنڊ ۽ سنڌ ڪلائيميٽ چينج بورڊ جي قيام جي منظوري ڏني. هي فنڊ بنيادي طور ڪاربن ڪريڊٽس جي وڪرو مان حاصل ٿيندڙ خالص آمدني تي 12 سيڪڙو ڪوري اسپانڊنگ ايڊجسٽمينٽ فيس ذريعي قائم ڪيو ويندو. وزيراعليٰ سنڌ واضح ڪيو ته سنڌ پنهنجي آئيني ۽ مالي حقن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندي ۽ اهڙي ڪنهن به پاليسي کي رد ڪيو ويندو جيڪا صوبي جي استعمال نه ٿيل ماحولياتي فنڊن جي ٻيهر ورڇ جي اجازت ڏئي. هن چيو ته سنڌ پنهنجي حصي جو تحفظ ڪندي ۽ ماحولياتي مالي وسيلا سڌو سنئون ڪمزور ۽ متاثر ٿيل آبادين جي ڀلائي لاءِ استعمال ڪيا ويندا. صحت، فلاح ۽ انفراسٽرڪچر شوڪت خانم ميموريل ٽرسٽ: ڪابينا شوڪت خانم ميموريل ٽرسٽ کي هڪ سال لاءِ انفراسٽرڪچر سيس کان ڇوٽ ڏني جيئن غير منافع بخش ڪينسر اسپتال طور ان جي خدمتن کي سهولت ملي ۽ حياتي بچائيندڙ طبي سامان جي درآمد ممڪن بڻجي. حيدرآباد — سکر موٽروي (M-6): انفراسٽرڪچر شعبي ۾ ڪابينا حيدرآباد— سکر موٽروي (M-6) لاءِ زمين جي حاصلات جي مد ۾ 1.13 ارب رپين کان وڌيڪ رقم جي جاري ٿيڻ جي توثيق ڪئي. ان کان علاوه سنڌ پبلڪ ريسورسز فار انڪلوسو ڊولپمينٽ (SPRID) پروگرام لاءِ 100 ملين ڊالر جي ورلڊ بئنڪ ڳالهين واري پيڪيج جي منظوري ڏني وئي. ڪابينا 11هين نيشنل فنانس ڪميشن (NFC) جي ٽرمز آف ريفرنس جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ آزاد قانوني فرم جون خدمتون حاصل ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو. ريسڪيو 1122: ريسڪيو 1122 جي خدمتن جي دائري کي وڌائڻ لاءِ 192.745 ملين رپين جي اضافي منظوري ڏني وئي جڏهن ته صوبائي ملازمن جي هيلٿ انشورنس پروگرام جي تجديد ڪندي ڪل فنڊ 550 ملين مان وڌائي 650 ملين رپيا ڪيا ويا. اجلاس جي پڄاڻي تي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه ٻيهر زور ڏنو ته منظور ڪيل قدمن تي تيزي، ايمانداري ۽ جوابدهي سان عملدرآمد ڪيو وڃي. هن سڀني کاتن کي هدايت ڪئي ته اڳڀرائي بابت باقاعده رپورٽون وزيراعليٰ سيڪريٽريٽ کي جمع ڪرايون وڃن. وزيراعليٰ چيو ته اسان کي ڪاغذي ڪارروائي نه پر زميني سطح تي نتيجا گهرجن

بقايا 33 ميمبر قتل

ڪري ڇڏيو پوليس مطابق فائرنگ جو واقعو مزنگ چوڪ ويجهو پيش آيو جتي گاڏي ۾ سوار پيءُ پٽ سميت 4 ڄڻن کي نشانو بڻايو ويو جڏهن ته حملو ڪندڙ موقعي تان فرار ٿي ويا. واقعي ڪانپوءِ پوليس جي نفري موقعي تي پهچي وئي ۽ جاچ شروع ڪري ڇڏي فوتين جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيا ويا. مقامي انتظاميه علائقي ۾ سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪري ڇڏي آهي پوليس علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو آهي ته جيئن حملو ڪندڙن کي جلد گرفتار ڪري سگهجي

بقايا 34 سڙي فوت

افسوسناڪ واقعي ۾ شارٽ سرڪٽ سبب لڳل باهه ۾ 3 معصوم نياڻيون سڙي فوت ٿي ويون ريسڪيو ذريعن مطابق فوتين ۾ 3 ورهين جي عروج فاطمه، 7 ورهين جي جويريه بتول ۽ ڏيڍ سال جي دعا فاطمه شامل آهن فائر بريگيڊ موقعي تي پهچي باهه تي ضابطو آڻڻ ڪولنگ جو عمل جاري آهي ريسڪيو 1122 ٽيم فوت ٿيل نياڻين جي مڙهه کي تعلقه هيڊڪوارٽر اسپتال ڪروڙ لعل عيسن منتقل ڪري ڇڏيو آهي ريسڪيو 112 مطابق گهر ۾ باهه مٿان کان گذرندڙ ميٽر جي بجلي جي تار ۾ اسپارڪنگ سبب لڳي

بقايا 35 ناصر شاهه

جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن هن وڌيڪ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڻ انهن ترقياتي منصوبن جي نگراني ڪري رهيا آهن هن اها ڳالهه ڪورنگي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) ۽ نادرا جي وچ ۾ معاهدي جي تقريب جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪئي تقريب ۾ وڏي وزير جي خاص معاون نجمي عالم علي راشد، چيئرمين ڪي ايم سي ڪورنگي ڊي جي نادرا سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ڪي ايم سي ڪورنگي ۽ نادرا جي وچ ۾ ٿيل معاهدي سان لکين ماڻهو فائدو حاصل ڪندا. هن تقريب ۾ جماعت اسلامي جي يو آءِ، ايم ڪيو ايم ۽ ٻين سياسي جماعتن جي نمائندن جي شرڪت کي خوش آئند قرار ڏنو هن زور ڏنو ته سڀني سياسي ۽ مذهبي جماعتن کي گڏجي ڪراچي جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هن چيو ته سنڌ حڪومت انڊس اسپتال کي هر سال اربين رپين جي گرانٽ فراهم ڪري ٿي جنهن مان سڀ کان وڌيڪ فائدو ڪورنگي جا عوام حاصل ڪن ٿا. سنڌ جي وزير چيو ته خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير کي سنڌ ۾ مڪمل پروٽوڪول ڏنو ويو پر پي ٽي آءِ سنڌ جي مهمان نوازي جو ناجائز فائدو کڻڻ جي ڪوشش ڪئي هن الزام هنيو ته اهي ڪراچي ۾ هڪ ٻي 9 مئي جهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ چاهيندا هئا. جنهن کي صوبائي حڪومت پنهنجي دانائي ۽ بروقت قدمن سان ناڪام بڻائي ڇڏيو

بقايا 36 ملاقات

رڪني وفد ملاقات ڪئي ملاقات ۾ حاجي ناصر ترڪ، محمد فاروق، سلمان احمد، زوهيب ۽ ايسوسيئيشن جا ٻيا عهديدار ۽ ميمبر موجود هئا. وفد ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي شهر ۾ ڏوهن جي صورتحال امن امان ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي جڏهن ته وفد ايسوسيئيشن کي درپيش مسئلن بابت پڻ آگاهه ڪيو ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان وفد کي ترجيحي بنيادن تي مسئلن کي حل ڪرڻ جو يقين ڏيارو ۽ پوليس ۽ ڪاروباري برادري جي وچ ۾ اثرائتي تعاون جي اهميت تي زور ڏنو ملاقات جي آخر ۾ وفد ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو ۽ ڪراچي پوليس سان مڪمل تعاون جو يقين ڏيارو

بقايا 37 درخواست

سوڪلي وٺي آءِ جي آءِ جي آپريشنز پاران ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، محڪمو داخله سنڌ کي لکيل خط ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ کي رجوع ڪندي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ذريعي انڪوائري ڪرائڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي خط ۾ سنڌ پوليس پاران 6 ۽ 7 جنوري تي ضلعي دادو ۾ اي ۽ بي سيڪشن پوليس اسٽيشنز جي حدود ۾ پيش ايندڙ واقعن جي شفاف جاچ لاءِ مقرر ڪيل انڪوائري آفيسر ايس ايس پي حيدرآباد جون سفارشون پڻ شامل ڪيون ويون آهن

بقايا 38 جماعت اسلامي ڄامشورو

جي سلسلي ۾ امير جماعت اسلامي ڄامشورو مولانا محمد عمر حافظ خليل ۽ اڳواڻ اعجاز شيخ پاران پريس ڪانفرنس ڪئي وئي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته جماعت اسلامي سنڌ ۾ پهرين جنوري کان ”نظام بدلايو سنڌ سنواريو“ مهم جو باضابطه آغاز ڪري چڪيو آهي جنهن تحت ڄامشورو سميت سڄي سنڌ ۾ موجود ناڪاره نظام خلاف شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ مهم هلائي پئي وڃي هنن چيو ته سنڌ هميشه کان بنيادي مسئلن جو شڪار رهي آهي ۽ هتان جي عوام کي پنهنجا جائز حق ناهن مليا. جماعت اسلامي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف هو هميشه آواز بلند ڪندا رهيا آهن سنڌ کي پاڻي جي کوٽ، بجلي ۽ گئس جي اڻهوند، تعليم ۽ صحت جهڙن اهم شعبن ۾ سهولتن جي سخت کوٽ سميت ڪيترن ئي سنگين مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي سنڌ جا ماڻهو ٽيڪس ڏين ٿا، پر ان جي باوجود حڪومت بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ثابت ٿي آهي هنن چيو ته سنڌ تقريبن هر شعبي ۾ پوئتي پيل آهي جنهن جو اصل سبب هتان جو موجوده نظام آهي. جنهن کي بدلائڻ وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪو آهي حڪمران طبقو پنهنجي ٻارن لاءِ معياري تعليم ۽ بهترين صحت جون سهولتون حاصل ڪري ٿو جڏهن ته غريب عوام انهن سهولتن کان محروم آهي جماعت اسلامي هر شهري لاءِ بنا فرق جي هڪجهڙين سهولتن جي فراهمي جي حمايت ڪري ٿي

Wednesday 14 January 2026

اربع 14 جنوري 2026ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

آءِ ايم ايف کان آزاد ٿيڻ لاءِ برآمدات ۽ پيداوار تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت

صفحو 4

مليحه لوڌي

پاڪستان جي 2026ع لاءِ قومي ايجنڊا ڇا هئڻ گهرجي؟

صفحو 4

سياسي قيادت کي جَس هجي!

محمد خان ابڙو

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن - 14 جنوري

صفحو 4

مطالبا تسليم ڪريو: ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا رٽائر ملازم ٽن ڏينهن کان سراپا احتجاج

رٽائر ملازم ٽئين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال جاري رکي

رٽائرمينٽ کي ڪيترائي سال گذرڻ باوجود اسان کي ڪميوٽيشن واري رقم ادا نه ڪئي وئي آهي جيڪو بنيادي حق آهي: مظاهرين

سڄي عمر ريڊيو پاڪستان جي خدمت ڪئي، جواني اداري جي حوالي ڪئي، پر ان جي بدلي ۾ اداري اسان سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پينشنرن ڪميوٽيشن، مهانگائي الائونس ۽ ميڊيڪل الائونس نه ملڻ خلاف ڪالهه ٽئين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال جاري رکي. ان موقعي تي رٽائرڊ ملازمن رٽائر ڪنٽرولر الاهي بخش ٻانبڻ اسسٽنٽ محمد سميع، محمد فاروق، مظفر حسين ۽ اڳوڻو موٽر ڊرائيور محمد امين ڏتو چيو ته رٽائرمينٽ کي ڪيترائي سال گذرڻ باوجود اسان کي ڪميوٽيشن واري رقم ادا نه ڪئي وئي آهي جيڪا سندن بنيادي حق آهي. هنن چيو ته اسان سڄي عمر ريڊيو پاڪستان جي خدمت ڪئي، جواني اداري جي حوالي ڪئي، پران جي بدلي ۾ اداري اسان سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته عمر جي هن مرحلي تي اسان بزرگن لاءِ ميڊيڪل الائونس زندگي گذارڻ جي بنيادي ضرورت آهي پر بغير ڪنهن جواز جي ميڊيڪل الائونس بند ڪيو ويو آهي. هنن چيو ته حڪومت پاران جولاءِ ۽ آگسٽ جا اعلان ڪيل مهانگائي الائونس به اڃا تائين ادا نه ڪيا ويا آهن حد ته اها آهي اسان جا سال 2023، 2024 ۽ 2025 جا 19 مهينن جا بقايا جات به رهيل آهن جيڪي فنڊن جي کوٽ جو جواز ڄاڻائي روڪيا ويا آهن. هنن چيو ته ان سلسلي ۾ حيدرآباد جي دوري تي آيل ڊي جي ريڊيو سعيد احمد شيخ سان ملاقات ڪري مسئلن کان آگاهه ڪيو آهي ته جئين اسان جا مسئلا حل ٿي سگهن

سوڀوديرو تعلقي ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ ڳرن بلن عوام جا اهنج وڌائي ڇڏيا

گئس ڪمپني طرفان 24 ڪلاڪن مان بمشڪل 3 کان 4 ڪلاڪ تائين گئس فراهم ڪرڻ سبب شهري پريشان

صارفين کي 25 هزار کان 30 هزار رپين تائين جا ڳرا بل پڻ جاري، هوٽل مالڪان به هٿ مٺي ڪري ويٺا، ڪاروبار تباهه

جيڪڏهن 48 ڪلاڪن اندر گئس جو دٻاءُ ۽ شيڊيول بهتر نه ڪيو ويو ته ڌرڻن ۽ احتجاجن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو: شهرين جو چتاءُ

سوڀوديرو (رپورٽ: فقير محمد عباسي) سوڀوديرو سميت پس گردائي جي شهرن ڳوٺن ۾ گذريل ڪيترن ئي هفتن کان گئس جي شديد غير اعلانيل لوڊشيڊنگ جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي، جنهن سبب شهرين جي روزمره زندگي مفلوج ٿي وئي آهي. گهرن ۾ چلها ٿڌا پيا آهن، هوٽل مالڪ هٿ مٺي ڪري ويهي ويا آهن ۽ عام ماڻهو شديد اذيت جو شڪار ٿي رهيا آهن. شهرين موجب گئس ڪمپني طرفان 24 ڪلاڪن مان بمشڪل 3 کان 4 ڪلاڪ تائين گئس فراهم ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته دٻاءُ به انتهائي گهٽ آهي، جنهن سبب ڪاٺ ڏاهڻ جهڙو ڪم به ناممڪن بڻجي چڪو آهي. ان جي ابتڙ صارفين کي 25 هزار کان 30 هزار رپين تائين جا ڳرا بل موڪليا پيا وڃن، جيڪي شهري سراسر ناانصافي ۽ زيادتي قرار ڏئي رهيا آهن. سول سوسائٽي، صحافي برادري ۽ مختلف سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهر جي مختلف علائقن جهڙوڪ معاذ ڳوٺاڻن سان گڏجي سخت احتجاج جو عنديو ڏيندي چيو آهي ته گئس انتظاميا عوام سان ظلم ڪري رهي آهي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته سرد علائقي ۾ سياري جي منڊ ۾ گئس جي بندش ماڻهن کي ڏوکي ۾ چلڻ برابر آهي. ”گئس نه متبادل انتظام پر بل جڪڙي موڪليا پيا وڃن“ شهرين جو مطالبو، احتجاج ڪندڙ شهرين وفاقي وزارت توانائي ۽ سوئي گئس جي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته جيڪڏهن 48 ڪلاڪن اندر گئس جو دٻاءُ ۽ شيڊيول بهتر نه ڪيو ويو ته شهر ۾ ڌرڻن ۽ احتجاجن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو. شهرين چيو ته تعلقي سوڀوديرو جي عوام غريب آهي، وڏا بل ڀرڻ جي سگهه نٿي رکي، جڏهن ته گئس جي عدم فراهمي زندگي کي مفلوج بڻائي ڇڏيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته گئس جو شيڊيول باقاعده جاري ڪيو وڃي، غير ضروري بل درست ڪيا وڃن ۽ جن علائقن ۾ پائيپ لائين جو مسئلو آهي اتي فوري مرمت ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي.

کپرو ۾ گداگيري قانوني ڏوهه جي سري هيٺ ريلي

اسسٽنٽ ڪمشنر کپرو جي آفيس کان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

گداگيري قانوني ڏوهه آهي منشيات جي واڌ سبب گداگيري وڌي آهي: افشان مري

کپرو (ن ع) گداگيري قانوني ڏوهه جي سري هيٺ اسسٽنٽ ڪمشنر کپرو جي آفيس کان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر کپرو ڏاڍا افشان مري فاروق ڪنبر چيو ته گداگيري قانوني ڏوهه آهي منشيات جي واڌ سبب گداگيري وڌي آهي ڪجهه مافيا ننڍي عمر جي ٻارن کي معذور ڪري پنهنجي ڪاروبار ڪن ٿا اسان جا مختلف ادارا گڏجي ان خلاف جاڳرتا ڏئي ان جي روڪٿام لاءِ ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا ان موقعي تي اين آر ايس پي جي شمشاد خاصخيلي امير ڪنبر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

AN ANTI- BEGGARY AWARENESS CAMPAIGN
گداگری ایک لعنت ہے اور قانوناً جرم ہے

کپرو کپرو ۾ گداگيري قانوني ڏوهه جي سري هيٺ ريلي ڪڍي پئي وڃي

برطانيه ۾ حادثي جي شڪار ٿيل سکرنڊ واسي نوجوان جي تدفين

لاش ڳوٺ پهچڻ ۽ دفنائڻ بعد مرحوم جي تڏي تي هزارين ماڻهن جي آمد

نوجوان جي والد ڊاڪٽر عطا محمد چانڊيو سان ڏک ونڊڻ جو سلسلو جاري

سکرنڊ (ن ع) سکرنڊ جي ڳوٺ قيصر خان چانڊيو جو نوجوان شاگرد ڪميل عطا چانڊيو يوڪي ۾ هڪ ٽرين حادثي ۾ فوت ٿي ويو سندس موت جي خبر ٻڌندي ئي ڪيترائي سنڌي نوجوان جيڪي يوڪي ۾ ٽرسيل هئا ته واقعي واري هنڌ پهچي نه صرف ڪميل عطا جي مالڪي ڪئي بلڪ کيس پنهنجي گهر ڀاتيءَ جيان يوڪي جي قانون موجب سموريون قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش کي سندس اباڻي ڳوٺ قيصر خان چانڊيو روانو ڪيو جڏهن ته ان کان اڳ يوڪي ۾ جنازي نماز جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد لاش ڳوٺ پهچڻ ۽ دفنائڻ بعد مرحوم جي تڏي تي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين ماڻهن جي آمد جو سلسلو جاري آهي جيڪي نوجوان جي والد ڊاڪٽر عطا محمد چانڊيو سان ڏک ونڊي رهيا آهن جن ۾ سيد زين شاهه، سيد محمود شاهه، حاجي الهه بخش لاڪو، ايم پي اي غلام قادر چانڊيو، ڊاڪٽر مسعود ميمڻ، نور احمد لاڪو، قاضي جاويد سنائي، انجنيئر احمد انصاري، بشير لاشاري سميت سوين ڊاڪٽر شامل آهن تڏي تي موجود آفتاب احمد چانڊيو ۽ نظير قيصراڻي ٻڌايو ته يوڪي جي سنڌي نوجوانن جنهن ۾ ڊاڪٽر خدا بخش رند جو اهم ڪردار رهيو ان اسان جي نوجوان ڪميل عطا چانڊيو جي لاش جي مالڪي ڪري پنهنجي گهر ڀاتي جيان پاڪستان روانو ڪيو جنهن تي اسين سندن شڪر گذار آهيون

سکرنڊ برطانيه ۾ حادثي جي شڪار فوت ٿيل نوجوان جي تڏي تعزيت ڪئي پئي وڃي

سکرنڊ ۾ نوجوان راهول ڪمار جنداهوڙو جي قتل وارو مامرو

پنچائت جي مکي ڪشند جي اڳواڻيءَ ۾ وفد والد ٻيجل وٽ پهتو

اسين سڀ صرف ان ڪري آيا آهيون ته راهول اسان جو ٻچو هو: اڳواڻ

سکرنڊ (ن ع) سترنهن ورهين جي نوجوان راهول ڪمار جنداهوڙو جي قتل واري منڌل سٽ کي سمجهائڻ قاتلن تائين پهچڻ جي حڪمت عملي جوڙڻ ۽ جنداهوڙا برادري پاران مندر انتظاميه ڏانهن شڪ جا پيرا رهڻ واري معاملي تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ لاءِ سکرنڊ شهر جي مختلف شعوري شخصيتن جو قافلو هندو پنچائت جي مکي ڪشند، ڊاڪٽر راجڪمار، ڊاڪٽر پريم پيو سوناڙو ۽ سنجيڪمار جي اڳواڻيءَ ۾ فوتي نوجوان راهول جي تڏي تي سندس والد ٻيجل وٽ پهتو وفد ۾ سکرنڊ پريس ڪلب جو ذيشان سومرو، شهري اتحاد جو سانول ڪيريو، جسقم جو مسعود شاهه، جسم جو منور عمراڻي، اهلتشيع جو احسان شاهه، انٽس فورم جو مجيد عباسي ۽ ٻيا شامل هئا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسين سڀ صرف ان ڪري آيا آهيون ته راهول اسان جو ٻچو هو ان جو رتوڙ اسان لاءِ به ڏکوئيندڙ آهي ان ڪري سڀ گڏجي قاتل جي ڳولا ۾ هڪٻئي جو ساٿ ڏيون جنهن تي اتفاق ڪرڻ بعد راهول جي چاچي مڪيش جنداهوڙو آيل قافلي کي ساڄ ڏيندي چيو ته اسان جي به ڪنهن سان ذاتي دشمني ناهي پر سنڌ جو هڪ اصول رهيو آهي ته چوري پيري ڏيو يا چور جا پيرا ڪڍي ڏيو ان ڪري اسان جو شڪ ان ڪري وڌي ٿو جو راهول مندر ۾ گرونانڪ جي تصوير جي بي حرمتي ڪرڻ بعد گم ٿيو آهي هن وڌيڪ چيو ته جمعي ڏينهن اسين قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ کان قومي شاهراهه تائين احتجاجي ريلي ڪڍنداسين جنهن ۾ اوهان سڀ اسان جو ساٿ ڏيو ۽ پوليس تي زور ڀار رکو ته هو قاتل ڳولڻ ۾ سستي نه ڪري جنهن تي هندو پنچائت جي ضلعي صدر ڊاڪٽر راجڪمار کيس يقين ڏياريو ته هو هر قسم جو ساٿ ۽ سهڪار ڪندا مظاهري ۾ شرڪت سميت هر موڙ تي اوهان سان گڏ هونداسين جنهن تي سمورين ڌرين اتفاق ڪيو قافلي ۾ نياز لاشاري، غلام مصطفيٰ زنوڻ رضا محمد سيال راجا ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ شريڪ هئا

سکرنڊ نوجوان راهول ڪمار جنداهوڙو جي قتل مامري تي پنچائت جي مکي ڪشند جي اڳواڻيءَ ۾ وفد والد ٻيجل سان ملاقات ڪندي

حيدرآباد ۾ قومي ڪارڪن شاهه رخ سولنگي جي آزادي لاءِ مظاهرو

جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر) پاران پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سول ڪپڙا پهريل ڪجهه ماڻهو شاهه رخ سولنگي کي زوري کڻي ويا: مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) گم ڪيل قومي ڪارڪن شاهه رخ سولنگي جي آزادي لاءِ سندس وارثن ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر) پاران حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ۾ عورتن، ٻارڙن ۽ قومپرست ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري شاهه رخ سولنگي جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي جيئي سنڌ قومي محاذ آريسر جي مرڪزي اڳواڻ عبدالفتاح چنڙ، شاهه رخ سولنگي جي امڙ مسمات ريشام سولنگي، ايڊووڪيٽ رازق سولنگي، تنوير سولنگي ۽ ٻين چيو ته شاهه رخ سولنگي کي 7 ڊسمبر ثقافتي ڏهاڙي جي ڏينهن جڏهن هو پنهنجي ڀاءُ سان گڏ هٽڙي ٿاڻي جي حد انڌي موري پرسان هڪ هوٽل تي ويٺل هو تڏهن هٽڙي پوليس سان گڏ سول ڪپڙا پهريل ڪجهه ماڻهو شاهه رخ سولنگي کي زوري کڻي ويا جنهن جي ڪنهن به ٿاڻي تي گرفتاري ظاهر ناهي ڪئي وئي جنهن سبب سندس وارث سخت پريشاني جو شڪار آهن. هنن چيو ته شاهه رخ هڪ پرامن سياسي ڪارڪن آهي ۽ رڳو ثقافتي ڏينهن ملهائڻ جي ڏوهه ۾ کيس کڻي گم ڪيو ويو آهي.

دعوت اسلامي پاران 16 جنوري تي حيدرآباد ۾ شب معراج ۽ دستار فضيلت جو جلسو ٿيندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) دعوت اسلامي پاران 16 جنوري تي حيدرآباد ۾ شب معراج ۽ دستار فضيلت جو جلسو ٿيندو. جلسي کي دعوت اسلامي سنڌ جي مجلس مشاورت جو ميمبر ۽ نگرحاجي محمد علي عطاري خطاب ڪندو جڏهن ته دعوت اسلامي جي سموري دنيا جي مدرسن مان پاس ٿيل 96هزار9سو15 شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ سندون ورهايون وينديون جلسو حيدرآباد جي تعلقي لطيف آباد يونٽ 2 جي اقبال گرائونڊ تي ٿيندو

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (اي پي پي) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 281.80 رپيا ۽ خريد جو اگهه 278.78 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 378.23 رپيا ۽ خريد جو 373.78 رپيا، يورو جي وڪري جو اگهه 328.43 رپيا ۽ خريد جو اگهه 324.56 رپيا، جاپان جي ين جو اگهه 1.7819 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7608 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 75.15 رپيا ۽ خريد جو اگهه 74.26 رپيا، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 76.74 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.82 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي رڪارڊ

لنڊن (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي رڪارڊ رهي برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جي تيل جا سودا 63.30 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا، جڏهن ته ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ ۾ تيل جا سودا 0.1 سيڪڙو جي گهٽتائي سان 59.06 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا.

خيرپور ۾ پ ٽ الف جي چونڊ، پٽائيءَ پينل ڪامياب

خيرپور (د ر) پ ٽ الف خيرپور جي اليڪشن چيئرمين شفيع محمد خواجه سجاد علي ۽ غلام مصطفيٰ جي نگراني هيٺ ٿيون جنهن ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي اليڪشن ۾ خيرپور سٽي تي پٽائيءَ پينل جا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو جن ۾ صدر خير محمد سومرو،سينئر نائب صدر نصرالله سومرو،جنرل سيڪريٽري نظير احمد انصاري،ڊپٽي سيڪريٽري ثناء الله مڱڻهار پريس سيڪريٽري عاشق مهيسر ۽ آفيس سيڪريٽري ظفر علي لاشاري کي ڪامياب قرار ڏنو ويو هوڏانهن پ ٽ الف خيرپور جي اڳواڻن کي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏيڻ تي استاد شان ڪلهوڙو استاد عزيز الله منگي نذير احمد سولنگي ماجد علي ڪناسرو وڪاش ڪمار محمد بچل عباسي ظفر الله لاڪو سراج احمد پنهور عرفان علي چنا ۽ ٻين ڪامياب ٿيل اميدوارن کي مبارڪون ڏيندي چيو اڳ وانگر بنا ڪنهن فرق جي استادن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ جاري رکندا.

گڏيل عرب امارات جي اتحاد ايئر ويز کي سال 2025ع دوران مسافرن جي انگ ۾ 21 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

ابوظهبي (اي پي پي) گڏيل عرب امارات جي فضائي ڪمپني اتحاد ايئر ويز ذريعي سال 2025ع دوران 22.4 ملين مسافرن سفر ڪيو جيڪا ايئر لائين جي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ سالياني بنياد تي 21 سيڪڙو واڌ آهي پرڏيهي خبرن اداري مطابق سڄي سال لاءِ مسافر لوڊ فيڪٽر 88.3 سيڪڙو رهيو جيڪو 2024ع جي ڀيٽ ۾ 2 سيڪڙو وڌيڪ آهي ايئر لائن سال جي پڇاڙي شاندار انداز ۾ ڪئي، ڊسمبر ۾ 2.2 ملين مسافرن سفر ڪيو جيڪو 2024ع جي ان مهيني جي ڀيٽ ۾ 28 سيڪڙو وڌيڪ آهي ، ان دوران مسافر لوڊ فيڪٽر87.6 سيڪڙو رڪارڊ ڪيو ويو، اتحاد ايئر ويز جو آپريٽنگ بيڙو 127 جهازن تي ٻڌل آهي جنهن ۾ 2025ع دوران 29 نوان جهاز شامل ڪيا ويا، اها ايئر لائن جي تاريخ ۾ هڪ سال دوران بيڙي ۾ سڀ کان وڌيڪ واڌ آهي اتحاد ايئر ويز جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ٻڌايو ته 2025ع ۾ ايئر لائن لاءِ ترقي جو سال ثابت ٿيو 22 ملين کان وڌيڪ مسافرن سفر ڪيو جيڪو ايئر لائن جي تاريخ جو بلند ترين سالياني انگ آهي هن ٻڌايو ته هن وقت 127 جهازن تي ٻڌل تاريخ جو سڀ کان وڏو بيڙو اتحاد ايئر ويز کي ابوظهبي ۾ وڌيڪ مسافرن جي آجيان ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهي

گڏيجي پرسان صوفي شاعر سيد معراج علي رضا شاهه جهانيان جو عرس

درگاهه سيد معراج علي رضا شاهه جهانيان صوفي گيڙو رنگ ۾ رڱجي ويو

ملڪ جي چئني صوبن مان جهانيان خاندان جا هزارين عقيدت ميد پهتل

گڏيجي(ن ع)سنڌ جو مشهور صوفي بزرگ ۽ صوفي شاعر سيد معراج علي رضا شاهه جهانيان جو سالياني 28هون عرس مبارڪ گڏيجي جي پرسان ٽن ڏينهن وارو شروع ٿي ويو درگاهه سيد معراج علي رضا شاهه جهانيان صوفي گيڙو رنگ ۾ رڱجي ويو هر طرف حق موجود صدا موجود جون صدائون جاري ملڪ جي چئني صوبن مان جهانيان خاندان جا هزارين عقيدت ميد پهتل سج لهڻ کان پوءِ ٿيندڙ تائين محفل موسيقيءَ ۾ ريڊيو ٽي وي جي مشهور فنڪارن عبدالغفور سومرو،انجنيئر حميد راڄپر،فقير حسين ڏنو،فقير بخشڻ ساروڙي،شاهد چانڊيو،دلدار لغاري،فقير وريل سميت وڏي تعداد ۾ صوفي فنڪارن مهدي سائين،سڄل سرمست،پٺاڻي ڪهوٽ،خوش خيرمحمد هيسباڻي،جاني چن جا ڪلام تنهنجي ناءُ بنا پيو ناءُ نه وٺي،ڪيا آکان تيڏي آري دا سميت ٻيا ڪلام ڳائي سرد رات کي گرمائي ڇڏيو ۽ محفل ٻڌندڙ فنڪارن جي مٿان نوٽن جي برسات وسائي ٿي ۽ جهومائي ڇڏيو

گڏيجي صوفي شاعر سيد معراج علي رضا شاهه جهانيان جي عرس ۾ فنڪار فن جو مظاهرو ڪندي

گڏاپ ٽائون چيئرمين جي ڪائونسل ميمبرن ۽ آفيسرن ملاقات

ترقياتي ڪمن عوامي مسئلن ۽ بلدياتي سهولتن بابت آگاهي ڏني

روڊن جي تعمير ۽ مرمت، نيڪال آب، صفائي سٿرائي ۽ ٻين شهري سهولتن جي بهتري تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر سان مختلف ڪائونسل ميمبرن ۽ آفيسرن ملاقات ڪئي جنهن دوران گڏاپ ٽائون ۾ هلندڙ ۽ ايندڙ ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي خيال ونڊ ڪيو ويو. ملاقات دوران ڪائونسل ميمبر محمد رفيق جوکيو ميمبر عيسيٰ بلوچ ۽ ميمبر عاشق مسيح پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ جاري ترقياتي ڪمن عوامي مسئلن ۽ بلدياتي سهولتن بابت آگاهي ڏني. ڪائونسل ميمبرن خاص طور تي روڊن جي تعمير ۽ مرمت، نيڪال آب، صفائي سٿرائي، اسٽريٽ لائيٽن ۽ ٻين شهري سهولتن جي بهتري تي زور ڏنو. هنن ميونسپل ڪمشنر کي ٻڌايو ته عوام جون ديرينه ضرورتون نظر ۾ رکندي ترقياتي منصوبن جي وقت سر تڪميل ۽ ڪم جي معيار تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. ساڻن گڏ اهو مطالبو پڻ ڪيو ويو ته سڀ ترقياتي اسڪيمون شفافيت، ميرٽ ۽ عوامي مفاد کي سامهون رکي مڪمل ڪيون وڃن. ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر ڪائونسل ميمبرن جي تجويزن ۽ نشاندهي ڪيل مسئلن کي غور سان ٻڌو ۽ خاطري ڪرائي ته سڀئي ترقياتي منصوبا ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيا ويندا. ٽائون جي مجموعي ترقي ۽ عوام کي بهتر بلدياتي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ چونڊيل نمائندن سان گڏيل سهڪار ۽ مشاورت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو. ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ پنهنجي پيغام ۾ چيو ته گڏاپ ٽائون ۾ ترقياتي منصوبن جو بنيادي مقصد عوام کي بنيادي سهولتون وقت سر ۽ معياري نموني فراهم ڪرڻ آهي. ٽائون انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندا گڏجي پاڪستان پيپلز پارٽي جي منشور ۽ عوامي خدمت جي ويزن تحت علائقي جي تعمير ۽ ترقي لاءِ عملي قدم کڻي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته ترقياتي ڪمن ۾ شفافيت، معيار ۽ ميمبرن ساڻ گڏ عوامي مشاورت کي يقيني بڻايو پيو وڃي ۽ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. گڏاپ ٽائون کي هڪ بهتر منظم ۽ مثالي ٽائون بڻائڻ لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن. ملاقات ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ هدايت الله شيخ ۽ پي ايس ايم سي علي مهر پڻ موجود هئا.

ڪراچي ڪي ايم سي گڏاپ جو ميونسپل ڪمشنر گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

گمس ۾ 11 جگر جي ٽرانسپلانٽ مفت ڪيا آهن: ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي

بون ميرو ٽرانسپلانٽ جا 200 ڪيس مفت ۾ ڪاميابيءَ سان ڪري چڪا آهيون

هن ڪاميابي جو ڪريڊٽ سنڌ حڪومت کي وڃي ٿو: ڊائريڪٽر جو عبرت سان ڳالهيون

سوڀوديرو(ن ع) گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي چيو آهي ته جي ايم ايس 11 جگر جي ٽرانسپلانٽ ۽ 200 بون ميرو ٽرانسپلانٽ مفت ۾ ڪاميابيءَ سان ڪري هڪ اهم سنگ ميل حاصل ڪيو آهي. هن ڪاميابي جو ڪريڊٽ سنڌ حڪومت کي وڃي ٿو جنهن ملڪي ۽ غير ملڪي مريضن کي بين الاقوامي طرز ۽ مفت علاج فراهم ڪرڻ ۾ جي ايم ايس کي هر ممڪن مدد فراهم ڪئي. ڊاڪٽر عبدالرحيم ڀٽي جو چوڻ آهي ته هي پاڪستان لاءِ هڪ تاريخي ڪاميابي آهي جنهن ۾ سرڪاري شعبي جي صحت جي سهولت ۾ ڪيترائي پيچيده جگر جي ٽرانسپلانٽ ڪاميابي سان ڪيا ويا آهن جيڪو ايشيا ۾ به مثال آهي. سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخوا ڪشمير ۽ افغانستان جي مختلف ضلعن جا مريض جگر ۽ بون ميرو جهڙن مهانگن ٽرانسپلانٽن مان مفت فائدو حاصل ڪيو آهي. عبرت سان ڳالهائيندي ڊائريڪٽر گمس چيو ته ليور ٽرانسپلانٽ ڊپارٽمينٽ جنوري 2016 ۾ قائم ڪيو ويو هو جنهن ۾ پهريون ڪامياب ٽرانسپلانٽ ساڳئي سال اپريل ۾ ڪيو ويو هو شروعات ۾، جرمني ۽ ٻين ملڪن جا بين الاقوامي سرجن اهي سرجريون ڪيون جڏهن ته هاڻي اسان جا پنهنجا ماهر سرجن ۽ ڊاڪٽر ڪم سٺي نموني سان ڪري رهيا آهن. ليور ٽرانسپلانٽ، ملڪ جو سڀ کان وڏو ليور ٽرانسپلانٽ پروگرام ۽ مرڪز ۾ 60 بسترن وارو وارڊ، 30 بسترن وارو ICU، 10 بسترن وارو ليور ايمرجنسي، 6 نوان آپريشن ٿيٽر ۽ 80 ڪمرا شامل آهن اهو هڪ ماڊل ۽ انسانيت جي ڪوشش جي علامت بڻجي چڪو آهي ته جيڪي مريض مالي مشڪلاتن جي ڪري علاج لاءِ پرڏيهه نه وڃي سگهيا هئا، اهي هاڻي مڪمل طور تي مفت علاج ۽ ڊاڪٽر هتي حاصل ڪري رهيا آهن. ڊاڪٽر ڀٽي جي مطابق، GUMS ۾ ليور ٽرانسپلانٽ جي ڪاميابي جي شرح 90 سيڪڙو آهي جيڪا ترقي يافته ملڪن جي مقابلي ۾ آهي.

سوڀوديرو گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي

سنڌي ادبي سنگت شاخ اڏيرو لال اسٽيشن جو وفد پريس ڪلب پهتو

ساس جي وفد نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪ ڏيندي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

عوامي پريس ڪلب جا صحافي جس لهڻن، جن هميشه حق جو ساٿ ڏنو آهي: اڳواڻ

اڏيرو لال (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ اڏيرو لال اسٽيشن جي وفد جي عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن آمد نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪ ڏيندي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ان موقعي تي اڳوڻي ساس جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت سنڌ احساس ميرل، حاجي غلام حيدر خاصخيلي، فقير بلاول خشڪ چيو ته عوامي پريس ڪلب جا صحافي جس لهڻن جنهن سدائين عوام جي ڏکن کي بنا ڪنهن ڊپ ۽ دٻاءُ جي ايوانن تائين پهچائي عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ان موقعي تي فنڪار خالد ميراڻي ڪلام ٻڌائي واهه واهه ڪرائي ڇڏيو ان موقعي تي اعجاز ٻرڙو راشد علي جتوئي اعجاز علي ٻرڙو بابو بروهي ڪامريڊ اعجاز خشڪ ۽ ٻيا موجود هئا

اڏيرولال سنڌي ادبي سنگت جو وفد پريس ڪلب جي نئين باڊي کي مبارڪباد ڏيندي

شهدادپور جي ڳوٺ پير ڪوڙل مان چوري وارو مامرو

جاسوسي ڪتي جي نشاندهي ڪانپوءِ ٽن ڄڻن تي ڪيس داخل

جتيا پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي ڳوٺ پير ڪوڙل مان نامعلوم چورن پاران زميندار غلام مصطفيٰ جي ڍڳي ۽ ڳابو چوري ڪرڻ واقعي بعد پيري ۽ جاسوسي ڪتي جي نشاندهي ڪانپوءِ پيرا لڳڻ بعد جتيا پوليس پاران فريادي غلام مصطفيٰ بگهيو جي فرياد تي اظهر عرف مرچو چانڊيو ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي هوڏانهن پوليس پاران واقعي جي ايف آئي آر داخل ڪرڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن تاهم ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي هئي.

دوڙ فلائي اوور تي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر

خان مري واسي اصغر علي آرائين سميت پنج ڄڻا زخمي

علي حسن لغاري جي حالت خراب هجڻ ڪري کيس نوابشاهه ريفر ڪيو ويو

دوڙ(ن ع) دوڙ فلائي اوور تي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر ٿي پيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ دريا خان مري واسي اصغر علي آرائين نينگر حسنين آرائين ۽ رضيه بيبي ٻئي پاسي مصر جي واهه واسي علي حسن لغاري ۽ ڪريم بخش لغاري زخمي ٿي پيا حادثي واري هنڌ دوڙ پوليس پهچي زخمين کي دوڙ اسپتال پهچايو جتي علي حسن لغاري جي حالت خراب هجڻ ڪري کيس نوابشاهه ريفر ڪيو ويو آهي دوڙ پوليس حادثي واري هنڌ ٻنهي موٽر سائيڪلن کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو آهي پوليس

خيرپور ضلعي ۾ ايريگيشن عملي جي نااهلي، سنڌو دريا مان سالياني واربندي دوران مٽي ڪڍڻ لڳي

ضلعي جي مختلف واهن ڪينالن ۽ شاخن مان غير قانوني طريقي سان کوٽائي ڪرائي مٽيءَ وڪرو ڪرڻ جو سلسلو تيز

ايريگيشن کاتي جي عملدارن سالياني وارا بندي دوران واهن، شاخن ۽ ڪئنالن جي مرمت لاءِ آيل بجيٽ ٽپن وال ڪري ڇڏي

واهن، ڪئنالن ۽ شاخن مان واري ڪڍڻ سبب روڊ رستا واري ڪرڻ سبب خراب ٿي ويا آهن جنهن سبب مٽي اڏامي ٿي: شهري

خيرپور (د ر) سنڌو دريا مان سالياني واربندي بعد خيرپور ضلعي ۾ ايريگيشن کاتي جي عملي افغاني پٺاڻن کان ڳري رشوت وٺي هيوي مشينري ذريعي خيرپور ضلعي جي مختلف واهن ڪينالن ۽ شاخن مان غير قانوني طريقي سان کوٽائي ڪرائي مٽيءَ وڪرو ڪئي پئي وڃي جڏهن ته گذريل ٽن ڏينهن کان غيرقانوني طور مٽي ڪڍڻ جو سلسلو جاري آهي ذريعن موجب ايريگيشن کاتي عملدارن سالياني وارا بندي دوران واهن شاخن ۽ ڪئنالن جي مرمت لاءِ آيل اربين رپين جي بجيٽ ذريعي ڪم ڪرڻ بجائي رقم ڳڙڪائڻ لاءِ ٻاهر ماڻهن ۽ افغاني پٺاڻن ذريعي مٽي ڪڍڻ جي اجازت ڏني وئي آهي . جڏهن ته معلوم ٿيو آهي ته ايريگيشن کاتي جا ملازم في ٽريڪٽر ٽرالي تي هزار کان 1500 سو رپيا وٺتا پيا وڃن جڏهن ته مٽي ڪڍڻ سبب واهن شاخن ۽ ڪئنالن جا ڪپر ڪمزور ٿيندا، جنهن ڪري گهارا پوڻ جو خدشو آهي.واهن ڪئنالن ۽ شاخن مان واري ڪڍڻ سبب روڊ رستا واري ڪرڻ سبب خراب ٿي ويا آهن جنهن سبب مٽي اڏامي ٿي ماڻهن ۾ مختلف بيماريون پکڙجڻ جو خدشو آهي. هوڏانهن خيرپور جي سماجي اڳواڻن شاهنواز ڪلهوڙو، اسد الله ناريجو، وزير تانوري ۽ ٻين چيو آهي سنڌ حڪومت واهن،ڪئنالن ۽ شاخن جي مرمت ۽ ڪاٽي لاءِ اربين رپيا جاري ڪيا آهن پر افسوس ايريگيشن کاتي جي ايسٽ ۽ ويسٽ ڊويزن جا انجنيئر واهن، شاخن ۽ ڪئنالن مرمت ۽ ڪاٽي شروع نه ڪرائي آهي ۽ اربين رپيا ڪرپشن ذريعي هڙپ ڪرڻ چاهين ٿا جنهن ڪري فوري طور تي نوٽيس وٺي واهن شاخن ۽ ڪئنالن مان غير قانوني مٽي جو سلسلو ختم ڪري واهن، ڪئنالن ۽ شاخن جي مرمت ڪاٽي ڪرائي وڃي جيڪڏهن ڪاٽي ۽ مرمت نه ڪرائي وئي ته وڏا گهارا پوڻ جو خدشو آهي جنهن ڪري وڏا گهارا پوڻ جو خدشو آهي ۽ اربين رپين جو نقصان ٿيندو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تعلقه اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ، اسٽور ڪيپر جو مريضن سان اڏنگو رويو

ڊاڪٽر پاران دوا جي پرچي لکڻ باوجود اسٽور ڪيپر پاران ڪورو جواب، دوائون ٻاهران اسٽور تان وٺڻ جو مشورو

پي پي ايڇ آءِ کي ٺيڪي تي ڏئي اسپتال کي تباهي جي طرف ڌڪيو ويو، غريب مريضن جو انتظاميه خلاف احتجاج

سرڪاري اسپتال مان مريضن کي خالي هٿين واپس ڪيو پيو وڃي، جيڪا سراسر عوام سان ظلم ۽ زيادتي آهي: مريض

ڏوڪري (ن ع) ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تعلقه اسپتال ڏوڪري جي واحد سرڪاري اسپتال آهي جيڪا پي پي ايڇ آءِ کي ٺيڪي تي ڏئي اسپتال کي تباهي جي طرف ڌڪيو ويو آهي. دوائون سرڪاري اسٽور ۾ رکڻ ۽ مريضن کي ڏيڻ بجاءِ ٻاهر جي بنگلي تي ڪروڙين رپين جي دوا رکي ٻاهر وڪرو ڪئي پئي وڃي. ڊاڪٽر مريضن کي دوائون لکي ڏين ٿا پر سرڪاري اسٽور ۾ دوا اٿليپ ٿي وڃي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار نوجوان سماجي اتحاد جي جاکوڙي اڳواڻ نذير جوڻيجو ميڊيا آڏو ڏانهينڊي ٻڌايو ته سرڪاري اسپتال مان مريضن کي خالي هٿين واپس ڪيو پيو وڃي جيڪا سراسر عوام سان ظلم ۽ زيادتي آهي پر ڪرپٽ انچارج قانوني پڪڙ جڪڙ کان آجو آهي، سرڪاري اسپتال کي عياش خانو ڪري اسپتال بجيٽ هڙپ ڪري غريب مريضن کي دوائن کان محروم ڪيو آهي.نوجوان سماجي اتحاد پاران ڪرپٽ آفيسر کي هٽائي ديانتداري عوام دوست آفيسر مقرر ڪيو وڃي جيئن غريب بي پهچ مريضن جي داد رسي ٿي سگهي.

فلپائن جي ڊمپ سائيٽ جي ڍهي پوڻ سبب فوتين جو انگ 11 ٿي ويو

منيلا (اي پي پي)فلپائن جي شهر سيبوسٽي ۾ ڊمپ سائيٽ (ڪچري وارو هنڌ) ڍهي پوڻ سبب فوتين جو انگ وڌي 11 ٿي ويو آهي 25 ڄڻا لاپتا آهن جن جي ڳولا جاري آهي پرڏيهي ميڊيا موجب سيبو سٽي جي ميئر ٻڌايو آهي ته سموا 18 بچي ويل ماڻهو زخمي آهن جن کي اسپتال ۾ طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي ميئر وڌيڪ ٻڌايو ته 72 ڪلاڪ گذري ويا آهن اسان کي اميد آهي ته ڪجهه ماڻهو زنده آهن ان ڪري ريسڪيو آپريشن جاري رکيو آهي هن ريسڪيو ڪارروائي تي متاثر خاندانن جي تحفظ کي تسليم ڪندي چيو ته وڌيڪ خطرن کان بچڻ لاءِ آپريشن انتهائي احتياط سان ڪيو پيو وڃي هن وضاحت ڪئي ته اها عمارت هڪ ڌاتو جو ڍانچو آهي ان جا سمورا حصا هڪ ٻئي سان جڙيل آهن اسان ان کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته ان ۾ ڦاٿل ماڻهو ڪڍجي سگهن ٿا هن ان هنڌ تان گيس خارج ٿيڻ ۽ باهه لڳڻ جي خدشي کان به خبردار ڪيو.

مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس کي لبرٽي مارڪيٽ واري علائقي مان 55 ورهين جي هڪ نامعلوم شخص جو لاش هٿ

حيدرآباد(اي پي پي)حيدرآباد جي مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس کي لبرٽي مارڪيٽ واري علائقي مان 55 ورهين جي هڪ نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي جنهن کي ايڌي رضاڪارن سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪري ڇڏيو آهي ايڌي سينٽر جي ترجمان جو چوڻ آهي ته فوتي جي جسم مان رت وهي رهيو هو

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگن اکر جاري

اسلام آباد - 13 جنوري (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 18 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 18 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 9 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 9 هزار 900 ڪيوسڪ آهي خير آباد پل تي پاڻي جي آمد 15 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 15 هزار 300 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 3 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 100 ڪيوسڪ آهي جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 17 هزار 500 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمز ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 149.00 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.747 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، موجوده سطح 1200.25 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 4.272 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، ريزروائر ۾ پاڻي جي موجوده سطح 644.60 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.129 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

نارو شاهه ۾ روزاني عبرت جي رپورٽر فقير ارشاد سولنگي جو پيئڙيو عبدالستار سولنگي وفات ڪري ويو

نارو شاهه(ن ع) نارو شاهه ۾ روزاني عبرت جي رپورٽر فقير ارشاد سولنگي جو پيئڙيو عبدالستار سولنگي وفات ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي مرحوم جو مڙهه سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جي پوئينرن ۽ روزاني عبرت جي رپورٽر فقير ارشاد سولنگي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته روزاني عبرت جي سرواڻ قاضي اسد عابد سميت عبرت سٽ روزاني عبرت جي رپورٽر فقير ارشاد سولنگي سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي

جاپان ۾ منعقد ٿيندڙ عالمي واپاري نمائش ۾ شرڪت لاءِ درخواستون 23 جنوري تائين طلب

اسلام آباد (اي پي پي)ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي پاڪستان (ٽي ڊي اي پي) چيو آهي ته جاپان ۾ 8 کان 10 اپريل تائين منعقد ٿيندڙ عالمي واپاري نمائش جاپان آءِ ٽي ويڪ ۾ شرڪت لاءِ 23 جنوري تائين درخواستون جمع ڪرائي سگهجن ٿيون ٽي ڊي اي پي مطابق نمائش ٽوڪيو ۾ 8 اپريل کان 10 اپريل تائين جاري رهندي، جنهن ۾ اي آءِ ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، بگ ڊيٽا سالوشن انفارميشن سيڪيورٽي، ويب ۽ اي ڪامرس سالوشن سان لاڳاپيل ماڻهو ۽ ادارا پنهنجون منصوعات عالمي خريدارن سامهون پيش ڪرڻ سان گڏو گڏ پنهنجا ڪاروباري معاملا پڻ طئي ڪري سگهن ٿا. نمائش جي حوالي سان وڌيڪ تفصيل اٿارٽي جي ويب سائيٽ تان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

سمس اسپتال جي پيراميڊيڪل اسٽاف ڌڙا بندي جو شڪار

هڪ گروپ پاران وائي پي اي کي ڇڏي پاڪستان پيراميڊيڪل ۾ شموليت

اسان پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي مسئلن کان واقف آهيون: محمد شريف پالاري

شهدادپور سمس اسپتال جي پيراميڊيڪل اسٽاف پاران صوبائي اڳواڻن کي پليڪار ڪيو پيو وڃي

شهدادپور(ن ع) سمس اسپتال جي پيراميڊيڪل اسٽاف ڌڙا بندي جو شڪار،هڪ گروپ وائي پي اي کي ڇڏي پاڪستان پيراميڊيڪل ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي،مرڪزي اڳواڻن جي آمد.ڀرپور آجيان پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن 041 سمس يونٽ شهدادپور پاڪستان پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي صوبائي قيادت جو شاندار استقبال ڪيو. ان موقعي تي مرڪزي صدر محمد شريف پالاري، نائب صدر غلام شبير لغاري، سيد گلزار علي شاهه مختيار علي ڪوريجو سردار اڪرم بلوچ عبدالغفار ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسان پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي مسئلن کان واقف آهيون ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون هن چيو ته جتي به پيرا ميڊيڪل اسٽاف جو مسئلو هوندو اسان انهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪنداسين ان موقعي تي شهدادپور يونٽ باڊي قائم ڪئي وئي جنهن ۾ شهدادپور يونٽ لاءِ چيف پيٽرن محمد رمضان چنو صدر طارق اعظم لاڪو چيئرمين محمد حنيف باريجو جنرل سيڪريٽري محمد رضا، نائب صدر محمد علي هنگورو، نائب صدر فرحان علي ميمڻ سينئر وائيس چيئرمين لکين الدين شاهه وائيس چيئرمين لال بخش چنو،جوائنٽ سيڪريٽري مبارڪ علي پريس سيڪريٽري محبوب علي پنهور فنانس سيڪريٽري اسرار احمد خلجي اطلاعات سيڪريٽري امتياز قمبراڻي آفيس سيڪريٽري صدام جلباڻي چونڊيا ويا. ان موقعي تي مهمانن کي لنگي ۽ گلن جا تحفا پيش ڪيا ويا.ياد رهي ته شهدادپورسمس اسپتال جي پيراميڊيڪل اسٽاف ڌڙا بندي جو شڪار ٿي وئي.جنهن جي ڪري هڪ گروپ وائي پي اي کي ڇڏي پاڪستان پيراميڊيڪل اسٽاف ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي.

مانجهند تعلقي جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار

واپاري لعل بخش ڪوسو جون رولو ڪتن 7 ٻڪريون ڏاڙهي ماري ڇڏيون

شاهه اويس قرني ۾ حافظ علي نواز ابڙو جون پنج ٻڪريون پڻ رولو ڪتن جو کاڄ بڻجي ويون

مانجهند(ن ع) مانجهند تعلقي جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو ٽائون ڪميٽي مانجهند جي حد ۾ واپاري لعل بخش ڪوسو جون رولو ڪتن 7 ٻڪريون ڏاڙهي ماري ڇڏيون يوسي شاهه اويس قرني ۾ حافظ علي نواز ابڙو جون پنج ٻڪريون پڻ رولو ڪتن جو کاڄ بڻجي ويون يوسي ڪول مائينز ۾ محمد ملوڪ ڪوسو جي ٻن ٻڪرين پڻ ڪتن ماري ڇڏيون واپاري لعل بخش ڪوسو ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته انتظاميا کي ڪجهه وقت اڳ 2 ٻڪريون مارجڻ جي شڪايت ڪئي هئم قدم نه کڻڻ سبب رات واپار لاءِ آڌر تي ورتل 2 لک روپين جون ٻڪريون کٽا ڪاٽي ويا جنهن سبب قرضي ٿي ويو آهيان جڏهن ته روزگار پڻ بند ٿي ويو آهي ساڻس انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪندس

مانجهند رولو ڪتن پاران واپاري لعل بخش ڪوسو جي ماريل ٻڪريون

حيدرآباد ضلع ڪائونسل جي رٽائرڊ ملازمن کي پينشن نه ملي

ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد جو قيام عمل ۾ اچڻ بعد پينشنر پريشان

ملاڪاتيار (ن ع) حيدرآباد ضلع ڪائونسل جي رٽائرڊ ملازمن کي جڏهن ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد جو قيام عمل ۾ آيو ته بلديا ۾ ضم ڪيو ويو رٽائرڊ ملازم کي ماهوار پينشن به ملندي رهي اوچتو نومبر 2025 کان بند ڪئي وئي آهي نومبر ڊسمبر به مهينا گذري ويا جنوري 2026 جو ٽيون مهينو هلي رهيو آهي پر افسوس جو انهن کي رٽائرڊ ملازمن تي رحم نه آيو جو گذر سفر انهيءَ پينشن تي آهي پ پ وارا عوام لاءِ ته وڏيون ڊاڙون هڻن ٿا ته اسان جي پارٽي غريب عوام جي پارٽي آهي رٽائرڊ ملازم فاڪا ڪشي ۾ مبتلا آهن ته ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد ۾ ٽنڊو محمد خان ٽنڊو الهيار مٽياري ۽ حيدرآباد جا 400 کن ملازم شامل آهن ته خاندان به انهن جو وسيع هوندو وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير بلديات کي فوري نوٽيس وٺي رٽائرڊ ملازمن جي پينشن جاري ڪري پريشانيءَ کان بچائڻ گهرجي

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ جامع اورينٽيشن سيشن

فارماسسٽ مريض جي زندگي بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو: وي سي

هي صرف هڪ ڊگري ناهي پر هڪ وڏي ذميواري آهي، ايمانداري ۽ انصاف سان نڀائڻ ضروري آهي

خيرپور (د ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ فارميسي ۽ باٽني شعبي پاران نون شاگردن لاءِ هڪ جامع اورينٽيشن سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت وائس چانسلر ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ ڪئي.پنهنجي اهم خطاب ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر يوسف خشڪ لاڳاپيل شعبن جي حوالي سان سماجي ذميوارين تي زور ڏيندي فارميسي ۽ باٽني جي شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو ته فارماسسٽ مريض جي زندگي بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو هي صرف هڪ ڊگري ناهي پر هڪ وڏي ذميواري آهي.هن وضاحت ڪئي ته جڏهن ڊاڪٽر دوائون لکن ٿا تڏهن فارماسسٽ جي ذميواري آهي ته دوائن جي معيار صحيح مقدار ۽ تاريخ ختم ٿيڻ کي يقيني بڻائي.هي هڪ اخلاقي ذميواري آهي جيڪا ايمانداري ۽ انصاف سان نڀائڻ ضروري آهي.وائيس چانسلر شعبن جي قيام ۽ منظوري لاءِ گڏيل ڪوشش جو ذڪر ڪندي والدين، استادن ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل کي ساراهيو ۽ يقين ڏياريو ته يونيورسٽي انتظاميا، استاد ۽ عملو گڏجي شاگردن لاءِ بهتر تعليمي ماحول پيدا ڪري رهيا آهن ۽ اداري ۾ استاد توهان کي پڙهائڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ لاءِ موجود آهن هاڻي توهان جي ذميواري آهي ته پنهنجي مهارتن چاهه ۽ قابليت کي وڌايو.ڊاڪٽر خشڪ شاگردن جي ترقي لاءِ ڪيل وڏي سيڙپڪاري جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته يونيورسٽي 13 ڪروڙ روپيا اسڪالرشپس طور جاري ڪيا آهن ۽ شاگردن کي محنت ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪلاسن ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪئي.هن شاگردن کي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي موقعا ڳولڻ جي همت افزائي ڪئي ۽ چيو ته اعليٰ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي فيڪلٽي چونڊيندي.جڏهن ته حڪومت توهان لاءِ هن يونيورسٽي کي علائقن لاءِ وڏا فنڊ خرچ ڪري رهي آهي اسان چاهيون ٿا ته توهان تعليم حاصل ڪري سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو.وائيس چانسلر اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ وڌيڪ اسڪالرشپس ملنديون هن ٻڌايو ته نصاب کان علاوه شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ملڪ اندر ۽ ٻاهر مختلف ادارن سان انٽرن شپس ۽ ريسرچ لاءِ گڏيل ياداشت جي معاهدي مفاهمتي تي صحيحون ڪيون آهن اوهان پنهنجي تعليم ۽ سماج ۽ ملڪ لاءِ ذميواري تي ڌيان ڏيو اسان گڏجي توهان جا خواب ساڀيان بڻائڻ چاهيون ٿا.باٽني شعبي جي شاگردن سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر خشڪ هن شعبي جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ ان جي اهميت تي روشني وجهندي چيو ته باٽني شعبي جا شاگرد سماج ملڪ قوم ۽ معيشت جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.هن ياد ڏياريو ته ايندڙ چار سال سندن مستقبل جي تعمير لاءِ انتهائي اهم آهن.باٽني ۽ فارميسي شعبن جي چيئرمين به وائس چانسلر جي ڳالهين جي حمايت ڪندي شاگردن کي اڪيڊمڪ ڪئلينڊر تي عمل ڪرڻ، قابل فيڪلٽي مان فائدو وٺڻ ۽ محنت سان پنهنجن مقصدن ڏانهن وڌڻ ۽ يونيورسٽي جي مختلف شعبن ۽ سهولتن کي ڳولڻ جي تلقين ڪئي. اورينٽيشن سيشن اعليٰ اميدن سهڪار ۽ علمي ۽ پيشورائي بهتري لاءِ گڏيل عزم جو واضح پيغام ڏنو.هن سيشن ۾ فيڪلٽي آف نيچرل سائنسز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق علي جکراڻي، فارميسي شعبي جو چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالسميع شيخ، باٽني شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر ممتاز ساند فيڪلٽي ميمبرن ڊاڪٽر مظفر سروهي، ڊاڪٽر علي رضا لاشاري، ڊاڪٽر نعيم احمد ۽ ڊاڪٽر فواد خان اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر جي نمائندي شمائلا رباب، ايڊوائيزر فار اسٽوڊنٽس ويلفيئر افيئرز فرحان لطيف ميمڻ ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 14 جنوري 2026ع

آءِ ايم ايف کان آزاد ٿيڻ لاءِ برآمدات ۽ پيداوار تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت

پاڪستان جي معيشت ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ هڪ سنجيده مالي بحران جو منهن ڏسي رهي آهي. قرضن جي وڌندڙ بوجهه، واپاري خساري ۽ محدود پيداوار جي ڪري ملڪ جي معاشي صورتحال پيچيده ٿي چڪي آهي. اهڙي صورتحال ۾ منصوبه بنديءَ واري وفاقي وزير احسن اقبال جي بيانن ۾ پيش ڪيل حڪمت عملي اهم ٿي وڃي ٿي. جنهن ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته پاڪستان جي معاشي آزادي لاءِ ٻه ئي رستا آهن: هڪ طرف آءِ ايم ايف ۽ ٻي طرف قرضن تي ڀاڙڻ يا پيداوار وڌائي، برآمدات وڌائي ۽ خود ڪفالت حاصل ڪري آءِ ايم ايف کي الوداع چوڻ. احسن اقبال جو چوڻ آهي ته قرض تي گذارڻ ڪنهن به صورت ۾ ڪارآمد ناهي. معاشي ترقي ۽ مالي خودمختياري حاصل ڪرڻ لاءِ پيداوار وڌائڻ ۽ برآمدات وڌائڻ لازمي آهن. موجوده صورتحال ۾ پاڪستان جي مجموعي پيداوار (GDP)صرف 600 ارب ڊالر تائين محدود آهي. جڏهن ته حقيقي حدف 10 هزار ارب ڊالر رکيو ويو آهي. منصوبه بنديءَ واري وزير مطابق ايندڙ ڇهن سالن ۾ برآمدات کي 60 ارب ڊالر ۽ 2035 تائين 100 ارب ڊالر تائين پهچائڻ لازمي آهي. اقتصادي ترقي لاءِ صنعتي شعبو مرڪزي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. احسن اقبال تجويز ڪري ٿو ته صنعتي شعبن کي قومي موڪلن دوران به فعال رکڻ گهرجي ته جيئن سپلائي چين متاثر نه ٿئي ۽ پيداوار تي اثر نه پوي. هي قدم معاشي ترقيءَ ۾ تيزي آڻي سگهي ٿو ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهي ٿو. انهن جو چوڻ آهي ته هلندڙ مالي سال جي پهرين ڇهه مهينن ۾ 210 ارب روپين جا ترقياتي فنڊ خرچ ڪيا ويا آهن. جيڪو مستقبل جي ترقيءَ جي رستي تي هڪ اهم قدم آهي.

گذريل حڪومت جي پاليسين جي ڀيٽ ۾ موجوده حڪومتي حڪمت عملي وڌيڪ پائيدار ۽ ترقي پسند نظر اچي ٿي. گذريل دور ۾ اقتصادي گروٿ کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون امپورٽون ڪيون ويون. جنهن سبب تجارتي خسارو 50 ارب ڊالر وڌي ويو. اهڙي پاليسي سان صرف عارضي فائدو مليو پر ڊگهي مدت ۾ معيشت کي نقصان پهچايو. احسن اقبال واضح ڪن ٿا ته غير ملڪي زر مبادله پاڪستان جي معيشت لاءِ آڪسيجن جي حيثيت رکي ٿي ۽ مصنوعي گروٿ کان پاسو ڪرڻ ضروري آهي. حڪومت برآمدات ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ گهٽ قيمت وارين شين کان وڌيڪ قيمت وارين شين تي ڌيان ڏئي رهي آهي. چونڊيل شعبن ۾ اربين ڊالرز جي برآمدات حاصل ڪرڻ جو منصوبو تيار آهي. جيڪو ملڪ جي مالي خودمختياريءَ لاءِ اهم قدم آهي. وزيرِ منصوبه بندي جو چوڻ آهي ته برآمدات ۾ ايندڙ چند سالن ۾ 20 ارب ڊالر جو اضافو ممڪن آهي. جيڪو معيشت لاءِ هڪ اهم موقعو فراهم ڪري ٿو. اقتصادي ترقيءَ کي هٿي وٺائڻ لاءِ حڪومت کي تعليم، تحقيق ۽ ماهر عملي جي تياريءَ تي پڻ ڌيان ڏيڻ گهرجي. پاڪستان آمريڪا ۽ چين کان 10 هزار اسڪالرشپ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جنهن سان ماهرن جي تربيت ۽ تحقيقاتي شعبن ۾ مضبوط بنياد رکڻ ۾ مدد ملندي. اهڙي حڪمت عمليءَ سان نه رڳو معيشت مستحڪم ٿيندي پر عالمي سطح تي مقابلي جو موقعو پڻ ملندو. زيتون ۽ چانهه جهڙين مقامي پيداوار تي ڌيان ڏيڻ ۽ انهن جي پيداوار کي وڌائڻ پڻ معاشي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. اهڙي پاليسي سان مقامي صنعتن کي فروغ ملندو ۽ درآمد تي ڀاڙڻ گهٽجي سگهندو. ٻئي طرف، پوليو جي خاتمي لاءِ بل گيٽس جي 2 ارب ڊالر امداد پڻ ظاهر ڪري ٿي ته بين الاقوامي ادارن ۽ شراڪتن سان تعاون ملڪ جي معاشي ۽ سماجي ترقي لاءِ ڪيترو ضروري آهي.

بهرحال، احسن اقبال جو پيغام صاف آهي. قرض تي گذارڻ جي بجاءِ پيداوار وڌايو، برآمدات وڌايو ۽ اقتصادي خودمختياري حاصل ڪريو. جيڪڏهن هيءَ حڪمت عملي صحيح طريقي سان لاڳو ڪئي وئي ته پاڪستان نه رڳو آءِ ايم ايف جي قرضن کان آزاد ٿي سگهي ٿو پر عالمي معيشت ۾ هڪ مستحڪم ۽ مقابلي واري حيثيت پڻ حاصل ڪري سگهي ٿو. اها وقت جي ضرورت آهي ته صنعت، زرعي پيداوار، تعليم، تحقيق ۽ مقامي صنعتن جي ترقيءَ تي توجهه ڏني وڃي. هر شعبي ۾ متحرڪ ۽ مربوط پاليسين سان ئي پاڪستان آءِ ايم ايف جي قرضن تي ڀاڙڻ کان آزاد ٿي سگهي ٿو ۽ 10 هزار ارب ڊالر جي حقيقي معيشت جو خواب حقيقت ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان جي 2026ع لاءِ قومي ايجنڊا ڇا هئڻ گهرجي؟

مليحه لوڌي

نئين سال جي شروعات اسان کان اِهو مطالبو ڪري ٿي ته ملڪ جا جيڪي مسئلا هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، تن تي سنجيدگيءَ سان ويهي سوچجي. سڀ کان پهرين انهن بنيادي مسئلن جي سڃاڻپ ڪجي، جيڪي ملڪ کي پوئتي ڌڪي رهيا آهن ۽ پوءِ اِهو فيصلو ڪجي ته اڳتي ڪهڙو رستو اختيار ڪرڻو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ملڪ لاءِ اهڙو قومي ايجنڊا جوڙيو وڃي، جنهن تي سڀ سياسي ڌريون گڏ ٿي متفق ٿين. جو ته سياسي ڌرين جي گڏ ٿيڻ کانسواءِ ملڪ اڳتي نٿو وڌي سگهي. جيڪڏهن سڀ پارٽيون ذاتي ۽ سياسي مفادن کان مٿي ٿي قومي سوچ اختيار ڪن ته ملڪ لاءِ ڊگهي مُدي وارا سياسي ۽ معاشي استحڪام حاصل ڪري سگهجن ٿا. جيڪو پاڪستان کي بحرانن مان ڪڍڻ جو واحد رستو آهي. سڀ کان پهريون ڪم اهو هئڻ گهرجي ته حڪومت ۽ مخالف ڌر پاڻ ۾ ويهي ڳالهه ٻولهه ڪن ۽ مفاهمت ذريعي ملڪ ۾ سڪون ۽ امن وارو سياسي ماحول قائم ڪن. جيڪو ملڪ پاڻ ۾ ورهايل هجي ۽ سياسي طور تي شديد ڇڪتاڻ ۾ هجي، اهو ڪڏهن به مضبوط ۽ مستحڪم نٿو ٿي سگهي. جيتوڻيڪ سياسي ڌرين وچ ۾ هڪٻئي تي بي اعتمادي تمام گهڻي آهي، پر ان هوندي به سڀني سياسي پارٽين ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين (اسٽيڪ هولڊرز) کي گهرجي ته هو لڳاتار هلندڙ تڪرار، ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءُ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪن. جو ته اهڙي صورتحال ملڪ ۾ بي يقيني، انتشار ۽ افراتفري کي جنم ڏئي رهي آهي، جنهن جو نقصان سڌو سنئون عوام کي پهچي رهيو آهي. تحريڪِ انصاف هاڻي اهڙي حڪومت سان ڳالهين لاءِ تيار ٿيڻ جو اظهار ڪري رهي آهي، جنهن کي اها اڃا تائين جائز تسليم نٿي ڪري. اها صورتحال هڪ موقعو آهي، جيڪو شايد گهڻي دير تائين موجود نه رهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ بلاول ڀٽو زرداري جو تازو بيان، جنهن ۾ هن سياسي مفاهمت ۽ گڏجي هلڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، هڪ سٺو ۽ مثبت قدم آهي، جنهن کي اڳتي وڌائڻ ۽ عملي صورت ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. حڪومت وقت بوقت ڳالهين (مذاڪرات) جي آڇ ته ڪندي رهي آهي، پر انهن آڇن ۾ سنجيدگي گهٽ نظر آئي آهي. گهڻن ئي موقعن تي اهڙين ڳالهين جي آڇ سان گڏ مخالف ڌر خلاف اهڙي ٻولي به استعمال ڪئي وئي، جنهن ۾ اپوزيشن کي جڻ شيطان وانگر پيش ڪيو ويو. ان کان علاوه پارليامينٽ کي رڳو ربڙ اسٽيمپ وانگر استعمال ڪرڻ، آئين ۾ ترميمون زبردستي منظور ڪرائي عدليه جي آزاديءَ کي ڪمزور ڪرڻ ۽ اپوزيشن توڙي اختلاف راءِ رکڻ وارن خلاف سخت ڪارروايون ڪرڻ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته موجوده حڪومت جو جمهوريت سان رويو احترام وارو ناهي. اهڙيون حرڪتون ملڪ ۾ سياسي تڪرار کي وڌيڪ وڌائي رهيون آهن ۽ جمهوريت کي نقصان پهچائي رهيون آهن.

اپوزيشن سماج جي وڏي حصي جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ سڄي ملڪ ۾ ان کي نمايان چونڊ حمايت حاصل آهي. اهڙي اپوزيشن کي سياسي عمل کان ٻاهر رکڻ يا زبردستي دٻائڻ جون ڪوششون ملڪ ۾ سياسي استحڪام پيدا نٿيون ڪن، بلڪه مسئلا وڌيڪ وڌائن ٿيون. هڪ طرفي حڪمراني نه رڳو جمهوريت کي ڪمزور ڪري ٿي، پر سٺي ۽ اثرائتي حڪومتداري کي به نقصان پهچائي ٿي. پاڪستان جو وفاقي ڍانچو پاڻ ۾ اهو مطالبو ڪري ٿو ته سياسي نظام گڏيل صلاح مشوري ۽ شراڪت سان هلايو وڃي، خاص ڪري ان ڪري جو وفاقي حڪومت کي انهن صوبن سان گڏجي ڪم ڪرڻو پوي ٿو، جتي اپوزيشن جون حڪومتون آهن. نه ڪي انهن سان ٽڪراءُ اختيار ڪرڻو. ملڪ جي معاشي بحالي بلاشڪ قومي ايجنڊا ۾ سڀ کان مٿي هجڻ گهرجي. جيتوڻيڪ حڪومت آءِ ايم ايف جي بيلي آئوٽ پيڪيج ۽ ٻين پرڏيهي وسيلن جي سهاري سان وڏي معاشي نظام (ميڪرو اڪنامڪ) ۾ ڪجهه حد تائين سڌارو آندو آهي. پر اهو فائدو عارضي آهي ۽ اهڙن سببن تي بيٺل آهي، جيڪي ڊگهي عرصي تائين قائم نٿا رهي سگهن. ملڪ تي قرضن جو بار تمام گهڻو وڌي ويو آهي. جڏهن ته ايندڙ پنجن سالن دوران لڳ ڀڳ 23 ارب ڊالر جي پرڏيهي مالي ضرورتن جي مقابلي ۾ زرِ مبادله جا ذخيرا ڪافي گهٽ آهن. ٽيڪس نظام کي درست ڪرڻ، سرڪاري خرچ گهٽائڻ ۽ توانائي واري شعبي ۾ بنيادي (سلختي) سڌارا اڃا تائين صحيح نموني لاڳو نه ٿي سگهيا آهن. پي آءِ اي جي نجڪاري هڪ سٺو ۽ مثبت قدم ضرور آهي، پر ٻين نقصان ۾ هلندڙ سرڪاري ادارن کي خانگي شعبي حوالي ڪرڻ لاءِ اڃا گهڻو ڪم ڪرڻو باقي آهي. اڃا تائين اهڙو ڪو به ڀروسي لائق منصوبو سامهون ناهي آيو، جيڪو پاڪستان کي ڪمزور معاشي واڌ، گهٽ بچت ۽ سيڙپڪاري، وڏن خسارن ۽ وڌندڙ قرضن جي چار مان ڪڍي سگهي. ملڪ جي معيشت لڳاتار اهڙن مسئلن ۾ قائل رهي آهي، جن جو ڪو واضح ۽ ڊگهي مدي وارو حل نظر نٿو اچي. سيڙپڪاري، جنهن ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري به شامل آهي، تقريباً بيهجي وئي آهي. اها ڳالهه هاڻي سڀ مڃين ٿا ته پاڪستان جو موجوده معاشي ماڊل ڪم جو ناهي رهيو. قرضن جي سهاري ٿوري وقت لاءِ جيڪا معاشي سڌاري جي تصوير نهي ٿي، اها ڪڏهن به پائيدار نٿي ٿي سگهي. جيستائين هي پاليسي ۽ حڪمتِ عملي تبديل نه ٿيندي، تيستائين رڳو استحڪام کان اڳتي وڌي حقيقي ترقي ڏانهن وڃڻ ممڪن نه هوندو. ان لاءِ ضروري آهي ته سڀ لاڳاپيل ڌريون گڏجي ويهي هڪ نئون معاشي منصوبو جوڙين. جيڪو بنيادي مسئلن کي ٽارڻ بدران سڌو سنئون حل ڪري. گذريل چاليهن سالن کان هلندڙ ڪمزور معاشي واڌ جو ايمانداريءَ سان جائزو وٺڻ هاڻي لازمي بڻجي ويو آهي. انساني ترقي، يعني تعليم، صحت ۽ مهارتن تي سيڙپڪاري کي قومي ايجنڊا ۾ سڀ کان مٿين ترجيح ملڻ گهرجي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ائين ٿي نه رهيو آهي. انساني سرمائي ۾ گهٽ سيڙپڪاري سبب ملڪ جي ترقي جا امڪان تمام گهڻو محدود ٿي چڪا آهن ۽ جيڪڏهن هن شعبي تي ڌيان نه ڏنو ويو ته مستقبل ۾ به حالتون بهتر ٿيڻ ڏکيون ٿي پونديون.

اڄ پاڪستان انساني ترقيءَ جي هڪ تمام گهري ۽ سنجيده بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي، جنهن جا اثر تعليم، صحت، غربت ۽ عورتن ۽ مردن جي برابري سميت تقريباً هر شعبي ۾ صاف نظر اچي رهيا آهن. ويهه ملين کان وڌيڪ ٻارن جو اسڪولن کان ٻاهر هجڻ هڪ قومي الميو آهي، جيڪو ملڪ جي مستقبل لاءِ وڏو خطرو بڻجي چڪو آهي. ملڪ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جي شرح لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو تي اچي بيهي رهي آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته اڄ به 40 سيڪڙو آبادي اڻ پڙهيل آهي. اهڙي وڏي اڻ پڙهيل آبادي سان نه مضبوط معيشت ٺهي سگهي ٿي ۽ نه ئي ملڪ ترقي ڪري سگهي ٿو. غربت جي شرح به انتهائي پريشان ڪندڙ حد تائين وڌي وئي آهي. عالمي بئنڪ موجب ملڪ ۾ غربت 44 سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي. جيڪا انتهائي خطرناڪ صورتحال آهي. صحت جا انگ اکر به ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ سڀ کان خراب حالتن مان آهن. غربت ۽ خوراڪ جي کوٽ جو هڪ وڏو ۽ دردناڪ نتيجو ٻارن ۾ قد جي گهٽتائي آهي. جنهن ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جا لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو ٻار متاثر آهن. يعني اهي ٻار جسماني ۽ ذهني طور مڪمل ترقي نٿا ڪري سگهن. آباديءَ ۾ بي قابو اضافو ۽ هن انتهائي اهم مسئلي تي حڪومت جي سنجيدگيءَ جي کوٽ انساني ترقي واري بحران کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي رهي آهي. هر سال لڳ ڀڳ 2.5 سيڪڙو آبادي وڌڻ جو مطلب اهو آهي ته ساليانو طور تي تقريبن 60 لک نوان ٻار آبادي ۾ شامل ٿي رهيا آهن. جنهن سبب ملڪ جي وسيلن، بنيادي سهولتن، روزگار، صحت ۽ تعليم تي زبردست دٻاءُ پئجي رهيو آهي. جيڪو اڳ ئي ڪمزور نظامن کي وڌيڪ نقصان پهچائي رهيو آهي. آباديءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ هاڻي وڌيڪ دير ڪرڻ جو وقت ناهي. فوري طور تي مضبوط ۽ اثرائتي پاليسين جي ضرورت آهي. خطي جي لڳ ڀڳ سڀني ملڪن خانداني منصوبابندي جون پاليسيون ڪاميابيءَ سان لاڳو ڪري آباديءَ تي ڪنٽرول حاصل ڪيو آهي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته پاڪستان اڃا تائين هن معاملي ۾ ناڪام رهيو آهي. جيڪڏهن هڪ جامع ۽ سنجيده آبادي ڪنٽرول پاليسي اختيار نه ڪئي وئي ته ملڪ آهستي آهستي هڪ وڏي آباديءَ واري بحران ڏانهن وڌي ويندو. جتي اڻ پڙهيل ۽ بيروزگار نوجوان سماجي ۽ سياسي بيچيني، بدامني ۽ انتشار کي جنم ڏيندا. دهشتگردي ۽ شدت پسنديءَ سان منهن ڏيڻ به قومي سطح تي تڪڙي ترجيح هجڻ گهرجي. گذريل سال شدت پسند تشدد ۾ واضح اضافو ٿيو ۽ دهشتگرد حملن سبب ٿيندڙ جاني نقصان گذريل ڏهاڪي جي سڀ کان بلند سطح تي پهچي ويو. هن مسئلي جو حل رڳو فوجي ڪارروائين تي ڀاڙڻ سان ممڪن ناهي، پر ان لاءِ هڪ جامع قومي حڪمت عملي ضروري آهي. جنهن ۾ سماجي، معاشي ۽ سياسي قدم، گڏوگڏ مقامي برادرين جي ڀرپور شموليت شامل هجي، ته جيئن انتهاپسنديءَ جي پاڙن تائين پهچي ان کي ختم ڪري سگهجي. اهي سڀ مسئلا ۽ چيلينج سياسي قيادت لاءِ هڪ سخت امتحان آهن. هاڻي اهم سوال اهو آهي ته ڇا ملڪ جا اڳواڻ پنهنجي تنگ نظر ذاتي ۽ سياسي مفادن کان مٿي ٿي انهن مسئلن کي سنجيدگيءَ سان منهن ڏئي سگهندا. ڇو ته اهي ئي فيصلا ملڪ جي مستقبل جي رخ جو تعين ڪندا.

> **جيڪڏهن هڪ جامع ۽ سنجيده آبادي ڪنٽرول پاليسي اختيار نه ڪئي وئي ته ملڪ آهستي آهستي هڪ وڏي آباديءَ واري بحران ڏانهن وڌي ويندو جتي اڻ پڙهيل ۽ بيروزگار نوجوان سماجي ۽ سياسي بيچيني، بدامني ۽ انتشار کي جنم ڏيندا. دهشتگردي ۽ شدت پسنديءَ سان منهن ڏيڻ به قومي سطح تي تڪڙي ترجيح هجڻ گهرجي. گذريل سال شدت پسند تشدد ۾ واضح اضافو ٿيو ۽ دهشتگرد حملن سبب ٿيندڙ جاني نقصان گذريل ڏهاڪي جي سڀ کان بلند سطح تي پهچي ويو هن مسئلي جو حل رڳو فوجي ڪاروواين تي ڀاڙڻ سان ممڪن ناهي، پر ان لاءِ هڪ جامع قومي حڪمتِ عملي ضروري آهي.**

سياسي قيادت کي جَس هجي!

محمد خان ابڙو

سياست ۾ جيڪڏهن تلخيءَ جي بدران سمجهداري ۽ محاذ آرائيءَ جي بدران مفاهمت جو رستو اختيار ڪيو وڃي ته نه صرف ماحول بدلجي ٿو پر قومي وحدت جو تصور به مضبوط ٿئي ٿو. خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ جو ڪراچي اچڻ ۽ سنڌ حڪومت، خاص ڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ طرفان انهيءَ جو پُروقار ۽ خوشدليءَ سان ڪيل استقبال رڳو هڪ رسمي سرگرمي نه هئي پر اها ان سياسي سوچ جو اظهار هو، جنهن جي بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو رکيو هو ۽ جنهن کي محترمه بينظير ڀٽو جمهوري جدوجهد ذريعي زنده رکيو.

اهو واقعو ياد ڏياري ٿو ته پاڪستان جي مسئلن جو حل صوبن کي هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ نه پر انهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ آهي گذريل ڪجهه عرصي کان ملڪي سياست ۾ جيڪو دٻاءُ، هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ ۽ نفرت جا بيان ڇانيل رهيا، انهيءَ عوام کي مايوسيءَ کان سواءِ ڪجهه نه ڏنو اهڙي حالت ۾ جڏهن هڪ صوبي جو وزيراعليٰ ٻئي صوبي جي گاديءَ واري هنڌ ايندو آهي ۽ اتي جي حڪومت سياسي اختلافن جي باوجود کليل دل سان انهن جو استقبال ڪندي آهي ته اهو هڪ انتهائي مثبت پيغام آهي

ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾، جتي ماضيءَ ۾ لسانيت ۽ سياسي ورهاست کي هوا ڏني ويندي رهي هئي، اهو منظر خاص اهميت رکي ٿو پيپلز پارٽي هميشه هن شهر کي رڳو سنڌ جو گاديءَ وارو هنڌ نه پر پاڪستان جي معاشي رڳ ۽ سڀني يونٽن جو گڏيل اثاثو سمجهي ٿي ۽ اها سوچ ان استقبال ۾ پڻ ظاهر ٿي پيپلز پارٽيءَ جي سياست جو مُک ٿنڀ مفاهمت آهي ۽ هيءَ اها پارٽي آهي، جنهن آمريت جي ڇانوَ ۾ به جمهوري قوتن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جتي صوبن کي آئيني حق ڏيارڻ لاءِ 18هين ترميم جهڙا تاريخي قدم کنيا ۽ جنهن هميشه وفاق کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صوبن جي خودمختياريءَ کي ضروري قرار ڏنو آهي

جڏهن خيبر پختونخوا جو وزيراعليٰ ڪراچي پهتو ۽ ان جو استقبال ڪري پيپلز پارٽيءَ اهو ثابت ڪيو ته اختلاف هئڻ جي باوجود احترام ۽ تعاون جو دروازو بند نه ٿيڻ گهرجي اصل ۾ اهو رويو وفاق پاڪستان جي روح آهي ڪراچيءَ ۾ ٿيل ملاقاتن ۽ بيانن مان واضح ٿيو ته مسئلو چاهي پاڻيءَ جو هجي، معيشت جو هجي، دهشتگرديءَ جو هجي يا مهانگائيءَ جو انهن سڀني جو حل گڏيل سوچ ۽ تعاون ۾ آهي پيپلز پارٽيءَ کي اها چڱي طرح خبر آهي ته هڪ صوبي جو استحڪام ٻئي صوبي سان ڳنڍيل آهي جيڪڏهن خيبر پختونخوا ۾ امن ٿيندو ته ان جا اثر سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ تي به مثبت ٿيندو ۽ جيڪڏهن سنڌ معاشي طور مضبوط ٿيندو ته سڄو پاڪستان ان مان فائدو وٺندو هي اهو نقطو آهي، جنهن کي پيپلز پارٽيءَ پنهنجي سياست جو محور بڻائي رکيو آهي

اها به حقيقت آهي ته گذريل سالن ۾ ڪجهه سياسي قوتن صوبن جي وچ ۾ بي اعتمادي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪڏهن وسيلن جي وِرِهاست تي شڪ شبا پيدا ڪيا ويا ۽ ڪڏهن لساني يا علائقائي جذبن کي هوا ڏني وئي اهڙي ماحول ۾ پيپلز پارٽيءَ جو طرزِ عمل هڪ متبادل سياسي ثقافت جي نمائندگي ڪري ٿو

ڪراچيءَ ۾ خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ جو استقبال ان ڳالهه جو ثبوت هو ته پيپلز پارٽي نفرت جي سياست ڪرڻ بدران رابطي ۽ ڳالهه ٻولهه تي يقين رکي ٿي. هيءَ اها سياست آهي، جيڪا عارضي فائدي جي بدران ڊگهي مدي واري قومي مفاد کي ترجيح ڏئي ٿي

اهو استقبال علامتي اهميت جو به حامل آهي، جو ته ڪراچي اهو شهر آهي، جتي ماضيءَ ۾ مختلف سياسي پارٽين جي وچ ۾ پيدا ٿيل اختلافن نه رڳو شهر جي امن کي متاثر ڪيو پر قومي معيشت کي به نقصان پهچايو اڄ اهڙي شهر ۾ مفاهمت، مسڪراهٽ ۽ گڏيل احترام جو منظر ڏسڻ اها اُميد پيدا ڪري ٿو ته اسان قوم جي حيثيت سان پنهنجين غلطين مان سکي رهيا آهيون پيپلز پارٽيءَ هميشه اهو موقف اختيار ڪيو آهي ته سياست جو اصل مقصد اقتدار نه پر عوام جي زندگين ۾ بهتري آڻڻ آهي ۽ اها بهتري صرف تڏهن ممڪن آهي، جڏهن سياسي قوتون هڪ ٻئي کي دشمن نه پر ساٿي سمجهن

پيپلز پارٽيءَ جي قيادت يقين رکي ٿي ته وفاق کي مضبوط ڪرڻ لاءِ دلين کي جوڙڻو پوندو خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ جي اچڻ تي سنڌ حڪومت جو رويو اصل ۾ ان ئي فلسفي جي عملي عڪاسي هئي پيغام اهو ڏنو ويو ته سياسي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر صوبن وچ ۾ احترام ۽ تعاون ضروري آهي اهڙا قدم نه رڳو سياسي ماحول کي نرم ڪن ٿا پر عوام ۾ اهو احساس به پيدا ڪن ٿا ته انهن جي مسئلن بابت سياستدان سنجيدگيءَ سان سوچين ٿا

اڄ جڏهن ملڪ کي معاشي دٻاءُ، سيڪيورٽي چيلينجز ۽ سماجي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تڏهن مفاهمت جي سياست وقت جي سڀ کان وڏي ضرورت بڻجي چڪي آهي پيپلز پارٽيءَ جو نقطهءِ نظر اهو آهي ته جيڪڏهن اسان واقعي پاڪستان کي مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا ته اسان کي ذاتي ۽ پارٽي وارين انا کان مٿاهون ٿي قومي مفاد ۾ فيصلا ڪرڻا پوندا ڪراچيءَ ۾ خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ جو استقبال انهيءَ سوچ جي هڪ جهلڪ هئي، جيڪا ڏيکاري ٿي ته سياست نفرت جو نالو نه پر اُميد جو استعارو به ٿي سگهي ٿي

اهو چوڻ بجاءِ نه ٿيندو ته پيپلز پارٽي هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪيو آهي ته اها صرف سنڌ جي نه پر سڄي پاڪستان جي پارٽي آهي ان جو سياسي وِيزن صوبن کي ورهائڻ نه پر متحد ڪرڻ آهي ڪراچيءَ ۾ جيڪو منظر ڏسڻ ۾ آيو، ظاهري طور تي اهو هڪ ڏينهن جو واقعو هو پر ان جا اثر ڊگهي مُدي وارا ٿي سگهن ٿا پر ان لاءِ شرط اهو آهي ته ٻيون به سياسي قوتون مفاهمت، برداشت ۽ احترام جي ان رستي کي اختيار ڪرڻ جو حوصلو پيدا ڪن جو ته اهو ئي رستو پاڪستان کي اڳتي وٺي سگهي ٿو ۽ اها ئي سياست آهي جنهن جي بنياد پيپلز پارٽيءَ رکيو ۽ اڄ به ان کي پنهنجي سڃاڻپ بڻائي رکيو آهي

لطيفي لاٽ — **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

نه سي تَڙِ هوڙاڪَ، نه وايُون وَڻجارَنِ جُونَ!
سَرتيُون سامُونڊين جا، اَڄُ پِڻُ چَڪِيَمِ چاڪَ؛
مارِينِمِ فِراقَ، پاڙيچيُون پِريَنِ جا.
(سُر سامونڊي)

ڌرتيءَ سان نينهن نڀائيندڙ علمي ڪردار مرحوم عمر دراز مهر!



آڪاش مهر

سنڌ ڌرتي رڳو مٽيءَ جو نالو ناهي پر هيءَ ڌرتي فڪر، شعور، قرباني، جاکوڙ ۽ سچ جي سڃاڻپ آهي. شايد اهائي وجهه آهي جو هيءَ ڌرتي انهن ماڻهن کي جنم ڏيندي رهي آهي، جن پنهنجي زندگي ذاتي مفادن بدران اجتماعي ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. اهڙن ئي ڪردارن کي وقت جي وهڪري کان به امرت ملي ٿي.

اڄ کان پنج سال اڳ اهڙو ئي هڪ علم دوست، دردمند، بي لوث ۽ باڪردار انسان؛ مرحوم استاد عمر دراز مهر هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو پر سندس ڇڏيل نقش اڄ به دلين ۽ ذهنن ۾ روشن آهن. استاد جو وڇوڙو رڳو هڪ خاندان جو نقصان نه هو پر اهو علم، تعليم ۽ سماجي خدمت سان جُڙيل هر حساس دل لاءِ هڪ نه پُرجندڙ خال هو. سندس زندگي ان سچ جي شاهدي هئي ته استاد رڳو نصاب پڙهائڻ وارو نه پر قومن جي تقدير لکڻ وارو هوندو آهي. مرحوم استاد عمر دراز مهر جو واسطو شڪارپور جي ان زرخيز مٽيءَ سان هو، جنهن هميشه علم، شعور، صبر ۽ مزاحمت کي جنم ڏنو آهي. هن پنهنجي سموري حياتي علم جي لاٽ ٻارڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. سندس نظر ۾ تعليم صرف نوڪري حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه پر انسان سازيءَ جو مقدس عمل هو.

هو انهن استادن مان هو، جيڪي ڪلاس روم کي عبادتگاهه سمجهندا هئا، خاص طور تي غريب، پٺتي پيل ۽ ڏورانهن علائقن جي ٻارن لاءِ سندس دل هميشه ڌڙڪندي رهي. هو چوندو هو ته "جيڪڏهن تعليم شهرن تائين محدود رهي ته ڳوٺن جي محرومي نسل در نسل منتقل ٿيندي."

19 جنوري 2021ع شڪارپور لاءِ هڪ اُداس ۽ ڏکوئيندڙ ڏينهن هو، جڏهن هي علم دوست انسان اسان کان هميشه لاءِ جُدا ٿي ويو. سندس لاڏاڻي سان سوين شاگرد يتيم ٿي ويا. اهڙا شاگرد، جن لاءِ هو رڳو استاد نه پر رهنما، همدرد ۽ حوصلو ڏيندڙ ساٿي هو. لطيف سائين فرمائي ٿو:

جان جان هئي جيئري، ورچي نه وٺي،
وچي پوءِ پيئي، ساريندي کي سڄڻين!

مرحوم استاد عمر دراز مهر پنهنجي 76 سالن جي حياتيءَ دوران تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ لامحدود جاکوڙ ڪئي. هو چوندو هو ته تعليم ئي سماجي انصاف، معاشي ترقي ۽ قومي خودمختياريءَ جو واحد رستو آهي. اها ئي وجهه آهي جو آخري ڏينهن تائين سندس سوچ ۽ عمل جو مرڪز به اهو ئي رهيو. بطور استاد ۽ تعليم کاتي جي ذميوار آفيسر هن شڪارپور ۽ ڀرپاسي جي ڪيترن ئي غيرفعال اسڪولن کي ٻيهر حياتي ڏني. ڏورانهن ۽ حساس علائقن ۾ پاڻ وڃي ڪري تعليمي عمل جي نگراني ڪئي، جتي استادن لاءِ ڊيوٽي ڪرڻ ڏکيو هوندو هو، اتي هو پاڻ ڍال بڻجي بيهندو هو. شاهه لطيف جو هي بيت جڻ سندس زندگيءَ جو پيغام هو:

هلندي هليج، وهندي وهائج،
سستين کي سزا، متان پڇاڻو پوي.

قانون، ايجوڪيشن، اسلامڪ ڪلچر ۽ مسلم هسٽري جهڙيون ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود هن پنهنجي علم کي ذاتي ترقيءَ بدران عوامي خدمت لاءِ وقف ڪيو. مينهن هجي يا جهڙ، سخت گرمي هجي يا سردي هو ڀهراڙيءَ جي اسڪولن ۾ موجود رهندو هو. نصابي تعليم سان گڏ شاگردن ۾ نظم، خوداعتمادي ۽ مقابلي جو جذبو پيدا ڪرڻ سندس خاص سڃاڻپ هئي. دوستن سان گڏ 'اهنجو دور' نالي سماجي

اڄوڪو ڏينهن - 14 جنوري

سوامي پرمانند

اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي اديب سوامي پرمانند ڇوڪسرام آسرانيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 14 جنوري 1898ع تي سنڌ جي شهر شڪارپور ۾ ڄائو. هو پنهنجي دور جو هڪ ملدار سيٺ به هو. پنهنجي ماءُ جي وفات کان پوءِ شڪارپور ۾ پرمانند ڀنڊار جو بنياد رکيائين ۽ انهيءَ ڀنڊار پاران هندو مذهب جا ڪتاب ۽ سنتن جي زندگين جا احوال ڇپرائي پڌرا ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ به ساڳيو سلسلو جاري رکيائين. پاڻ هڪ سٺو شاعر به هو. هن 9 آگسٽ 1981ع تي پرلوڪ پڌاريو.

خديجه خانم دائودپوٽو

خديجه خانم شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي گهرواري هئي هن جو جنم حيدرآباد ۾ 14 جنوري 1918ع تي ڊاڪٽر شمس الدين شيخ جي گهر ۾ ٿيو هن جو ڏاڏو شيخ عبدالرحيم امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو ويجهو ساٿي ۽ ريشمي رومال تحريڪ جو هڪ اهم ڪردار هو. هوءَ عورتن جي مشهور رسالي "اديون" جي سرپرست ۽ ايڊيٽر رهي هن ڊاڪٽر دائود پوٽي جي سوانح عمري "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي" ترتيب ڏئي ڇپرائي ان کان علاوه "شاعرن جو سرتاج" ۽ "مضمون ۽ مقالا- علامه عمر بن محمد دائودپوٽو" ترتيب ڏئي ڇپائي پڌرا ڪيائين هوءَ 1968ع کان 1972ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر پڻ رهي هن 21 جولاءِ 2001ع تي اسلام آباد ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو سندس نالي کي مڃتا ڏيندي ڀوري تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي اسڪول کي "خديجه خانم هاءِ اسڪول ڀوري" نالو ڏنو ويو آهي

ماتا رام پياري



ماتا رام پياريءَ کي سنڌ ۽ هند ۾ سندس سخاوت، عام ڀلي جي ڪمن ۽ سماجي سرگرمين جي ڪري انتهائي عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو هن جو جنم 14 جنوري 1905ع تي سيٺ ڏيپچند هندوجا جي گهر ۾ سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور ۾ ٿيو سندس اصل نالو مينگهي ٻائي هو پر 1919ع ۾ شاديءَ کان پوءِ ساهرائي گهر ۾ رام پياري سڏجڻ لڳي ۽ اهوئي نالو سنڌ توڙي هند ۾ سندس سڃاڻپ جو سبب بڻيو جيتوڻيڪ هن جو واسطو هڪ سکئي ستابي ڪٽنب سان هو پر ننڍپڻ کان ئي هن جو لاڙو دين ڌرم ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن طرف رهيو 1931ع ۾ شڪارپور ۾ وڏي ٻوڏ آئي جنهن جي ڪري شهر ۽ آسپاس ۾ اناج جي اڻاٺ پيدا ٿي پئي ۽ ڪيترائي ماڻهو بي گهر ٿي پيا. انهيءَ ڏکيءَ مهل تي ماتا رام پياريءَ شڪارپور جي سرنديءَ وارن ماڻهن سان گڏ ڏتڙيل ماڻهن ۾ ڪپڙا، اناج ۽ ٻيون ضرورت جون شيون ورهايون 31 مارچ 1935ع تي ڪوئيٽا ۾ خطرناڪ زلزلو آيو ان وقت به پاڻ گهر جو سامان وڪڻي زلزلي ستيلن جي مدد ڪئي انهيءَ واقعي کان ٿورو وقت پوءِ هوءَ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ ڪراچيءَ ۾ اچي رهي ڪراچيءَ ۾ هن "نرمل ناري ستسنگ" جي نالي سان عورتن جي هڪ سماجي ۽ روحاني تنظيم جو بنياد وڌو هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ممبئيءَ ۾

سيد وڏل شاهه

سيد وڏل شاهه حيدرآباد جي مشهور جهانيان خاندان جو چشم ۽ چراغ ۽ انهيءَ خاندان جو گادي نشين هو سندس نالو روحانيت ۽ علم دوستيءَ سبب نهايت عقيدت ۽ احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو ڪيس ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ تي به خاص ملڪو حاصل هو. مذهبي ڪتابن جو مطالعو سندس خاص مشغلو هو. عاشوري وارن ڏينهن ۾ انتهائي عقيدت سان اهل بيت ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ مجلسون پڙهندو هو پاڻ انجمن اماميه سنڌ جو سرپرست رهيو ۽ حيدرآباد جي مختلف علائقن مان نڪرندڙ ماتمي جلوسن جي سَرواڻي ڪندو هو پاڻ مذهبي سرگرمين سان گڏ سماجي سرگرمين ۾ به سرگرميءَ سان حصو وٺندو هو 1960ع ڌاري پاڻ گلوبندر ٽائون ڪميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ٿيو ۽ سندس ئي ڪوشش سان گلوبندر جو نالو بدلائي حسين آباد رکيو ويو پاڻ انجمن حيدري چمبڙ قدم گاهه مولا علي ۽ دادن شاهه ڪربلا جو بنيادي ميمبر ۽ سرپرست رهيو هن بزرگ 7 جون 2007ع تي هن فاني جهان مان موڪلايو جهانيان گاديءَ جو موجوده سجاده نشين ۽ مشهور اديب زوار نقوي سندس فرزند آهي

شيخ عبدالرحيم

اڄ سنڌ جي مشهور صحافيءَ شيخ عبدالرحيم جي جنم جو ڏينهن آهي هن نامور انسان جو جنم 14 جنوري 1924ع تي ٺٽي ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ڊينگاڻ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان 1943ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين بي ايس سي جي سند ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي (آنرس) سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان ۽ ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين 1945ع ۾ الوحيد اخبار جي ترجمان طور صحافت جي ميدان ۾ پير رکيائين اڳتي هلي ساڳيءَ اخبار ۾ سب ايڊيٽر ۽ آخر ۾ ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين پاڻ سنڌ آبزرور، نواءِ سنڌ ۽ مهراڻ سان به ڪجهه عرصو لاڳاپيل رهيو. هن ريڊيو پاڪستان جي اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ اي پي پي حيدرآباد ۾ ريجنل مئنيجر طور به ڪم ڪيو 1979ع ۽ 1980ع ۾ "روزانه هلال پاڪستان" جي ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن 14 اپريل 1981ع تي وفات ڪئي

محمد يوسف

اڄ سنڌ جي مهان راڳيءَ استاد محمد يوسف جي جنم جو ڏينهن آهي هي سنڌ جو واحد راڳيندڙ آهي، جيڪو صوفي ڪلامن ۽ فلمي گيتن ڳائڻ ۾ هڪ جيترو مشهور آهي محمد يوسف جو جنم 20 جنوري 1940ع تي ٽنڊي طيب حيدرآباد ۾ ٽيون نمبر تلاءَ جي پڙ ۾ دين علي شاهه پاڙي ۾ ٿيو سندس پيءُ لونگ فقير مڱڻهار دهل ۽ شرناين وڄائيندڙ فقير هو محمد يوسف کي پهريائين ٻار سڌار اسڪول ۽ پوءِ سيٺ ڪمال الدين اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وهاريو ويو پر هن جو لاڙو پڙهڻ بجاءِ ڳائڻ طرف هو. ان ڪري پنج درجا پاس ڪري پڙهائي ڇڏي ڏنائين سندس پيءُ راڳ جي سکيا



مختيار انڙ

محمد يوسف انهيءَ ريڊيو سان لاڳاپجي ويو هن 1968ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌي فلم شهروفيروز لاءِ گانو رڪارڊ ڪرايو، جيڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو ان کان پوءِ هو سنڌي فلمن جو سڀ کان وڌيڪ مقبول راڳيندڙ بڻجي ويو 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ جيڪي به سنڌي فلمون ٺهيون، لڳ ڀڳ انهن سڀني فلمن ۾ هن پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو هن ننڍي کنڊ جي وڏين فنڪارائن سان گڏ فلمي گيت ڳايا، جن ۾ راڳ جي راڻي نور جهان، عابده پروين ۽ رُونا ليليٰ شامل آهن هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، مصري شاهه، ماسٽر چندر ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام انتهائي خوبصورتيءَ سان ڳايا. فن جي مڃتا طور کيس ڪيترائي ايوارڊ مليا، جن ۾ حسن ڪارڪردگي ايوارڊ، شاهه لطيف ايوارڊ، قلندر شهباز ايوارڊ ۽ سچل سرمست ايوارڊ شامل آهن سنڌ جي هن سدا ملوڪ سُرڪيريندڙ راڳيءَ 14 فيبروري 1997ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چيو

شير شاهه بخاري

شير شاهه بخاري سنڌ جو هڪ نالي وارو تعليمي ۽ نصابي ماهر هو سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1940ع ۾ تعلقي نيو سعيدآباد ۽ ضلعي مٽياريءَ جي مشهور ڳوٺ امين لاکي ۾ ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين جڏهن ته مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان هالا مان پاس ڪيائين هن بي اي، ايم اي (سنڌي ادب) ۽ ايم ايڊ جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون 1961ع ۾ سڪرنڊ ۾ پرائمري استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ بيورل ايڊيوڪيشنل ٽيڪنالاجي رسورس سينٽر لطيف آباد جو ڊپٽي ڊائريڪٽر مقرر ٿيو 1996ع کان 2000ع تائين ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال رهيو شير شاهه بخاري سنڌي ٻوليءَ ۽ نصاب ٺاهڻ جو ماهر هو. پاڻ مادري ٻولين جي نصابي ڪاميٽي ۽ درسي ڪتابن جي جاچڻ واري ڪاميٽيءَ جو ڊگهي عرصي تائين ميمبر رهيو هو سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ پاران درسي ڪتابن جي ليکڪن واري ڪاميٽيءَ جو پڻ ميمبر رهيو هن استادن کي پڙهائڻ جي سکيا ڏيڻ لاءِ "استادن جو رهبر" نالي سان ڪتاب لکيو شاهه صاحب سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جي سنڌي لغت بورڊ جو انچارج هو سيد شير شاهه بخاريءَ 12 مئي 2021ع تي وفات ڪئي

سليم سولنگي

اڄوڪو ڏينهن اسان کي ناميارو تعليمدان ۽ ليکڪ سليم سولنگيءَ جي يادگيري ڏياري ٿو، جيڪو اڄوڪي ڏينهن تي 1945ع ۾ دادو تعلقي جي ڳوٺ دين محمد سولنگيءَ ۾ پيدا ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ پرمانند هرداس مل هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو انٽر ۽

مان ڪجهه چونڊ ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون پاڻ سنڌي ادبي سنگت دادو شاخ جو به پيرا سيڪريٽري به رهيو سنڌ جي هن اهلهه انسان 18 جنوري 2008ع تي وفات ڪئي

علي منصور

هن نالي واري شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1984ع ۾ گهوٽڪيءَ ۾ ٿيو سندس پورو نالو علي بخش ولد عبدالغني خان دراني آهي هن 2008ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي خاص طور تي غزل، نظم، وائي ۽ بيت جو ڀلوڙ شاعر آهي سندس شاعريءَ جو مجموعو "مان تنهنجو لباس آهيان" ڇپجي چڪو آهي

ليکراج حشمتراءِ چهلاڻي

ليکراج حشمتراءِ پنهنجي دور جو مشهور تعليمي ماهر هو. هو 20 سيپٽمبر 1889ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. نيول راءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين هن ڊي جي نيشنل ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان گريجوئيشن ڪئي. اڳتي هلي ايم بي اي جي سند پڻ حاصل ڪيائين. هن مختلف ڪاليجن ۾ پروفيسر طور تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ معاشيات جي موضوع تي ڪيترائي ڪتاب لکيا. هن 14 جنوري 1934ع تي هن فاني دنيا کي الوداع ڪيو

حاجي محمد يوسف ميمڻ

سنڌ جو هي ڪلاسيڪل شاعر 1860ع ڌاري مٽياري تعلقي ۾ ڀليجاڻي اسٽيشن ويجهو روهڙي ڪئنال جي ڪابي ڪپ تي آباد ڳوٺ مريد سوها ۾ پيدا ٿيو هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي جن ۾ غزل، ڪافيون، ٽيهه اکريون، مولود، مداحون، منقبتون ۽ قصيدا شامل آهن هن پنهنجي مرشد سيد حاجي محمد علي شاهه ڀوجڙائي مڪان شريف واري جي شان ۾ به قصيدا لکيا آهن هن 14 جنوري 1940ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مڙهه ڳوٺ ويجهو درگاهه بلال شاهه جي قبرستان ۾ دفنايو ويو

پروفيسر عبدالرحيم ناگوري



عبدالرحيم ناگوري پاڪستان جو هڪ مهان چترڪار هو. جنهن مارشل لا ڊڪٽيٽر شپ، دهشتگردي، عورتن سان ٿيندڙ ڏاڍاين ۽ اقليتن جي حق تلفيءَ خلاف ڪيترين ئي نمائشون منعقد ڪيون. هو اي آر ناگوري جي نالي سان مشهور هو. عبدالرحيم ناگوري 1938ع يا 1939ع ڌاري جهوناڳڙهه رياست جي هڪ مذهبي گهراڻي ۾ اکيون کوليون. 1965ع ۾ هن پنجاب يونيورسٽيءَ مان فائين آرٽس جي سند حاصل ڪئي. هن ڪجهه وقت پنجاب يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽس واري شعبي ۾ ۽ پوءِ ڪيڊٽ ڪاليج ڪوهاٽ ۽ سرگوڌا ۾ ڪم ڪيو. 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ان وقت جي وائيس چانسلر غلام مصطفيٰ شاهه جي اسرار تي هو سنڌ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپجي ويو ۽

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر 90 سال 2025

شريمتي پاتو ڌيءُ جيسو زال چندر بالغ هندو ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ سڪيو ڪولهي ويجهو سمن ڳوٺ تعلقو ۽ ضلعو ميرپورخاص....پلينٽف...خلاف: چندڙ پٽ ريوو بالغ هندو ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ ناظر پنجابي ويجهو ملڪاڻي پنگريو ضلعو بدين....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جڊيشل سيپريشن بذريعه وي آف ٽرمينيشن مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا، توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر 86 سال 2025

مسمات رضيه بي بي ڌيءُ شفيع شاهه زال عباس علي شاهه رهندڙ بي او ڪوٽ غلام محمد ديهه 332 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص....مدعي...خلاف: عباس علي شاهه ولد امير علي شاهه رهندڙ بي او ڪوٽ غلام محمد ڳوٺ ٻچل خاصخيلي ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص....مدعا عليه

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنرز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا، توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 06 سال 2026

مسمات نبيلا بلوچ ڌيءُ فرحان علي بلوچ رهندڙ آصف ڪالوني سانگهڙ روڊ تعلقو نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: عطاء الله پٽ اسد الله ڪوسو رهندڙ محلا آصف ڪالوني نوابشاهه. سيل نمبر: 0319-0325،5745877-6751822....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا، توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 174 سال 2025

مسمات اقرا ڌيءُ علي حسن ڪوکر رهندڙ محلا حسين آباد ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ....پلينٽف...خلاف: باسط شاهزيب پٽ حاجي عبدالمجيد پٽي رهندڙ محلا سجل ڪالوني تعلقو سڪرنڊ حال رهندڙ فليٽ نمبر 03، Perisdent 19 ٽاور-23 پريا ٽائون ڪراچي...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف حق مهر مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف ڄهيز آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج/ جي ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 580 سال 2025

مسمات ريحانه زال محمد ابراهيم ڌيءُ نور خان جمالي رهندڙ ڳوٺ صاحب خان جمالي بي ار حسن جمالي تعلقو سڪرنڊ، حال رهندڙ گهر نمبر 53 فيز-I افضل شاهه ٽائون سانگهڙ روڊ نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: محمد ابراهيم پٽ حاجي حسين جمالي رهندڙ ڳوٺ صاحب خان جمالي بي ار حسن جمالي تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد. سيل نمبر: 0325-2525889....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ يو/ايس 7 آف فيملي ڪورٽ ايڪٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم نوابشاهه
(روبرو جناب نظام علي اڄڻ)
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر 21 سال 2025

شاهنواز پٽ حاجي خان پٽي رهندڙ هائوس نمبر 42 محلا پنگوار ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: (1) آصف فاروق پٽ محمد فاروق هائوس نمبر 18/4 لياقت آباد ڪراچي حال رهندڙ گوليمار نوابشاهه ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف اماؤنٽنگ 46000 رپيا انڊر آرڊر VII رول I سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم-I نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
مينٽل هيلٿ اپليڪيشن نمبر02 سال 2026

محمد علي ڪانڌڙو پٽ مرحوم غلام قادر ڪانڌڙو رهندڙ ويجهو علي سي اين جي ڪچي آبادي الشهباز ڪالوني فيز-II بلاڪ-سي، قاسم آباد حيدرآباد...پٽيشنر...خلاف: (1) مسمات عالم خاتون بيواهه مرحوم غلام قادر ڪانڌڙو (2) مسمات گلشن زال عبدالعزيز ڌيءُ غلام قادر ڪانڌڙو (3) مسمات رابعه ڌيءُ غلام قادر ڪانڌڙو (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....ريسپانڊنٽس. عرفان علي ڪانڌڙو پٽ مرحوم غلام قادر ڪانڌڙو ....لوناٽڪ/انسائونڊ مائينڊ

نالي مٿين ريسپانڊنٽ نمبر01 کان 04 ڏانهن:

جيئن ته مٿين پٽيشنر توهان جي خلاف زير قلم 29 آف سنڌ مينٽل هيلٿ ايڪٽ 2013 تحت درخواست داخل ڪئي آهي فار گارڊين شپ آف پرسن نالي عرفان علي ڪانڌڙو پٽ مرحوم غلام قادر ڪانڌڙو تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد سنڌ

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي ڏني بخش ولد موسو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي موسو ولد سهڄو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه مجابصري ديهه سيراڻي ۽ ديهه ٿلي ٿيو سيراڻي تعلقي بدين سروي نمبر 15 ۽ ٻين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ حاجي ڪريم بخش چانڊيو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي موسو ولد سهڄو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 سومار پٽ فوتي جو 2 عثمان پٽ فوتي جو 3 اسماعيل پٽ فوتي جو 4 نبي بخش پٽ فوتي جو 5 عيدو پٽ فوتي جو 6 ڏني بخش پٽ فوتي جو 7 عمر پٽ فوتي جو 8 غلام حسين پٽ فوتي جو 9 زينب ڌيءُ فوتي جي 10 سومري ڌيءُ فوتي جي 11 ماروي ڌيءُ فوتي جي 12 مهناز ڌيءُ فوتي جي مسمات خيري زال فوتي جي جائز وارث ڄاڻايا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عزيز الله ولد حبيب الله ذات لغاري ته سندس پيءُ نالي حبيب الله ولد مبارڪ خان لغاري تاريخ 17-09-2021 فوت ٿي ويو آهي فوتي جي ديهه نمبر A-290 محمد علي ڳاڙهن دائونسنگ اسڪيم تعلقوڪوٽ غلام محمد ۽ بلاڪ نمبر/ سروي نمبر پلاٽ نمبر133 ايراضي 1080 چورس فوٽ مان حصي موجب ايراضي 1080 چورس فوٽ ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهيءَ سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ لاهوتي چوڪ ديهه نمبر A-290 ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) عزيز الله ولد حبيب الله (2) نصرالله ولد حبيب الله (3) زينت پروين ڌيءُ حبيب الله هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهيءَ اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت مدو گذرڻ بعد فيلصو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

تلاش گمشده

جيئن ته منهنجي B.S.C جي ڊگري نالي افشان ڌيءُ حنيف خان غوري رهندڙ شهر ڪوٽ غلام محمد سفر دوران ڪٿي ڪري وئي آهي جنهن به شخص کي ملي ته هيٺين ايڊريس ۽ موبائل نمبر تي اطلاع ڏين ته وڏي مهرباني ٿيندي.

افشان ڌيءُ حنيف خان غوري
فون نمبر: 0334-2957108
شهر ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊوالهيار
(روبرو جناب قاضي شاهه محمد اظهر)
سڪسيشن اپليڪيشن نمبر03 سال 2026

(1) مسمات امير زادي بيواهه امام بخش (2) بي بي خوشبو (3) بي بي عذران پري (4) بي بي اقرا پري (5) بي بي دعا پري (6) معشوق علي سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم امام بخش اپليڪينٽ نمبر01 بالغ نمبر02 کان 06 مائنرز معرفت سندس ايڊليٽيم گارڊين اپليڪينٽ نمبر 01 سڀ رهندڙ ڳوٺ علي خان لغاري تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار....اپليڪينٽ...خلاف: (1) محمد حسن پٽ (2) ڪامران علي ٻئي پٽ مرحوم امام بخش ٻئي رهندڙ ڳوٺ علي خان لغاري تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار (3) سمورن واسطيدار/ پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 278 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي ليٽرس آف ايڊمنسٽريشن حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم امام بخش ولد غلام حسين وفات جي تاريخ 15-07-2025 پراپرٽي ۾ سونا زيور 3.750 گرام جيڪي خوشحالي مائيڪرو فنانس بينڪ ٽنڊو الهيار برانچ ۾ لون نمبر 2079740066 ڪسٽمر نمبر 5740303 وٽ رکيل آهن ي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 126 سال 2026

مسمات لاريب ڌيءُ احمد علي سومرو رهندڙ ڳوٺ طوطو زرداري تعلقو قاضي احمد ....پلينٽف...خلاف: غلام حيدر ولد نبي بخش سومرو رهندڙ ڪچي آبادي پٽ شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد

عام اطلاع

هرعام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان سڀ هيٺ صحيح ڪندڙ نالي مسمات شگفته نازيه ڌيءُ فقير محمد آرائين شناختي ڪارڊ نمبر 42201034140910 کي پنهنجي زرعي زمين ديهه ٻير بند ٽپو هٿيل بوٽهه تعلقو ٿانو بولا خان ضلعو ڄامشورو سروي نمبر 209(09-00)،343(24-17)،344(31-15)،345(22-28)ڪل ايراضي 86 ايڪڙ 10 گهنٽا جنهن جي پاور آف اٽارني رجسٽريشن نمبر 05 بڪ نمبر 04 تاريخ 19-08-2024 تي ڏني هئي جيڪا هاڻي اسان هيٺ صحيح ڪندڙ زرعي زمين جا مالڪ منسوخ ڪري رهيا آهيون لهذا لاڳاپيل ادارن کي آگاهه ٿو ڪجي ته آئنده مذڪوره زرعي زمين جي حوالي سان منسوخ ڪيل پاور آف اٽارني جي بنياد تي ڪنهن به قسم جي ميوٽيشن رجسٽريشن سيل سرٽيفڪيٽ جاري نه ڪيو وڃي هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منسوخ ڪيل پاور آف اٽارني جي بنياد تي ڪنهن به قسم جي خريد و فروخت نه ڪن ٻي صورت ۾ پنهنجي نفي نقصان جا پاڻ ذميوار هوندا

(1) عمر الدين ولد ناٿو پالاري (2) محمد امين پالاري ولد ناٿو پالاري (3) علي اڪبر ولد ناٿو پالاري (4) غلام نبي ولد ناٿو پالاري (5) بمبل ڌيءُ ناٿو پالاري (6) بيگم زادي ڌيءُ ناٿو پالاري (7) ظهير احمد ولد ناٿو پالاري (8) دهانا زال ناٿو پالاري

بقايا 1 زخمي

واقعو پيش آيو واقعو بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ زميني تڪرار ٻڌايو پيو وڃي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون مقتول جي وارثن راجا بروهي جو چوڻ هو ته مقتول ۽ سندس دوست دادو جي عدالت مان ٻڌڻي بعد واپس ڳوٺ اچي رهيا هئا ته مختيار بروهي، بخشل بروهي، محمود بروهي ۽ عارب بروهي فائرنگ ڪري اصغر بروهي کي قتل ڪيو ۽ سندس ٻن دوستن کي گوليون هڻي زخمي ڪيو آهي هن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي انصاف فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارث اباڻي ڳوٺ عباس پيرزادو کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانيل آهي ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا ويا آهن جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا آهن وڌيڪ ڇاپن جو سلسلو جاري آهي جلد جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا 2 دعويٰ

ڪامياب ڪارروايون ڪري مختلف ڪيبن تان نشيوار سوپاريون وڪڻندڙن کي سڳ سميت گرفتار ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو جوابدارن ۾ هر هڪ نالي نذير احمد ولد قادر بخش سولنگي 150 سوپارين جون پڙيون برآمد ڪري ڪرائيم نمبر 9/2026 u/s 7/8 تحت ڪيس داخل ڪيو ڪري ڇڏيو محمد قاسم ولد رفيق احمد ڪلهوڙو جي قبضي مان Z21 جا پاڪيٽس سميت گرفتار ڪري ڪرائيم نمبر 8/2026, U/S 78 تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو نمبر جوابدار شيراز علي ولد محمد حسن ماڇي جي قبضي مان 2 پاڪيٽس Z21 گهٽڪا مين پڙي برآمد جنهن مٿان ڪرائيم نمبر u/6/02026 7/8 مين پڙي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ٽوڪلين جوابدارن کي چالان ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مورو شهر ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن جو گهيرو تنگ ڪيو ويندو تنهن ڪري مورو شهر ۾ منشيات فروشي جو ڪڌو ڪاروبار ڪندڙن کي هرگز بخشيو نه ويندو ۽ منشيات فروشي جو شهر مان خاتمو آندو ويندو ايس ايڇ او مورو جي منشيات فروشن تي اچانڪ ڪارروايون ڪرڻ تي مورو شهر جي منشيات فروشن ۾ ڦڙلو مچي ويو آهي

بقايا 3 تقريب

مون لاءِ اعزاز آهي ته مونکي ٻوليءَ جي اداري ۾ ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو آهي فرد اچڻا وڃڻا آهن پر مقصد اهم هوندا آهن انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو آهي هن چيو ته هيءَ دور ٽيڪنالاجيءَ جي ٻوڏ آهي گذريل پنجن سالن ۾ جيڪا تبديلي ۽ جدت آئي آهي اها پنجن صدين ۾ به نه آئي هوندي مصنوعي ذهانت جي هن دور ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي جائز مقام ڏيارڻ ۽ ان جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته منهنجي نظر ۾ هر انسان جون ٻه مائرون هونديون آهن هڪ ماءُ اها آهي جيڪا انسان کي جنم ڏئي ٿي ٻي ماءُ ڌرتي ماءُ آهي جيڪا انسان کي پنهنجي هنج ۾ وٺي ٿي ٽيئن ماءُ ٻولي آهي جيڪا انسان جي سڃاڻپ آهي منهنجي خوشنصيبي آهي جو مونکي ٻولي ماءُ جي اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي منهنجي ڀرپور ڪوشش هوندي ته سلين ۽ مثبت روايتن کي گڏ کڻي هلان" اداري مان سبڪدوش ٿيندڙ اڳوڻي چيئرمين *ڊاڪٽر اسحاق سميجي* چيو ته" سڀ کان پهرين مبارڪباد جا مستحق هن اداري جا ڪارڪن آهن جن اداري هر دور جي سربراهه سان گڏ ڪم ڪري اداري کي ڏاهپ آهي چيئرمين توڙي سيڪريٽري ته مهمان طور ايندا آهن پر اصل رهواسي ته هتي ڪم ڪندڙ ڪارڪن آهن، سربراهه ته ايندا ۽ ويندا رهندا آهن ڊاڪٽر شير مهراڻي نئين دور جو متحرڪ ماڻهو آهي هن وقت نئين دور جو ماڻهو ئي جديد دور جي مطابق رٿابندي ۽ پاليسين سان اداري کي بهتر هلائي سگهي ٿو هن چيو ته مون پنهنجي مدي دوران نون روايتن جو بنياد وجهي اداري کي چوديواريءَ مان ڪڍي سماج سان جوڙيو آهي. ٻارن جو شاهه لطيف ميلو سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم ۽ سنڌي سکيا جا مرڪز کوليا، ان روايتن سماج ۾ اداري جي اهميت وڌائي اٿين روايتي پاليسين ۽ روين کي بدلائي ٻوليءَ کي بچائڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو هن چيو ته ٻوليءَ کي لغتون نه بچائي سگهنديون ٻوليءَ کي اسان جو ٻار بچائيندو ان لاءِ اسان سنڌي نه پڙهائيندڙ خانگي اسڪولن خلاف شڪايتي مرڪز کوليو سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ سکيا مرڪز قائم ڪيا، جتي سوين استاد سکيا وٺي چڪا آهن انهن سکيا مرڪزن کي ضلعي سطح تي وڌائڻ جي ضرورت آهي. اداري جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر محمد علي مانجهي چيو ته " هي ادارو ٻوليءَ جي حوالي سان اهم ادارو آهي وڏا عالم ۽ اسڪالر هن اداري جا سربراهه رهيا. ڊاڪٽر اسحاق سميجي بهترين انداز ۾ ڪم ڪري پنهنجو سفر ڪاميابي سان پورو ڪيس ڊاڪٽر شير مهراڻي جو سفر اڄ کان شروع ٿيو آهي سندس علمي ۽ تحقيقي ڪم سامهون رهيو آهي اميد آهي ته هن اداري ۾ پڻ ٻولي جي ترقي واڌ ويجهه ۽ نفاذ لاءِ پنهنجي ان تسلسل کي برقرار رکندو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر *ڊاڪٽر فياض لطيف* چيو ته اڄ ڊاڪٽر اسحاق سميجي کي پڻ مبارڪون هجن جنهن اداري ۾ پنهنجي ذميوارين جو سفر ڪاميابي سان پورو ڪيو ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ کي واڌايون هجن جنهن کي هن اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو اعزاز مليو آهي اميد آهي ته اداري جي تشخص کي برقرار رکڻ لاءِ ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪتب آڻيندو" تاليواري شاعر *نياز پنهور* چيو ته" ڊاڪٽر شير مهراڻي لطيف ۽ لطيف جي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ ماڻهو آهي اميد آهي ته ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني نڀائيندو نامياري ليکڪ *ڊاڪٽر مخمور بخاري* چيو ته" ڊاڪٽر شير مهراڻي جو ڪردار مثبت رهيو آهي ٻولي جي اداري ۾ سربراهه طور مقرر ٿيڻ وڏو اعزاز آهي اميد ته سندس سربراهيءَ ۾ ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ترقي ۽ نفاذ لاءِ هي ادارو وڌيڪ ڪاميابيون ماڻيندو" تقريب کان سواءِ مختلف عالمن اديبن تاج جويي، ڊاڪٽر احسان دانش، نوراحمد جنجهي، علي دوست عاجز، واحد ڪانڌڙي، انور منصور عابد، اڻڪ ضياءَ ابڙي، ڊاڪٽر ڦلو مل مينگهواڙ، بينظير جوڻيجو، ستار سروهي ۽ ٻين ڊاڪٽر شير مهراڻي کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين مقرر ٿيڻ تي واڌايون ڏنيون

بقايا 4 انت آڻي ڇڏيو

پوليس ٻڌايو ته وارثن موجب نينگري جي دماغي طور حالت صحيح ڪونه هئي جڏهن چوٻول آهن ته نينگري جا وارث واريام مورئي ڳوٺ کان لڏي ڪاهي واري پاسي ٽاڙو لڏي ويا هئا نينگري جي شادي ڪجهه ڏينهن ۾ ٿيڻي هئي جنهن سبب هن آپگهات ڪيو آهي

بقايا 5 نوٽيفڪيشن جاري

جا ۽ اهلڪار ڪارڪردگي بابت جاچ سبب معطل ڪيا ويا آهن جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب اي ايس آءِ منير احمد ۽ وڏو منشي بقا محمد کي فوري طور معطل ڪيو ويو آهي جڏهن ته معطلي دوران ڪين هيڊڪوارٽر ڪراچي ۾ روزانو حاضري لڳائڻ جو پابند بڻايو ويو آهي ٻئي پاسي اينٽي انڪروچمينٽ فورس اسٽيشن ميرپورماٿيلو جي SHOسب انسپيڪٽر فيضان لطيف شيخ کي به عهدي تان هٽائي فوري طور هيڊڪوارٽر ڪراچي طلب ڪيو ويو آهي ذريعن موجب هي قدم انتظامي بهتري ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ کنيو ويو آهي

بقايا 6 دعويٰ

اظهر خان جي خاص هدايتن تي سکر پوليس جديد ٽيڪنالاجي، ٽيڪنيڪل ماهر ۽ بروقت انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي ۽ ڏوهاري عنصرن جي چوڌاري گهيرو تنگ ڪيو ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او پوليس اسٽيشن ٿئون پنڊ، سي آءِ اي انچارج عبيد رحمان دريجو ۽ ڊجيٽل انويسٽيگيشن سيل جي ٽيم جنهن جي اڳواڻي اي ايس پي سٽي ڪيپٽن (ر) محمد صهيب امين ڪئي، گڏيل طور تي ڪامياب آپريشن ڪيا. پوليس موجب آپريشن دوران چوري ۽ ڦرجي واقعن ۾ ملوث ٽن جوابدارن سڪندر عرف سڄو گڏاڻي، آصف ميراڻي ۽ تفسير پيلي کي گرفتار ڪيو ويو جاچ دوران جوابدارن جي نشاندهي تي مختلف پوليس اسٽيشنن جي حدن مان چوري ٿيل ۽ ڦر ڪيل 50 موبائل فون هٿ ڪيا ويا. اي ايس پي سٽي آفيس ۾ منعقد هڪ تقريب دوران هٿ ڪيل قيمتي موبائل فون انهن جي اصل مالڪن جي حوالي ڪيا ويا. موبائل فون واپس ملڻ تي شهرين خاص طور تي ايس ايس پي سکر اظهر خان اي ايس پي سٽي ڪيپٽن (ر) محمد صهيب امين ۽ انهن جي ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ۽ سکر پوليس جي پيشه ورانه ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي ان موقعي تي ايس ايس پي سکر اظهر خان پوليس ٽيم جي محنت ۽ اثرائتي ڪارڪردگي کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو هن چيو ته سکر پوليس هميشه شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پرعزم آهي ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو موثر استعمال گم ٿيل چوري ٿيل ۽ ڦريل موبائل فون جي وصولي کي يقيني بڻائي رهيو آهي ايس ايس پي سکر واضح ڪيو ته موبائل فون جي چوري ۽ ڦر ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي جاري رهندي ۽ سکر پوليس شهرين جي حفاظت لاءِ پنهنجا سڀئي وسيلا استعمال ڪندي رهندي

بقايا 7 ذيشان جوڻيجو

ڪولهي جي قتل خلاف لڳيل ڌرڻي جي بهترين ڪوريج ڪرڻ تي سياسي سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ ذيشان انيس جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ مظلوم جي قتل ۽ قاتل جي عدم گرفتاري خلاف ڪيل احتجاج کي بدين پريس ڪلب پنهنجي مثبت ڪردار سان بهترين ڪوريج ڏني، هن چيو بدين پريس ڪلب سدائين مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ هر وقت پنهنجي قلم سان انصاف ڏيارڻ لاءِ هميشه اڳڀرو هوندو آهي هن وڌيڪ چيو هي احتجاج ڪنهن ذات پات جي بنياد تي نه ۾ انسانيت جي بنياد تي هنيو ويو هو جنهن ۾ فريادين ۽ ضلعي جي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهرين جو هڪ ئي مطالبو هو ته قاتل کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي جيڪو مطالبو ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پنهنجي پوري ٽيم سميت ڏنل وقت کان اڳ غريب ڪيلاش ڪولهي جي جوابدار قاتل سرفراز نظاماڻي کي گرفتار ڪري ثابت ڪيو ته قانون کان مٿانهون ڪير به نه آهي سر هي خبر سنڌو ۽ عبرت اخبار ۾ شايع ڪندا

بقايا 8 جاڳي پيو

هدايت بعد اسان پهرين مرحلي ۾ قلعي اندر مختلف جڳهن تي 12 عدد سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون آهن ڪجهه ڏينهن بعد قلعي اندر مختلف هنڌن تي بورڊ پڻ لڳايا ويندا جنهن تي لکيو ويندو ته ڪيمرا جي اک اوهان کي ڏسي رهي آهي، قلعي ۾ هر قسم جي حرڪتن کي روڪڻ لاءِ ڪيمرائون لڳايون آهن جنهن کي قلعي سميت حيدرآباد ۽ ڪراچي آفيس مان به نظر رکي ويندي هن چيو ته قلعي تي ڊيوٽي ڪندڙ ٽن هاٿوڪن ۽ ٽن اڳوڻن ملازمن خلاف مڪمل جاچ ڪري ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ايس ايس پي ٿرپارڪر کي اسان ڪجهه ڏينهن اڳ خط به لکيو هو خبر ناهي ته اڃان تائين پوليس ڪهڙي ڪارروائي ڪئي آهي ثقافتي ماڳن تي فحش حرڪتون ناقابل برداشت آهن جنهن ڪري صوبائي وزير سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه جي هدايتن تي قلعي جي داخلي رستن سميت قلعي اندر ڪجهه ڪيمرائون لڳايون آهن

بقايا 9 احتجاج

مظاهرين جو چوڻ هو ته دادو پوليس ڪوڙو مقابلو ڏيکاري معزز شخص نادر جمالي کي قتل ڪيو آهي نادر جمالي هزارين ايڪڙن زرعي زمين جو مالڪ هو جنهن مٿان ڪوڙو بکري چوري جو ڪيس لڳايو ويو جنهن جي سخت مذمت ڪريون ٿا، هنن چيو ته پوليس عوام جي جان مال جي حفاظت لاءِ هوندي آهي پر سنڌ ۾ پوليس پاڻ ماڻهن کي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جوڙيا پوليس مقابلا ڏيکاري ماري رهي آهي، هنن چيو ته نادر جمالي جي قتل ۾ ملوث ماڻهن کي سخت سزا ڏئي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي، هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن قتل ۾ ملوث پوليس پارٽي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري سزا نه ڏني وئي ته قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 10 زخمي

زخمي ٿي پيا آهن زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندن سڃاڻپ اڪبر ميمڻ ۽ سندس گهر واري، غلام محمد رياض بروهي جي نالن سان ٿي آهي بنهي حادثن جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

بقايا 11 محتسب اعليٰ

حاضري لاءِ پيش ڪيو وڃي ۽ ڪين قانوني سهولتون مهيا ڪيون وڃن اهڙن خيالن جو اظهار هن سينٽرل جيل لاڙڪاڻي ۾ قيدين کي ملندڙ سهولتن بابت دوري دوران ڳالهائيندي ڪيو هن ان موقعي تي جيل جي مختلف بيرڪن ۾ وڃي قيدين بابت جاچ پڻ ورتي ۽ سندن مسئلا ۽ شڪايتون پڻ ٻڌيون هن ان موقعي تي ڪين مخاطب ٿيندي چيو ته جيڪڏهن اوهان جا ڪي مسئلا ۽ شڪايتون آهن اوهان ان بابت پڻ ٻڌايو ۽ بيماريءَ دوران علاج نه ٿو ملي ته ان بابت پڻ ٻڌايو ان موقعي تي مختلف قيدين ريجنل ڊائريڪٽر محتسب کي علاج معالجي ۽ ڪيسن بابت پڻ ٻڌائيندي چيو ته ڪين ڪورٽ ۾ حاضرين تي وقت سر پيش نه ٿو ڪيو وڃي جنهن تي هن جيل عملي کي هدايتون ڏيندي چيو ته ڪين وقت سر حاضرين تي پيش ڪيو وڃي ۽ قانوني مدد پڻ فراهم ڪئي وڃي جيل جي دوري دوران قيدين کي پيئڻ جي پاڻي لاءِ لڳل فلٽر پلانٽ جو دورو پڻ ڪيو ۽ ان سان گڏوگڏ جيل جي ڊرينيج سسٽم ۽ جيل ۾ قيدين جي علاج لاءِ قائم ڪيل اسپتال جو دورو پڻ ڪيو ۽ اتي موجود ميڊيڪل عملي کي هدايتون ڏيندي چيو ته قيدين کي وقت سر علاج ڏنو وڃي ۽ ان سان گڏوگڏ سندن کاڌ خوراڪ جو پڻ خيال رکيو وڃي ان موقعي تي جيل سپرنٽينڊنٽ لاڙڪاڻو عبدالفتاح ڪلهوڙو آگاهي ڏيندي چيو ته هتي موجود تمام قيدين کي وقت سر کاڌو پڻ مهيا ڪيو وڃي ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ بيمار قيدين کي علاج پڻ ڏنو وڃي ٿو ۽ هنري سکيا پڻ ڏني وڃي ٿي ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب لاڙڪاڻو ڊائريڪٽر هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو جيل سپرنٽينڊنٽ لاڙڪاڻو ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر سان گڏجي ڪچن، ميڊيڪل وارڊ ۽ هنري مرڪز جو دورو ڪيو ۽ اتي ملندڙ سهولتن بابت قيدين کان جاچ پڻ ورتي ان موقعي تي ڊائريڪٽر هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر لاڙڪاڻو ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو ۽ واسطيدار کاتن جا عملدار پڻ موجود هئا

بقايا 12 سيمينار منعقد

ازالي جي طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي ڏني. هن شهرين جي بنيادي حقن ۽ سرڪاري ادارن خلاف شڪايتون داخل ڪرائڻ جي قانوني طريقيڪار تي روشني وڌي. فضل محمد شيخ چيو ته صوبائي ادارو محتسب اعليٰ عوام کي بغير في ۽ بروقت انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي جڏهن ته اهڙا آگاهي سيمينار نوجوان نسل ۾ قانوني شعور اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا هن وڌيڪ چيو ته سيمينار جو مقصد استادن ۽ شاگردن کي اهو ڄاڻ ڏيڻ هو ته ڪنهن به سرڪاري اداري سان لاڳاپيل شڪايت جي صورت ۾ هو محتسب اعليٰ سنڌ سان ڪيئن رابطو ڪري سگهن ٿا. سيمينار جي آخر ۾ سوال جواب جو سيشن پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو جام صاحب ۾ معذورن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ علامتي بک هڙتال 11 هين ڏينهن به جاري

بقايا 13 نوٽيس نه ورتو

پيپلزپارٽي جا ايم پي ايز آهن اهڙو معاملو هتي تائين پهچڻ نه گهرجي ها، پر جيڪو ٿيو آهي اهو افسوسناڪ آهي هن چيو ته سريندر ۽ ارباب لطف جي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو پارٽي اندر ويهي ڳالهين ذريعي معاملو حل ڪن جڏهن ته ارباب لطف تي وڌيڪ ذميواري ان ڪري به ٿئي جو اهو سندس ڳوٺ جو معاملو آهي انجنيئر گيانچند چيو ته اسان هڪ ٻئي کي برداشت نه ڪيو جنهن سبب پيپلز پارٽي جو ڪارڪن ويچارو ڀڄجي ويو آهي ارباب لطف ڪارڪن کي پنهنجو نه ڪيو هن چيو ته جڏهن هو ضلعي صدر هو ته ارباب ڪڏهن به ميٽنگ ۾ نه آيو ارباب پنهنجي ڦالورڙ جو ايم پي اي بڻجي رهيو ۽ پارٽي ورڪرن کي نظر انداز ڪندو رهيو جنهن سبب پارٽي جا ڪيترائي اهم ماڻهو يا ته پارٽي ڇڏي چڪا آهن يا گهر ويٺل آهن هن چيو ته اسان اربابن سان مقابلا ڪندا رهيا آهيون، ڪڏهن هارياسين ته ڪڏهن کٽيا آهيون ۽ انهي وقت کان ئي اسان جا اختلاف هلندا اچي رهيا آهن اسان قربانيون ۾ ڏنيون آهن هو ۽ سندس ڀاءُ سميت ٻيا اڳواڻ جيل به ويا، پر اهي سڀ اڄ نظر انداز ٿيل آهن انجنيئر گيانچند چيو ته سريندر جن ڪيسن جو ذڪر ڪيو آهي اهي حقيقتون آهن هن وقت ڪاٺ جي ڪاروبار تي جهيڙا هلندڙ آهن جن سان سريندر جو ڪو به تعلق ناهي پر ارباب جي ماڻهن جو ان ۾ ڪردار رهيو آهي، جنهن ۾ جهيڙا به ٿيا آهن ۽ خون به ٿيو آهي ٻيو وڏو مسئلو منشيات فروشي جو آهي جنهن جا الزام مختلف وقتن تي لڳندا رهيا آهن جيڪي پوليس سان گڏ ٻاٿر ماڻهن تي به لڳندا رهيا آهن هن چيو ته جڏهن هو ضلعي صدر هو ته ان وقت يونين ڪائونسل جو چيئرمين وانڪجي ذڪر هو جنهن جو فيصل ڪجي ويو ماڻهو گرفتار ٿيا، پر ٿاڻي تان بنا ڪنهن ڪارروائي جي آزاد ٿي گهر هليا ويا. اسان مطالبو ڪيو ته غير جانبدار آفيسر مقرر ڪيا وڃن ڀلي مخالف ڌر جا هجن پر انصاف تي ٻڌل فيصلا ڪن هن وڌيڪ چيو ته جڏهن کان ارباب پيپلزپارٽي ۾ آيو آهي، تڏهن کان ڪيترائي ايس ايڇ اوز هڪ ئي جڳهه تي مقرر رهيا آهن سريندر ولاسائي تي نه قبضا خوري جا الزام آهن ۽ نه ئي منشيات فروشي جا، جڏهن ته ٻين تي اهڙا الزام لڳندا رهيا آهن هاڻي آفيسر جائز ۽ ناجائز جو فرق نٿا ڪن، فون اچن ٿا ۽ ڪم ٿي وڃن ٿا. هن چيو ته تازو پيپلزپارٽي جي ڪارڪن لطيف جوڻيجو خلاف ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي اهڙا ڪيترائي ڪيس داخل ڪيا ويا آهن مهيش ملاڻي ۽ ارباب لطف هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ به تيار ناهن ڦر جي پوليس سندن حڪمن تي هلي ٿي ڪلوئي ۽ ڏيپلو ٿاڻن سميت انهن جي حدن ۾ بغير حڪم جي ڪا به ڳالهه نٿي ٿئي هن چيو ته پيپلزپارٽي جو ڪارڪن ڪنهن جو ووٽ تير کان ٻاهر نه وڃڻ ڏئي پر ارباب گذريل اليڪشن ۾ پارٽي سان فراڊ ڪري ايم اين اي کي هارائڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا ڳالهه سڀني جي سامهون آهي هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته مسڪينن تي ظلم نه ٿئي، ماڻهو مزدوري ڪن ۽ پوليس کي ڪارائڻ تي مجبور نه ڪن حالتون هاڻ ايتريون وڌي ويون آهن جو سريندر کي به آواز اٿارڻو پيو گڏجي ويهي هلڻ گهرجي هن چيو ته ڊويزنل صدر مهيش ملاڻي جي سڏ تي سريندر ته اچي ويندو پر ارباب نه ايندو جنهن ڪري هاڻي ڦريال ٽاليس وزيراعليٰ سنڌ ۽ گهرو وزير کي پاڻ ويهي معاملو حل ڪرڻو پوندو نه رڳو هي مسئلا ۽ پارٽي اندر موجود ٻيا مسئلا به واضح ڪرڻا پوندا ٻئي پاسي ارباب لطف جي ڀاءُ ارباب عالم چيو آهي ته سريندر سان سندس ئي برادري جي ماڻهن جو پلاٽ جي معاملي تي تڪرار آهي جڏهن ته اسان تي لڳايل الزام بي بنياد آهن هن چيو ته سريندر پلاٽ تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو ايم پي اي سريندر ولاسائي جو چوڻ آهي ته پلاٽن وارو الزام سمجهه کان ٻاهر آهي هن چيو ته مون زندگي ۾ ڪڏهن به پلاٽن جو ڪاروبار ناهي ڪيو صرف هڪ ايڪڙ زمين پنهنجي سڱڻ کان ورتي آهي هن چيو ته ٻجومل کي استعمال ڪيو ويو پر سندس رشتيدارن ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ مون ڪيس معاف ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 14 احتجاج

موقعي تي پيرسن بيواهه عورت عمره خاتون زال مرحوم بهرام گوپانگ پنهنجي ننڍن سويران پوڻين مهوش شمرين پروين پوٽن مصطفيٰ ۽ حسن عباس گوپانگ سان گڏجي الزام لڳائيندي چيو ته گذريل 5 جنوري تي رات جي وقت سي آءِ اي ۽ باقراڻي ٿاڻي جي پوليس چادر چوديواري جو تقدس پئمال ڪندي بيگناهه منهنجي گهر مٿان چڙهائي ڪري عورتن ۽ معصوم ٻارڙن کي هٿيارن جي زور تي حراسان ڪرڻ بعد نوجوان پورهيت پٽ گلشن گوپانگ کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ ڪيس گم ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پٽ جي آزادي لاءِ اسان ڪجهه ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي جي سيشن ۾ درخواست پڻ داخل ڪرائي آهي پر تنهن باوجود هن وقت تائين پٽ جو ڪوبه ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو خدشو آهي ته پٽ مٿان پوليس ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيل اماڻي ڇڏيندي هن وس وارين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي سي آءِ اي ۽ باقراڻي ٿاڻي تي مقرر ٿيل عملدارن ۽ اهلڪارن کان پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ پٽ کي ظاهر ۽ آزاد ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 15 ڪليل ڪچهري

آفيس ۾ کليل ڪچهري ڪوٺائي وئي جتي هن تعليم کاتي سان لاڳاپيل استادن ڪلارڪن ۽ ٻي اسٽاف جا مسئلا ٻڌي لکت ۾ درخواستون ورتيون ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊي اي او پرائمري انيس الرحمان جلباڻي چيو ته پرائمري اسڪولن جي هيڊ ماسترن هيڊ مسٽريسن استادن ۽ نان ٽيچنگ عملي جا مسئلا ٻڌڻ لاءِ شڪايتن جي ٻڌڻي جو اهتمام ڪيو ويو آهي جڏهن ته استادن ۽ عملي کي درپيش ڪجهه مسئلا آهن جن ۾ پي ايس ٽي استادن جي جوائننگ ڊيٽابيس جا معاملا، فرنيچر جي کوٽ اسڪولن ۾ ٻين بنيادي سهولتن جي اڻهوند، ڊي ڊيز جمع ڪرائڻ نون ڀرتي ٿيل گريڊ هڪ کان چار ملازمن جي جوائننگ ۽ ٻيا لاڳاپيل مسئلا شامل آهن جيڪي اڄ سڌي ريت ٻڌا ويا آهن ان سلسلي ۾ اڄ سڀني هيڊ ماسترن ۽ لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي آهي ته هو پنهنجون شڪايتون ذاتي طور يا لاڳاپيل ڊي اي او وسيلي لکت ۾ پيش ڪن ته جيئن انهن جا مسئلا گهٽ وقت ۾ حل ڪري سگهجن

بقايا 16 ڌرڻو

جسقم جي مرڪزي وائيس چيئرمين فقير رمضان ڪلوڙ، محبوب گهوٽو، نعمان سنڌي ۽ ٻين چيو ته ميرپور ماٿيلو سميت ضلعي گهوٽڪي اندر ڦرون ڌاڙا چوريون قتلام معمول بڻجي ويو آهي روزانو هتي ماڻهن کان ڏينهن ڏٺي جون ڦرون هجڻ يا قتلام عام بڻجي ويو آهي. گذريل ڏينهن به وچ شهر مان ڦورن شهر جي ڪوثر ڪالوني ۾ ڪولاچي برادري جي نوجوان ابرار ڪولاچي کي گهر اندر گهڙي بي گناهه قتل ڪري ڇڏيو آهي پر ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو جي ڪارڪردگي بالڪل زيرو آهي. جيڪو تمام گهڻي پريشان ڪندڙ صورتحال آهي ايس ايس پي ۽ ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو امن و امان برقرار رکڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويا آهن هنن چيو ته ضلعي گهوٽڪي اندر فوري امن امان جي صورتحال کي يقيني بڻايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ گهوٽڪي ضلعي اندر شٽربند هڙتال جو سڏ ڏئي ايس ايس پي گهوٽڪي آڏو ڌرڻو هنيو ويندو جيڪو ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران جي معطلي تائين جاري رهندو.

بقايا 17 چوري

آهي ڪي رات جي اونداهي ۾ نامعلوم ماڻهن نشانو بڻايو جوابدارن دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپيا نقد ۽ قيمتي جوتا چوري ڪيا. دڪاندار لياقت ميمڻ چيو ته دڪان ۾ 750,000 رپيا نقد هئا جيڪي چور کڻي ويا، جڏهن ته دڪان ۾ موجود مهانگا جوتا به چوري ٿي ويا. ٻئي طرف، اسٽورٽ گنج پوليس اسٽيشن جي حد ۾ واقع جهولي لال رائس مل (سيٺ ٻچو مل) ۾ پيش آيل واقعي واپارين ۾ وڌيڪ خوف پکيڙي ڇڏيو آهي. نامعلوم چور رات دير سان رائس مل ۾ داخل ٿيا ۽ اتي موجود ڳري سيف کي ٽوڙڻ بدران سڄي سيف کي کڻي ويا، جنهن ۾ 40 لک رپيا نقد هئا. واپارين جو چوڻ آهي ته سيف سميت چوري ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اهو واقعو پيشه ورانه ۽ منظم انداز ۾ ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ نه رڳو وقت جي ضرورت آهي پر مڪمل منصوبابندي جي به ضرورت آهي آل سمال ٽريڊرز ايسوسيئيشن جي صدر سميع الله شيخ سيف سميت چوري کي تمام گهڻو پريشان ڪندڙ قرار ڏنو ۽ چيو ته هاڻي چور عام تالن تائين محدود نه آهن پر دڪانن ۽ ملن اندر سيف کي به نشانو بڻائي رهيا آهن. جيڪو واپاري برادري لاءِ جاڳڻ جو سبب آهي انهن مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل پئسا ۽ سيف کي فوري طور تي واپس آندو وڃي ۽ ذميوار جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ مثالي سزا ڏني وڃي.

بقايا 18 سڃاڻپ ٿي وئي

ڪنهن شئي ۾ نشو ڏئي بيهوش ڪري سندس وٽان پنج لک کان مٿي رقم کڻي مورو ٽول پلازه شاخ وٽ اڇلائي فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ پوليس پهچي مذڪوره شخص کي مورو اسپتال پهچايو وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 19 تقريب منعقد

سيڪنڊري اسڪول ۾ ڇهين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين جي پهرين، ٻي ۽ ٽين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مڃتا ڏيڻ لاءِ اسڪول بلڊنگ اڳيان گرائونڊ ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي صدارت اسڪول جي پرنسپال سائين محمد صديق ڪٽي ڪئي، جڏهن ته مهمان خاص هيڊ ماسٽر سائين غلام مجتبيٰ ڏاليو ايس ايم سي چيئرمين مير مبارڪ ڏاليو ۽ ايف اي مير علي محمد ڏاليو هئا، تقريب ۾ هائير سيڪنڊري اسڪول مان سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (ڪيمسٽري) سائين عبدالرحمان جوڻيجو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (زوالاجي) سائين زين نظاماڻي، سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (ميٿاميٽڪس) سائين منظور سهتو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ سائين سائين محمودالحسن سميت اسڪول جي تدريسي عملي مان سائين عبدالواحد جوڻيجو سائين رسول بخش ڏاليو سائين شبير نظاماڻي سائين الطاف نظاماڻي سائين سليم نظاماڻي، سائين ذوالفقار مگسهار، سائين نعيم نظاماڻي سائين نهرو لال سائين مصطفيٰ جمال، سائين حفيظ جمالي سائين ساجد ملاح، سائين سراج چانگ، سائين لياقت نظاماڻي ۽ سائين وسيم نظاماڻي باغي امداد علي نظاماڻي پڻ شرڪت ڪئي تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جڏهن ته آجياڻي تقرير پرنسپال سائين محمد صديق ڪٽي ڪئي ان کان پوءِ ڇهين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جن ۾ پريم سلطان ڇيلا رام، رميش، گريش، ريحان، نندلال، حنزلا، پريم، شام سندر، بخت زهرا ديپا ڪماري، مهڪ سميت ٻيا شامل هئا، کي معزز مهمانن ۽ استادن جي هٿان تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊل ڏنا ويا تقريب کي خطاب ڪندي سائين محمد صديق ڪٽي، مير مبارڪ ڏاليو، غلام مجتبيٰ ڏاليو سائين عبدالرحمان جوڻيجو ۽ سائين ذوالفقار ۽ ٻين چيو ته اهڙيون تعليمي سرگرميون شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ حوصلا همت ۽ محنت جو جذبو وڌائين ٿيون هنن اميد ظاهر ڪئي ته انشاءالله اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن راڄوخاناڻي هائير سيڪنڊري اسڪول پوري سنڌ ۾ نمايان مقام حاصل ڪندو ۽ هتان جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون اعليٰ تعليمي منزلن تائين پهچندا.

بقايا 20 زخمي

ڳوٺاڻن پاران رڃ رڃ ۾ تڪليف سبب گس کوليو ته ڳوٺ جي وڏيري اسدالله خاصخيلي، سندس پٽن حبيب الله خاصخيلي هدايت الله امان الله مشتاق ۽ محب خاصخيلي پاران ڪهاڙين ۽ لٺين سان ڳوٺاڻن تي حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ پرائمري استاد بخش علي عرف بخشو خاصخيلي، سندس نوجوان پٽ هدايت الله ڪهاڙيون لڳڻ جي نتيجي ۾ سخت زخمي ٿي پيا جڏهن ته ٻئي پاسي وڏيري ۽ سندس پٽن به معصوم نياڻين تي وحشاڻو سخت تشدد ڪيو هوڏانهن ڪهاڙيون لڳڻ ڪري استاد بخشو ۽ سندس پٽ هدايت الله خاصخيلي کي زخمي حالت ۾ سرڪاري اسپتال ٽنڊوباگو نيو ويو جتي سندن حالت نازڪ هجڻ ڪري طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيو ويو جڏهن ته زخمي استاد جي وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته وڏيري اسانجو گذريل مهينن کان گس بند ڪري ڇڏيو هو جنهن ڪري اسانکي رڃ رڃ ۾ ڪافي تڪليف هئي بيمار کي ڪلهي تي کڻي ڳوٺ منتقل ڪرڻو پوندو هو جنهن تڪليف جي ڪري اسان گس کوليو ته وڏيري ۽ سندن پٽن اسان مٿان حملو ڪري اسانجي ٻن ڀيڻ ۽ ٻن معصوم نياڻين کي زخمي ڪري وڌو آهي جنهن سبب استاد بخش علي عرف بخشو ۽ سندس پٽ هدايت الله کي ڪٽڪي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد داخل آهن جڏهن ته واقعي جو ڪيس ڏيٺي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي جنهن تي آخري اعلاع تائين ڪابه گرفتاري عمل نه اچي سگهي هئي

بقايا 21 آندو ويو

ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس شروعاتي طور طبي امداد ڏيڻ بعد سندس جي حالت ڳنڀير هجڻ ڪري هٿڻ تي ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي ان موقعي تي سڙيل زخمي ٿيل نري جي سامي مولابخش لانگاهه ٻڌايو ته منهنجي ڀاڻيجي گهر جي اڱڻ تي موجود هئي جتي اوچتي بجلي جي 11 هزار تار ڪري سندس ڳلي ۾ وچڙي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ سڙي سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي ڪٿائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو جتان ڊاڪٽرن سندس جي حالت ڳنڀير ٻڌائيندي ڪيس لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪيو آهي.

بقايا 22 سڃاڻپ نه ٿي

هڪ ڏينهن اڳ بند جڳهه مان 27 ورهين جي اڻڄاتل نوجوان جو پراڻو ۽ سڙيل لاش هٿ آيو هو جنهن جي سڃاڻپ نه ٿيڻ تي پوليس لاش کي لاوارث ڄاڻائي ضروري قانوني ڪارروائي بعد ايڌي سينٽر لاڙڪاڻو جي انتظاميه حوالي ڪري ڇڏيو جن طرفان لاش کي لاوارث ڄاڻائي غسل ۽ ڪفن ڏئي شهر پرسان دوداڻي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو آهي. ان حوالي سان ڏڪري ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته لاش نشو واپرائيندڙ جو لڳي رهيو آهي جنهن جو منهن به سڙي ويو آهي

بقايا 23 وفات ڪري ويو

جي تڪليف سبب ۽ موت جي ۽ واٽي تي بيماري سان باهمت ٿي مقابلو ڪيو سندس بيماري جي حوالي سان علاج جي سلسلي ۾ ميڊيا تي خبرون به هلڻ ۽ پر ڪيس اقتداري ڌرين ۾ وساري ڇڏيو جڏهن ته ڪجهه مهينا اڳ سندس صحافتي دوست جي ڪوشش بعد صحت کاتي جي وزير کان سندس علاج جي لاءِ نڪتل ليٽر به ردي ٽوڪري جي حوالي ٿي ويو زندگي جا 20 سال سنڌي ميڊيا جي نالي وارن ادارن سنڌ ٽي وي، ڌرتي ٽي وي ۽ بهترين ڪيميرا مين جا فرائض انجام ڏيندڙ سينيئر صحافي عبدالغني ميراڻي ڏهاڪو کن سالن کان پنهنجي جنم ڀومي ميهڙ ۾ صحافت سان واڳيل رهيو ۽ مختلف سنڌي نالي وارين اخبارن ۾ ڪم پڻ ڪيو ڪجهه ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تي صحافي دوستن سندس جهولي فنڊ گڏ ڪرڻ جون اپيلون پڻ ڪيون غربت باوجود به هن باهمت سينيئر صحافي چيو ته منهنجي لاءِ ڪير به جهولي فنڊ گڏ نه ڪري هو ٽڪ جي نمائندن طرف مسلسل واجهائيندو رهيو پر بي ڌياني سبب سنڌس سرڪاري خرچ تي ڪنهن سٺي اسپتال ۾ علاج به نه ٿي سگهيو 12 جنوري جي شام سندس طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي

بقايا 24 تعزيت ڪئي

۾ وٺي تعلقي اسپتال خانپورمهر منتقل ڪيس جتان ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو واقعي جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران جي اڳواڻي ۾ پوليس جا وڏا آفيسر ڳوٺ لوهي پهچي ويا، جتي ايس ايس پي مقتول عمران پٽي جي تڏي تي پهچي وارثن سان ملاقات ڪئي ۽ واقعي بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي پوليس موجب قتل ڪيس اڃان داخل نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته جاچ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي پوليس جيو فرانزڪ ٽيم ذريعي شواهد گڏ ڪري رهي آهي ۽ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ٻي پاسي وارثن قاتلن جي جلد گرفتاري ۽ سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 25 قبر ڪشائي

سول جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ شهدادپور آصف سيال جي موجودگي ۾ شهدادپور شهر جي مائي سهڻي قبرستان ۾ پهچي قبر ڪشائي ڪري ميڊيڪل چڪاس لاءِ جزا ورتا ويا ان موقعي تي درخواست گذار ڀاءُ عبدالغفار بنگلاڻي ٻڌايو ته 8مهينا اڳ ڀاءُ مال جي واپار جا پيسا وٺڻ لاءِ ميرپورخاص ۾ يوسف بنگلاڻي ناصر بنگلاڻي وارن ڏانهن ويو هو جتي ڪيس مانئي ۾ ڪير ۾ ڪيس زهر ڏئي ماري ڇڏيو هو مون اهڙي درخواست سيشن جج سانگهڙ کي ڏني هئي جنهن تي ميڊيڪل بورڊ جوڙيو ويو ۽ ميڊيڪل بورڊ جي ٽيم قبرستان پهچي قبرڪشائي ڪري چڪاس لاءِ جزا ورتا آهن هن الزام هنيو ته ڀاءُ جا پيسا ڦٻائڻ لاءِ مذڪوره ماڻهن ڪيس زهر ڏئي ماريو آهي هوڏانهن پوليس موجب ميڊيڪل رپورٽ اچڻ بعد ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪنداسين

بقايا 26 خراج تحسين

ڪيل عظيم خدمتن تي ڪيس عوام خراج تحسين پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ سندس حياتي جي اندر علائقي ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ويا هئا 6 ڀيرا ايم پي اي جي سيٽ تي ڪاميابي حاصل ڪري عوام جي دلين تي راڄ ڪيو هو، اڄ اسان سندس چوڏهين ورسي تي عزم ڪريون ٿا ته سندس نقشي قدم تي قائم رهي عوام جي ساڳي خدمت جاري رکنداسين، ورسي جي موقعي تي سنڌس فرزند ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين سيد شاهنواز محسن شاهه چيو ته منهنجي بابا جي عوام خدمتن جو لازوال باب آهي جنهن تي مون کي فخر آهي ته بابا پنهنجي آخري پساهه تائين عوام جي خدمت واري جذبي تي قائم دائم رهيو، جنهن جي ڪري علائقي جي عوام سندس ڪيل خدمتن تي ساراهي ٿي، ڊپٽي ڪمشنر ڏرمون پاواڻي چيو ته مرحوم محسن شاهه بخاري لاڙ واري علائقي سان گڏ سنڌ جي اندر پنهنجي صوبائي وزارت جي دوران عوام جي مفادن جي رکوالي ڪري ترقياتي ڪم ڪرايا جنهن جي ڪري ڪيس 14 سال گذرڻ باوجود عزت ڀريو مقام حاصل آهي، پ پ پ يوٿ اڳواڻ سيد سلال شاهه بخاري چيو ته مرحوم چاچا سيد محسن شاهه بخاري اسان جي خاندان جو بزرگ هجڻ سان گڏ پنهنجي علائقي جو دلير عوامي اڳواڻ هو جنهن ضيا جي مارشل لا کان وٺي سنڌ جي اندر جام صادق جي وڏ وزارت دوران تمام گهڻيون سختيون توڙي انتقامي سياسي ڪارروائين کي منهن ڏئي پ پ پ سان پنهنجو رشتو آخري پساهه تائين جاري رکيو ۽ عوام جي بي لوث خدمت ڪئي، ضلعي ڪائونسل ٺٽو محمد خان جي وائيس چيئرمين غلام مصطفيٰ جت چيو ته سيد محسن شاهه بخاري سنڌ جو دلير سياستدان هو جنهن آمريت جي ڪاري دور ۾ ظلم زيادتين جي خلاف آواز اٿاريو ۽ عوام سان پنهنجو ساٿ قائم رکي جدوجهد ڪئي،

بقايا 27 احتجاج جاري

جا نمبر ٽريس ڪيا ويا. جيڪڏهن پوليس سيدياري نڪلوائي ڏاور جي وڌيڪ جيو فينسنگ ڪري ها ته اغوا ڪندڙن جو سڄو ٽولي پڪڙيو وڃي ها ۽ منهنجو پٽ وقت تي بازياب ٿي وڃي ها، پوليس اهو نه ڪيو پوليس منهنجي پٽ جي اغوا ۾ ملوث آهي هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي، گهرو سيڪريٽري سنڌ ايجنسي جي جي آءِ ٽي ذاهي هئي، جنهن اڍائي سالن تائين جاچ ڪئي، 50 اجلاس ڪيا. هن جاچ ۾ جوابدارن کي ڏوهه ثابت ڪيو ويو آهي جي آءِ ٽي هاءِ ڪورٽ کي لکيو آهي ته علي اصغر کي اغوا ڪيو ويو آهي اسان هڪ ٻي جي آءِ ٽي ناهي رهيا آهيون جيڪا علي اصغر کان پڇا ڳاڇا ڪندي، ان جاچ کي ٽي سال ٿي ويا آهن ۽ علي اصغر کي اغوا ٿيڻ کي ڏهه سال ٿي ويا آهن هاڻي جي آءِ ٽي جي هڪ ميمبر قرآن پاڪ تي هٿ رکي چيو ته علي اصغر اغوا نه ٿيو آهي ۽ اهي چار جوابدار نه آهن پوءِ مان پنهنجي پٽ کي الله جي حوالي ڪندس ريلوي پوليس ڪانسٽيبل سڪر ڊويزن زاهد حسين منگريو احمد علي منگريو ۽ شهري احتجاج ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 28 گهر ۾ ڪهرام

عالماڻي مارجي ويل مقتول جي لاش کي تعلقي اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو آهي وارثن موجب واجد عالماڻي رضا ڳوٺ ۾ زمين ٺيڪي تي ڪنئي جتي هو سٽل هو ته چوري جي ڪوشش ٿي، جنهن دوران مزاحمت تي ڪيس قتل ڪيو ويو ڪڇي ۾زمين تان سولر پليٽون چوري ڪرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي ڀاڳيو قتل. مقتول جي وارثن موجب واجد عالماڻي رضا ڳوٺ ۾ زمين ٺيڪي تي ڪنئي جتي هو سٽل هو ته چوري جي ڪوشش ٿي، جنهن دوران مزاحمت تي ڪيس قتل ڪيو ويو

بقايا 29 ڪوريج کي ساراهيو

نموني حق ادا ڪيو جنهن سبب سچ عوام تائين پهتو سودي ڪولهڻ وڌيڪ چيو ته بدين پريس ڪلب جي مسلسل ڪوريج ۽ حمايت جي نتيجي ۾ اسان جو جائز مطالبو پورو ٿيو ۽ نوجوان ڪيلاش ڪولهي جو قاتل سرفراز نظاماڻي گرفتار ڪيو ويو هن آخر ۾ چيو ته ڪولهي برادري بدين پريس ڪلب جي سموري ٽيم جي نهايت ٿي شڪرگذار آهي، جنهن ڏک ۽ آزمائش جي هن گهڙي ۾ اسان سان ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ حق جي آواز کي مضبوط بڻايو

بقايا 30 طارق شاهه جاموٽ

تمام مشڪل سان حاصل ڪري رهيو آهي جڏهن ته او جي ڊي سي ايل ان علائقي مان ڳري آمدني ڪمائڻ جي باوجود به نه ئي مقامي ماڻهن کي نوڪريون فراهم ڪري رهي آهي ۽ نه ئي وري علائقي جي ترقي لاءِ ڪنهن موثر قدم کڻي رهي آهي_ هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته گذريل سال او جي ڊي سي ايل 12 ڪروڙ رپيا ڪمايا پر مقامي سطح تي هڪ به ملازمت نه ڏني وئي_سيد طارق حسين شاهه جاموٽ مطالبو ڪيو ته او جي ڊي سي ايل جيڪڏهن مقامي ماڻهن کي ايم ڊي يا ڊائريڪٽر جي عهدي تي مقرر نٿي ڪري سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ گريڊ هڪ کان گريڊ 4 تائين جي مختلف آسامين تي مقامي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو وڃي-

بقايا 31 ڪانفرنس جو اعلان

جي ڏينهن ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي جي ورسي پيٽا طورپاٽي ڪانفرنس جون دعوتون ڏنيون ويون آهن سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدرڻمرحيدرحتوئي چيو آهي ته ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي جي ورسي ۾ شرڪت جي دعوت ڏيون ٿا سنڌجي هارين مزدورن پورهيتن جي حقن ميڊيا جي آزادي سميت سنڌجي حقن لاءِ جدوجهد جاري آهي سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدرڻمرحيدرحتوئي چيوته سنڌهاري ڪاميٽي جي باني ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي ڏسيل راهه تي هلندي هارين جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 32 بجاڻي ورتو

ٿوري هنڌ کان ويجهو خوف سبب هن بجلي ۾ هٽ نه وڌو ان کي جهلي بيهوش ٿي ويو ، اطلاع ملڻ تي عبرت عيوضي صحافي ارشد سومرو عالماڻي برادري ۽ سوين مقامي ڳوٺاڻا پهچي ويا ٿنيو مڱي هو ، ارشد سومري حيدرآباد ۾ ڊائريڪٽر حيسڪو سان ڳالهائي بجلي بند ڪرائي جنهن بعد ارشد سومري وڏو رسو گهرائي عالماڻي برادري جي ماڻهن جي مدد سان نوجوان کي باحفاظت هيٺ لاٿو ان بعد پوليس پهچي نوجوان کي ارشد سومري جي چوڻ تي ايس ايڇ او موبائل ۾ رکي اسپتال پهچايو ته مٿان ڪا تڪليف هجي هن سڄي واردات ۾ پوليس سڀن کان آخر ۾ پهتي

بقايا 33 استاد محفوظ

ڪري پيا.جنهن ڪري استاد ۽ شاگردينءِ خوف حراس چائنجي ويو استاد ۽ شاگرد محفوظ رهيا ڪوبه جاني نقصان ڪونه ٿيو هن قديمي هاءِ اسڪول جي بلڊنگ جي حالت تمام خطرناڪ ٿي چڪي آهي. ڪنهن ب وقت وڏي جاني نقصان جو انديشو آهي.جنهن ڪري سنڌ حڪومت کي فورن هن طرف توجهه جي ضرورت آهي

بقايا 34 زخمي

کي ڪٿائي تعلقه اسپتال ڪنري آندو جتان سخت زخمي ٿيل ڊرائيور بيمون ڀيل کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

بقايا 35 احتجاج

عليءَ ٻين دانهيندي ٻڌايو ته ڪڪڙ شهر سان هٿرادو لوڊ شيڊنگ ۽ لو پريشر جو عذاب ختم نه ٿيو جنهن سبب شهري سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن اڻ دوران شهرين ٻڌايو ته لوڊ شيڊنگ جو ايترو آزار وڌي ويو آهي جو هر وقت رڌ پچاءُ ڪرڻ وقت سوئي گيس غائب آهي جنهن سبب روز مرهه جي وقت گهرن ۾ عورتن کي کاڌو تيار ڪرڻ ڏکيو پئجي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان ڪيترا ڀيرا احتجاج ڪيا آهن پر سوئي گيس انتظاميا جي ڪن تي جوءِ به نه ٿي چري جڏهن ته اسان جي احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ به سوئي گيس انتظاميا مسئلو حل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اسان باقاعدهِ سوئي گيس جا بل هر مهيني ڪمپني کي ادا ڪري رهيا آهيون جڏهن ته رڌ پچاءُ ڪرڻ لاءِ اضافي خرچ ڪري سوين روپين جون ڪاٺيون وٺي رڌ پچاءُ ڪرڻ تي مجبور بڻجي ويا آهيون.

بقايا 36 تقريب

سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي چيو ته "پٽنگن پهه ڪيو" مختلف علمي ادبي، سياسي ۽ سماجي شخصيتن تي لکيل ادبي خاڪن جو مجموعو آهي جن ۾ ليکڪ شخصيتن جي فڪر ڪردار جدوجهد ۽ انساني پهلوئن کي سليس، اثرائتي ۽ احساس ڀري ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي جنهن مان خبر پوي ٿي ته انهن شخصيتن جو سماج ۾ ڪهڙو ڪردار آهي هن چيو ته رمضان ميمڻ روايتي خاڪا ناهن لکيا پر هن افسانوي انداز ۾ انهن شخصيتن جي ڪم تي شاندار انداز ۾ تجزيو پڻ ڪيو آهي سندس نثري ٻولي خوبصورت ۽ ادبياڻي انگ سان ٽمٽار آهي وڪس لفظن جو وڏو ذخيرو آهي ڪيس هنن تخليقي پورهئي تي جس ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي

بقايا 37 نوٽيس جاري

نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ ضلعي ڪائونسل جي پراپرٽي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي انچارج تاج محمد راهمون ڏگهڙي ۾ واقع ڊڪ جو فوري معائنو ڪيو ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي 541 اسڪوائر گز (4859 اسڪوائر فٽ) ڪيٽل فارم جي زمين تي ناجائز تجاوزات قائم ڪندڙ ماڻهن کي نوٽيس جاري ڪندي فوري طور ناجائز حدخلين ختم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي هدايت تي عمل نه ڪرڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.واضح رهي ته ميڊيا انڪشاف ڪيو هو ته انگريز دور کان ٺهيل ڊڪ جنهن ۾ شهر ۾ گهمندڙ ڍڳيون

بقايا 38 ضمانتون منظور

ڪري ورتي آهي معزز عدالت چارئي جوابدارن جي 19 جنوري تائين عبوري ضمانت منظور ڪندي کين جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي جڏهن ته ڏگهڙي پوليس کي ڪيس جو رڪارڊ ساڻ کڻي 19 جنوري تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ طلب ڪيو ويو آهي واضح رهي ته ارحم صفدر آرائين بئنڪ ملازمن خلاف مبينا فراڊ جو ڪيس داخل ڪرايو هو جنهن ۾ قرض جي رقم ڪنهن ٻئي اڪائونٽ ۾ منتقل ڪرڻ، غلط بياني ڪرڻ ۽ چيڪ باؤنس ٿيڻ جا الزام شامل آهن.

بقايا 39 چتاءُ

جي تمام گهڻو ذهني طور ٽارچر ڪري پريشان ڪري رهيو آهي جنهن ۾ مقامي پوليس جي مدد سان هر روز گهر تي پوليس جي چڙهائي ڪري گهر خالي ڪرائڻ لاءِ ڌمڪائي هيسائي رهيو آهي جنهن ۾ اسان کي ٻارن ٻچن سميت قتل ڪرائڻ توڙي گهر جو سامان روڊ تي اڇلائي ڦٽو ڪري گهر مان زبردستي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪري اسان کي هاڻي هن مان حياتي جو خطرو آهي هو اسان کي رات ڏينهن تمام گهڻو ذهني طور پريشان ڪري رهيو آهي سنڌس ظلم ۽ زيادتين جي انتها ٿي وئي آهي اسان جو گهر منهنجي مرحوم ڊيڊ ناصر ضوري جي ذاتي ملڪيت آهي جنهن ۾ منهنجي بيمار مؤس اقبال لالي کي پنهنجي ڦنڊن جي مدد سان مارڪٽ تشدد ڪري اڃن پنن تي صحيحون وٺي گهر جي مالڪي جي دعويٰ ڪري رهيو آهي

Oil & Gas Development
Company Limited

OGDC the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-308409374-2026	GYRO SERVICES	29.01.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-PT-PNP-HOTOIL-JM-308373123-2026	HEAT TRANSFER FLUID (HOT OIL)	29.01.2026 AT 1130 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **13.12.2025** and **24.12.2025,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-FB-CB-DRLG-D-305531421-2025	5-1/2" HIGH COLLAPSE CASING	19.01.2026 AT 1100 Hrs
2.	OGDC-SCM-LBF-CESS-AUDITORIUM-307262855-2025	RENOVATION OF OGTI AUDITORIUM AND CONFERENCE ROOM AT I-9. ISLAMABAD	20.01.2026 AT 1130 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/ AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 390/14

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

دادو پرسان موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل، ٻه زخمي

انڊس هاءِ وي ڊسٽرڪٽ جيل پرسان ٻن موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني

گوليون لڳڻ سبب علي اصغر بروهي فوت ٿي ويو، محمد خان سيال ۽ عبدالرشيد چانڊيو زخمي ٿيا

واقعو بروهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ زميني تڪرار ڀڙڪايو پيو وڃي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

دادو(ذ ر) دادو پرسان انڊس هاءِ وي ڊسٽرڪٽ جيل پرسان ٻن موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن جي فائرنگ هڪ ڄڻو قتل ۽ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا، اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي فوتي جي سڃاڻپ علي اصغر پٽ حاجي پهلوان بروهي ۽ زخمين جي سڃاڻپ محمد خان پٽ گلڻ سيال ۽ عبدالرشيد پٽ فقير محمد چانڊيو طور ٿي زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو بي سيڪشن پوليس دادو موجب ڳوٺ عباس پيرزادو لڳ سنماٿي بروهي واسي ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار دادو اچي رهيا هئا ته

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دادو: فائرنگ ۾ مارجي ويل نوجوان جو لاش، ٻئي طرف زخمي

مورو پوليس پاران ٽن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مورو (ن ع) مورو ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر پاران پوليس سروس گشت دوران شهر جي مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري نشيوار سوپاريون وڪرو ڪندڙن کي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڊاڪٽر شير مهراڻي ايس ايل اي جو نئون چيئرمين مقرر ٿيڻ ۽ اسحاق سميجي جي مان ۾ الوداعي تقريب

الوداعي تقريب ۾ اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي کي اداري ۾ ڪامياب خدمتن تي خراج تحسين پيش

ٻولي ماءُ وانگر سڃاڻپ آهي، جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ نفاذ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين: ڊاڪٽر شير مهراڻي

عالمن، اديبن ۽ ليکڪن ڊاڪٽر شير مهراڻي کي واڌايون ڏنيون، اداري جي ترقي ۽ ٻولي جي حفاظت لاءِ تعاون جو عزم

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي نئين مقرر ٿيل چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي مان ۾ آجياڻو ۽ اڳوڻي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ عالمن اديبن ۽ اداري جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي مخاطب ٿيندي اداري جي نئين چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته" سماج جنهن فرد مان اميدون رکي ٿو ته سمجهو ان تي ذميوارين جو وزن وڌي وڃي ٿو، اڄ مون کي هڪ نئين ذميواري سونپي وئي آهي اها فقط ذميواري نه آهي پر اهو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪپرو: مبينا طور ڦاهو کائي انت آڻيندڙ نينگري جو لاش

ڪپرو لڳ دماغي معذور نوجوان نينگري ڦاهو کائي انت آڻي ڇڏيو

ڳوٺ جان محمد مهر ۾ 15 ورهين جي چمپا ڪولهي انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ڪپرو (ن ع) ڪپرو لڳ ڪاهي ٿاڻي جي حد ڳوٺ جان محمد مهر ۾ 15 ورهين جي نوجوان نينگري چمپا ڌي شارو ڪولهي گهر جي ڪڪائين ڇونئري جي لاٽڻ ۾ رسو وجهي ڦاهو کائي انت آڻي ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي ڪاهي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪڍائي ڪپرو جي تعلقي اسپتال آندو جتي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو واقعي بابت ڪاهي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ۽ چوري ٿيل سامان برآمد ڪرائڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتي ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪندي چوري ۽ ڦر جي مختلف واقعن ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ لکين رپين جي ماليت جا 50 قيمتي چوري ٿيل موبائل فون هٿ ڪيا، جيڪي بعد ۾ اصل مالڪن جي حوالي ڪيا ويا. تفصيل موجب ايس ايس پي سکر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو اينٽي انڪروچمينٽ فورس جا ٽي آفيسر معطل، نوٽيفڪيشن جاري

انسپيڪٽر فيضان شيخ، اي ايس آءِ منير ۽ وڏو منشي بقا محمد کي معطل ڪيو ويو

ميرپورماٿيلو (ن ع)ميرپور ماٿيلو اينٽي انڪروچمينٽ فورس سنڌ پاران ضلعي گهوٽڪي، ميرپورماٿيلو ۾ وڏي پيماني تي انتظامي ڪارروائي ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ فورس سنڌ جي حڪم تي اينٽي انڪروچمينٽ فورس اسٽيشن ميرپورماٿيلو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪيلاش ڪولهي قتل جي بدين جي صحافين بهتر ڪوريج ڏني: زيشان جوڻيجو

بدين پريس ڪلب مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ هر وقت انصاف ڏيارڻ لاءِ هميشه اڳيرو هوندو آهي

مي احتجاج ڪنهن ذات پات جي بنياد تي نه پر انسانيت جي بنياد تي هنيو ويو هو

بدين (رپورٽ سلمان اشرف ميمڻ) غريب پورهيت ڪيلاش ڪولهي کي قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ تي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي سي آءِ اي انچارج گل حسن لغاري بدين پوليس ٽيم سميت بدين پريس ڪلب جي دليرانه رپورٽنگ ڪرڻ جي ڪري نوجوان ڪيلاش

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

بدين: سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ ذيشان جوڻيجو عبرت سان ڳالهائيندي

مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نادر جمالي جي قتل خلاف ٽنڊوالهيار ۾ احتجاج

ٽنڊوالهيار (ذ ر) دادو ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نادر جمالي جي قتل خلاف نوجوان جمالي اتحاد پاران مير علي اڪبر جمالي جاويد جمالي هاشم جمالي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پاران دادو پوليس خلاف سخت نعري بازي پڻ ڪئي، انهي موقعي تي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ قلعي ۾ فحش وڊيو جي وائرل ٿيڻ بعد سياحت کاتو جاڳي پيو

صوبائي وزير سياحت جي هدايتن تي قلعي ۾ 12 سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون ويون

ڪيمرائون حيدرآباد ۽ ڪراچي آفيس مان به ڏسي سگهجن ٿيون: ڊي جي آرڪيالاجي

نئون ڪوٽ (ن ع)نئون ڪوٽ جي تاريخي قلعي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ فحش وڊيو وائرل ٿيڻ بعد سياحت کاتو جاڳي پيو صوبائي وزير سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه جي هدايتن تي نئون ڪوٽ قلعي ۾ ڪئمرائون لڳي ويون ڊي جي آرڪيالاجي فتح محمد شيخ نئون ڪوٽ قلعي تي پهچي ڪيمرائون لڳايون هن چيو ته صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه جي سخت

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ: قلعي ۾ فحاشي جا واقعا ٿيڻ کانپوءِ سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون پيون وڃن

نوشهروفيروز ۽ ڀرپاسي ۾ روڊ حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت، عورت سميت 4 ڄڻا زخمي

ڦل لنڪ روڊ تي حادثي ۾ علي اصغر لغاري موقعي تي ئي فوت ۽ سيد غلام شبير شاهه سخت زخمي ٿي پيو

ڪنڊا ڪاهي وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي هڪ عورت سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمي سيد غلام شبير شاهه، اڪبر ميمڻ ۽ سنڌس گهر واري، غلام محمد رياض بروهي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

نوشهروفيروز(رپورٽ: شاهد علي چنه) نوشهروفيروز ويجهو ڦل لنڪ روڊ تي چنگچي رڪشا ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو علي اصغر لغاري موقعي تي ئي فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته سيد غلام شبير شاهه سخت زخمي ٿي پيو آهي فوتي جو لاش ۽ زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڪيس نوابشاهه ريفر ڪيو ويو آهي هوڏانهن ٻئي پاسي قومي شاهراهه تي ڪنڊا ڪاهي وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي هڪ عورت سميت 4 ڄڻا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مورو: بيهوشي جي حالت ۾ هٿ آيل پيرسن جنهن کان شاهينگ ڦر ڪري وئي

جيل ۾ قيدين کي جيل مينوئل تحت گهربل سهولتون ڏنيون وڃن: محتسب اعليٰ

جن به قيدين جا ڪيس نه ٿا هلايا وڃن انهن کي ڪورٽ ۾ حاضري لاءِ پيش ڪيو وڃي

قيدين کي وقت سر علاج سان گڏوگڏ سنڌن کاڌ خوراڪ جو پڻ خيال رکيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب سنڌ لاڙڪاڻو علي اڪبر جاگيراڻي چيو آهي ته جيل ۾ موجود قيدين کي جيل مينوئل تحت تمام گهربل سهولتون ڏنيون وڃن ۽ قيدين جي کاڌي پيتي رهائش، علاج معالجي سان گڏ ٻيون سموريون گهربل قانوني سهولتون مهيا ڪيون وڃن، جن به قيدين جا ڪيس نه ٿا هلايا وڃن انهن کي وقت اندر ڪورٽ ۾

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ محتسب اداري بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

گهوٽڪي(ن ع) گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول گهوٽڪي ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت اسڪول جي پرنسپل ڪئي سيمينار ۾ استادن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي فضل محمد شيخ خطاب ڪندي سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙن کي محتسب اداري جي ڪردار اختيارن ۽ عوامي شڪايتن جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ آگاهي سيمينار کي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سنڌ فضل محمد شيخ خطاب ڪري رهيو آهي

پ پ ٿرپارڪر جي اڳواڻن ۾ پيدا اختلاف شدت اختيار ڪري ويا، پارٽي قيادت نوٽيس نه ورتو

سريندر ولاسائي ۽ ارباب لطف ٻئي پيپلزپارٽي جا ايم پي ايز آهن، هو پارٽي اندر ويهي ڳالهين ذريعي معاملو حل ڪن: انجنيئر گيانچند

سريندر سان سنڌس ئي برادري جي ماڻهن جو پلاٽ معاملي تي تڪرار آهي، اسان تي لڳايل الزام بي بنياد آهن: ارباب عالم

پلاٽن وارو الزام سمجهه کان ٻاهر آهي، مون زندگي ۾ ڪڏهن به پلاٽن جو ڪاروبار ناهي ڪيو: سريندر ولاسائي

مٺي (ذ-ر) پيپلز پارٽي ٿرپارڪر جي اڳواڻن وچ ۾ اختلاف شدت اختيار ڪري ويا آهن جڏهن ته پارٽي قيادت طرفان ايم پي اي سريندر ولاسائي پاران ايم پي اي ارباب لطف جي ڀاءُ ارباب عالم تي لڳايل سنگين الزامن جو به اڃا تائين ڪو نوٽيس نه ورتو ويو آهي ان حوالي سان ميڊيا سان ڳالهائيندي پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي ضلعي صدر انجنيئر گيانچند چيو ته سريندر ولاسائي ۽ ارباب لطف ٻئي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس هٿان کنيي گم ڪيل نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاج

ڳوٺ هٽي جي رهواسي عمره خاتون، سوريا، مهپوش، ثمرين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس نوجوان گلشن گوپانگ کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ گم ڪري ڇڏيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ هٽي جي رهواسي عورتن ۽ ٻارڙن هفتو اڳ پوليس هٿان مبينا کنيي گم ڪيل پورهيت نوجوان جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

هالا: اسپتال ۾ لاوارث حالت ۾ فوت ٿي ويل پيرسن جو لاش

لاڙڪاڻي ۾ تعليم کاتي جي ڊي اِي او پرائمري پاران کليل ڪچهري

ڪچهري ۾ تعليم کاتي سان لاڳاپيل استادن، ڪلارڪن ۽ ٻي اسٽاف درخواستون ڏنيون

کلي ڪچهري جو مقصد استادن ڪلارڪن ۽ ٻي اسٽاف جا مسئلا ٻڌي حل ڪرڻ آهي: ڊي اِي او

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ۾ تعليم کاتي جي ڊي اِي او پرائمري انيس الرحمان جلباڻي طرفان مختلف اسڪولن جي انچارجن استادن ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف جي مسئلن جي حل لاءِ ڊي اِي او ميل جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ دڪان تي ڪاريگر دهل ٺاهي رهيو آهي

شاهه رخ سنڌي کي آزاد ڪيو
حيدرآباد: ڪيٽي جا رهواسي پوليس خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور واسي مال جي واپاري جي عدالتي حڪم تي قبرڪشائي

عبدالغفار ٻنگلاڻي جي درخواست سيشن جج سانگهڙ قبرڪشائي جو حڪم ڏنو

ڊاڪٽر سهراب سومرو جي اڳواڻي ۾ ٽيم قبرڪشائي بعد جزا وٺي ليبارٽري موڪليا

شهدادپور(ن ع) 8مهينا اڳ ميرپورخاص ۾ عزيزن ڏي ويل شهدادپور واسي مال جو واپاري 3ٻارن جي پيءُ عبدالشڪور ٻنگلاڻي کي مبينه طور زهر ڏئي مارڻ جي الزام ڪاٽيءَ سنڌس ڀاءُ عبدالغفار ٻنگلاڻي جي سيشن جج سانگهڙ کي ڏنل اهڙي درخواست تي جوڊيل ميڊيڪل بورڊ جي چيئرمين پي ايم سي نوابشاهه جي ڊاڪٽر سهراب سومرو جي اڳواڻي ۾ ميڊيڪل بورڊ ٽيم

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر لڳ قتل ٿيل عمران ڀٽي جي تڏي تي ايس ايس پي پهچي تعزيت ڪئي

ايس ايس پي انور کيتران تعزيت بعد وارثن کان واقعي بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي

پوليس جيو فرازڪ ٽيم ذريعي شواهد گڏ ڪري رهي آهي، جلد قاتل گرفتار ٿيندا: پوليس

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر گذريل ڏينهن خانپورمهر ويجهو ڳوٺ لوهي ۾ دل ڏڪائيندڙ قتل جو واقعو پيش آيو جتي نامعلوم جوابدارن گهر ٻاهران نوجوان عمران ڀٽي کي گوليون هڻي بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏيو واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو جڏهن ته وارثن ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي قتل جي اطلاع ملڻ شرط پوليس پهچي لاش کي تحويل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ سينيئر صحافي عبدالغني ميراڻي 50 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪري ويو

جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي اڳواڻ، صحافين، مٽن مائٽن جي شرڪت ڪئي

آزاد پريس ڪلب ميهڙ 10 ڏينهن سوڳ جو اعلان، عبدالغني ميراڻي سنڌي ميڊيا ۾ 20 سالن کان سرگرم رهيو

ميهڙ(ن ع) سينيئر صحافي سنڌي نجي چينلن جو بهترين ڪيمرامين آزاد پريس ڪلب ميهڙ جو جنرل سيڪريٽري عبدالغني ميراڻي گردن جي بيماري سان مسلسل جهيڙيندي 50 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سنڌس اوچتي وڇوڙي تي آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي سٽ پاران 10 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي عبدالغني ميراڻي ڏيڍ سال کان مٿي عرصي کان گردن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: سينيئر ڪئميرا مين عبدالغني ميراڻي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ڪپرو ويجهو باهه لڳڻ سبب پنج پورهيتن جا گهر سڙي رک

ڳوٺ مجاهد منگريو واسي ڪرشن، سروپ، مٺي، ساجن ۽ چنو ڀيل جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

باهه سبب گهر ۾ پيل سامان سڙي رک ٿي ويو آهي، چونڊيل نمائندا مدد ڪن: متاثرين

ڪپرو (ن ع) ڪپرو ويجهو ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ مجاهد منگريو اوچتو باهه لڳڻ سبب هر هارين ڪرشن ڀيل سروپ ڀيل مٺو ڀيل ساجن ڀيل جا اجها سڙي ويا باهه سبب پورهيتن جي گهر پيل سامان سڙي رک ٿي ويو متاثرن چونڊيل نمائندن لاڳاپيل اختيارين کان سائنيها جي اپيل ڪئي آهي

لاڙڪاڻي ۾ بند جگهه مان نوجوان جو پراڻو ۽ سڙيل لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي

الله والي مسجد واري علائقي مان 27 ورهين جي اڻڄاتل نوجوان جو لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد ايڌي رضاڪارن حوالي ڪيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ بند جگهه مان نوجوان جو پراڻو ۽ سڙيل لاش هٿ اچڻ وارو معاملو هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، پوليس ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش ايڌي سينٽر لاڙڪاڻو حوالي ڪري ڇڏيو ايڌي وارن لاش کي لاوارث ڄاڻائي دفنائي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي دڙي ٿاڻي جي حد الله والي مسجد واري علائقي مان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي اسپتال ۾ ڳڙهي ياسين واسڻ بجلي ڪرنٽ زخمي ناري کي آندو ويو

ڳوٺ نبي شاهه واسي 22 ورهين جي سميره چنه مٿان 11 هزار تار ڪري پئي

زخمي ناري کي وارث اسپتال ڪڍائي جتان ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ڳڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ نبي شاهه وڳڻ ۾ گهر جي اڱڻ تي ويٺل 22 ورهين جي ناري سميره ڌيءُ محمد اعظم چنه مٿان مبينا طور بجلي جي 11 هزار تار ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ ناري بجليءَ جي تار ۾ وچڙي سڙي سخت زخمي ٿي پئي، ناري جي رڙين تي وارثن پهچي ڪيس ڇڏائي سڙي زخمي ٿيل حالت ۾ ڪڍائي لاڙڪاڻي جي چانڊڪا اسپتال جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: بار ايسوسيئيشن پاران نادر جمالي جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏيئي پرسان گس کولڻ تي ڳوٺاڻن ۽ وڏيري ۾ جهيڙو، چار ڄڻا زخمي

وڏيري اسدالله خاصخيلي ۽ سنڌس پٽن پاران ڳوٺاڻن تي ڪهاڙين ۽ لٺين سان حملو

حملي سبب ٻن نياڻين سميت استاد ذڪمشر ۽ سنڌس پٽ هدايت الله خاصخيلي زخمي ٿيا، اسپتال منتقل

ڏيئي(ن ع) ڏيئي پرسان ڳوٺ فقيرقاسم خاصخيلي ۾ وڏيري ڳوٺاڻن جو گس بند ڪري ڇڏيو گس کولڻ سان ڳوٺاڻن ۽ وڏيري وچ ۾ جهيڙو ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻن معصوم نياڻين سميت ٻه ڳوٺاڻا زخمي نازڪ حالت ۾ ٽنڊوباگو کان حيدرآباد ريفر ڏيئي ٿاڻي تي ڪيس داخل رپورٽ موجب ڏيئي پرسان ڳوٺ فقيرقاسم خاصخيلي ۾ وڏيري ڳوٺاڻن جو گس بند ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راجوخاناڻي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سال 2025ع جي پوزيشن هولڊرن لاءِ تقريب منعقد

جنهن ۾ ٻارهين ڪلاس ذهين شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊل ڏنا ويا

پرنسپال ۽ معززن جو خطاب ۾ شاگردن ۾ حوصلا، همت ۽ محنت جو جذبو وڌائڻ تي زور ڏنو

راجوخاناڻي (ن ع) راجوخاناڻي ايليمينٽري هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ساليانو امتحان 2025ع دوران پوزيشن حاصل ڪندڙ ذهين ۽ باصلاحيت شاگردن ۽ شاگرديائين جي مان ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي تفصيل موجب ٽائون ڪميٽي راجوخاناڻي جي بوائز هاءِ اسڪول کي هائير سيڪنڊري اسڪول جو درجو ملڻ کان پوءِ راجوخاناڻي گورنمينٽ بوائز هائير

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

مورو ٽول پلازه وٽان بيهوشي جي حالت ۾ هٿ آيل جي سڃاڻپ ٿي وئي

نظام الدين ماڇي کي شاهپنگ نشو ڏئي پنج لک ريپا ڪڍي ويا آهن: وارث

مورو (ن ع) مورو نيشنل هاءِ وي ٽول پلازه شاخ وٽ بيهوشي جي حالت ۾ نظر ايندڙ شخص جنهن جو نالو نظام الدين ولد گلڻ ماڇي ويٺل ڳوٺ ڪيال ماڇي شاهپور جهانيان جيڪو مال جو واپاري آهي صبح جو گهر کان به ڊور ڪٽي مورو پڙي ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ آيو هو جنهن وٽ تقريبن پنج لک کان مٿي رقم موجود هئي جنهن کي ڪجهه شاهپنگ قسم جي ماڻهن پاران

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: گرمي وٺڻ ڪانپوءِ ماڻهو باهه تي هٿ سيڪي رهيا آهن

شڪارپور ۾ جوتن جي دڪان ۽ رائس مل مان لکين رپين جي چوري

شاهي بازار ۾ لياقت شو اسٽور ۽ جهولي لال رائس مل مان چورن چوري ڪئي

جوابدارن دڪان جا تالا ٽوڙي لکين ريپا روڪ ۽ قيمتي سامان ٻهاري ويا آهن، نوٽيس ورتو وڃي: متاثرين

شڪارپور (ذ ر) شڪارپور ۾ وڌندڙ ڏوهن جي واقعن نه رڳو شهري ۽ ڪاروباري برادري کي به انتهائي غير محفوظ بڻائي ڇڏيو آهي شهر جي شاهي بازار جي مصروف ترين تجارتي علائقي ۾ لياقت شو اسٽور ۽ جهولي لال رائس مل مان نقدي سان گڏ سيف (لاڪر) چوري ڪرڻ جو واقعو پوليس جي سيڪيورٽي انتظامن تي سنگين سوال اٿاري رهيو آهي پوليس موجب شاهي بازار ۾ واقع لياقت شو اسٽور جيڪو اسٽور گنج ٿاڻي جي حد ۾ واقع

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو جسقم پاران گهوٽڪي ضلعي ۾ وڌندڙ بد امني لاقانونيت خلاف ريلي، ڌرڻو

ڪارڪنن فقير رمضان ڪلوڙ، محبوب گهوٽو، نعمان سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

ضلعي گهوٽڪي اندر روز ماڻهن کان ڏينهن ڏٺي جون ڦرون ۽ قتلام عام بڻجي ويو آهي: مظاهرين

فوري امن امان جي صورتحال کي يقيني بڻايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ضلعي اندر شٽربند هڙتال جو سڏ ڏينداسين

ميرپورماٿيلو(ن ع) ميرپورماٿيلو جسقم پاران گهوٽڪي ضلعي ۾ وڌندڙ بد امني لاقانونيت خلاف ريلي احتجاجي مظاهرو ڌرڻو ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو خلاف نعريبازي امن ۽ امان جي صورتحال کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ٻي صورت ۾ شهر اندر شٽر بند هڙتال جو سڏ ڏيڻ جو چتاءُ تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو سميت گهوٽڪي ضلعي ۾ وڌندڙ بد امني لاقانونيت خلاف جسقم ضلعي گهوٽڪي پاران ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو خلاف نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ مرحوم سيد محسن شاهه بخاري جي ورسي، عوامي خدمتن تي خراج تحسين

درگاهه عبدالفتاح شاهه بخاري ۾ منعقد تقريب ۾ سيد اعجاز حسين شاهه بخاري شرڪت ڪئي

سيد محسن شاهه بخاري علائقي ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪيا، 6 ڀيرا ايم پي اي جي سيٽ تي ڪاميابي حاصل ڪئي: اعجاز شاهه

تقريب ۾ فاتحه خواني، قرآن خواني ۽ خيرات سان مرحوم جي عوامي خدمت ۽ قرباني کي ياد ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) انسانيت سان محبت ڪندڙ عوامي سياسي اڳواڻ ، اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم سيد محسن شاهه بخاري جي چوڏهين ورسي جي موقعي تي ڪيس ڪيل عوامي خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو آهي ، ٽنڊو محمد خان جي ٽنڊوسائينداد ۾ درگاهه عبدالفتاح شاهه بخاري جي اڱڻ ۾ اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم سيد محسن شاهه بخاري جي ملهايل چوڏهين ورسي ملهائي وئي ، ان موقعي تي ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري چيو ته سيد محسن شاهه بخاري جسماني طور اسان کان هميشه لاءِ وڇڙيل آهي پر سندس علائقي جي اندر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: اڳوڻي صوبائي وزير محسن شاهه بخاري جي ورسي ۾ دعا گهري پئي وڃي

سکر ۾ مغوي علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ 831 ڏينهن به احتجاج جاري

سکر (بيورو رپورٽ) اغوا ٿيل انصاف علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ مسلسل 831 ڏينهن کان سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج جاري آهي جيڪو اڄ تائين بازياب نه ٿي سگهيو آهي ۽ جڏهن ته علي اصغر جي اغوا ڪندڙن ۽ پٺسا گهرڻ وارن کي نامزد ڪيو ويو آهي پي ڊي ايس پي خالد منگريو منظور منگريو سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو ايجنسي پاران انهن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ مبينا اغوا ڪوشش دوران مزاحمت تي ڳوٺاڻي کي قتل ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ڪچي جي رضا ڳوٺ ويجهو هٿياربندن زمين تي سٽل واجد عالماڻي کي هٿياربندن قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڀاءُ کي هٿياربندن کڻڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ڪيس گوليون ماريو ويو آهي: مقتول جو ڀاءُ

پنوعاقل(رپورٽ اعجازجهنديڙ) پنوعاقل جي ڪچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو آهي رضا ڳوٺ ڪچي ۾ پاڻي جي واري تي ويٺل ڳوٺ پنيو عالماڻي واسي واجد عالماڻي کي هٿياربندن فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو پاڻي جي واري ويٺل منهنجي ڀاءُ کي هٿياربندن کڻڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ڪيس گوليون ماريو ويو آهي . مقتول جو ڀاءُ شهزور

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

سماجي اڳواڻ غلام نبي کيريو ۽ سوڍي ڪولهڻ بدين پريس ڪلب جي ڪوريج کي ساراهيو

پريس ڪلب جي حمايت سبب قاتل سرفراز نظاماڻي کي گرفتار ڪيو ويو: سوڍي ڪولهڻ

ڪولهي برادري بدين پريس ڪلب جي صحافين جي حق جي آواز بلند ڪرڻ واري ڪوشش جي نهايت شڪرگذار آهي

بدين (ذ ر) سماجي اڳواڻ غلام نبي کيريو بدين ۾ همت ۽ جرئت طور سڃاتل نئين اپرنڊ سماجي ورڪر سوڍي ڪولهڻ سان گڏ بدين پريس ڪلب پهچي نوجوان ڪيلاش ڪولهي جي قتل خلاف لڳل ڌرڻي جي ڀرپور ۽ بهترين ڪوريج ڪرڻ تي بدين پريس ڪلب جي ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ان موقعي تي سوڍي ڪولهڻ چيو ته هڪ مظلوم نوجوان جي قتل ۽ قاتل جي عدم گرفتاري خلاف ڪيل احتجاج کي بدين پريس ڪلب جي صحافين پنهنجي بهترين

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد مان گئس مد ۾ ساليانو 12 ڪروڙ رپين جي پروڊڪشن ٿئي پئي: طارق شاهه چاموٽ

ان جي باوجود مقامي آبادي بنيادي سهولتن ۽ روزگار کان محروم بڻيل آهي

عوام جي اڪثريت ٻن وقتن جو کاڌو به تمام مشڪل سان حاصل ڪري رهيو آهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) پاڪستان پيپلزپارٽي حيدرآباد ضلعي جي صدر ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد طارق حسين شاهه چاموٽ قومي اسيمبلي ۾خطاب ڪندي اهو انڪشاف ڪيو آهي ته حيدرآباد مان گئس جي مد ۾ ساليانو اٽڪل 12 ڪروڙ رپين جي پروڊڪشن ٿي رهي آهي پر ان جي باوجود مقامي آبادي بنيادي سهولتن ۽ روزگار کان محروم آهي _ هن چيو ته حيدرآباد جي عوام جي اڪثريت ٻن وقتن جو کاڌو به

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

حيدرآباد ۾ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي جي چوٿين ورسي تي پاڻي ڪانفرنس جو اعلان

سنڌهاري ڪاميٽي پاران سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافتي حلقن سميت هارين ۽ مزدورن کي دعوتون جاري

ڪامريڊ رمضان خاصخيلي ۽ ٻين هاري اڳواڻن جي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ سڀني جو فرض آهي: ثمر جتوئي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌهاري ڪاميٽي طرفان هاري هلچل تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي جي چوٿين ورسي 15جنوري تي ملهائڻ پيا طورحيدرآبادپريس ڪلب ۾ پاڻي ڪانفرنس ڪرائڻ واري پروگرام جون دعوتون سياسي سماجي ادبي صحافتي حلقن سميت وڪيلن اديبن دانشورن صحافين سميت هارين مزدور پورهيت اڳواڻن سميت صحافين کي ڏنيون ويون سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ثمرحيدر جتوئي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ 15جنوري خميس

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي لڳ نوجوان ماءُ کان ناراض ٿي ٽنبي تي چڙهي ويو، شهرين بچائي ورتو

ٻلڙي شاهه ڪريم (ت ر) ٻلڙي ٿاڻي جي حد ۾ ڏاتا واهه پرسان درگاهه جٽي شاهه لڳ عالماڻي برادري جي نوجوان دلبر پٽ آچار عالماڻي ماءُ کان ناراض ٿي هڪ لک ڪي وي ٽنبي تي چڙهي ويو . ڪرنٽ واري

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم: اپگهات لاءِ ٽنبي تي چڙهيل نوجوان کي ماڻهو هيٺ لاهي رهيا آهن

مورو جي بوائز هائير اسڪول جي ڇت چاپڙ ڪري پيا، شاگرد ۽ استاد محفوظ رهيا

مورو (ن ع) مورو تعلقي جو قديمي گورنمينٽ بوائز هائي اسڪول مورو جي ڇت جا چاپڙ اچانڪ وڏي ڌماڪي سان

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

مورو: عمارت جا ڪري پيل چاپڙ ۽ زبون حال ڇت نظر اچي رهي آهي

عمرڪوٽ ۾ ٻه ڏار ڏار روڊ حادثا، ڊاڪٽر فوت، 8 اسڪولي ٻار زخمي

بودر فارم واسي ڊاڪٽر گاجي عرف گلو ميگهواڙ موٽرسائيڪل ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو

ڪنري نبي سر ٿر روڊ تي اسڪولي ٻارن جي وين ٿرڪول ڊيم وارين گاڏي سان ٽڪرائجي وئي

حادثي سبب 8 ٻار ۽ ڊرائيور زخمي ٿي پيا، زخمين کي تعلقه اسپتال ڪنري منتقل ڪيو ويو

عمرڪوٽ(ذ ر) عمرڪوٽ لڳ بودر فارم واسي ڊاڪٽر گلجي عرف گلو ميگهواڙ موٽر سائيڪل تي عمرڪوٽ وڃي رهيو هو ته پاتاڻو اسٽاپ وٽ سندس موٽر سائيڪل سامهون ايندڙ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 65 ساله ڊاڪٽر گلجي سخت زخمي ٿي پيو ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ عمرڪوٽ کان حيدرآباد وري اتان ڪراچي منتقل ڪيو ويو پر هو فوت ٿي ويو ٻئي واقعي ۾ ڪنري نبي سر ٿر روڊ تي اسڪولي ٻارڙن جي وين ۽ ٿرڪول ڊيم وارين جي گاڏي ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن ۾ وين ڊرائيور پيمون ڀيل ۽ 8 اسڪولي ٻار زخمي ٿي پيا ڀرپاسي جي ڳوٺاڻن زخمين

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: حادثي جو شڪار ٿيل وين حادثي واري هنڌ بيٺل آهي

ڪڪڙ شهر ۾ هٿرادو لوڊ شيڊنگ ۽ لو پريشر خلاف شهرين جو احتجاج

لوڊ شيڊنگ سبب روزمره جي رڌ پچاءُ ۽ گهر جي ڪم متاثر ٿئي ٿو: مظاهرين

ڊي سي دادو ۽ اعليٰ اختياريون معاملي جو نوٽيس وٺي مسئلو حل ڪرائين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر مان هٿرادو لوڊ شيڊنگ ۽ لو پريشر جو عذاب ختم نه ٿيو شهرين جو گيس انتظاميا خلاف احتجاج مظاهرو ڪري سخت نوٽس وٺڻ جو مطالبو ان موقعي تي شهري محمد رمضان ٻبر عبدالرزاق نوڏاڻي، مولاداد جوڻيجو برڪت علي جويو نديم ملاح، نثار احمد، ممتاز

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٺٽو ۾ رمضان ميمڻ جي ڪتاب "پتنگن پڇ ڪيو" جي پڌرائي تقريب

منعقد تقريب ۾ وڏي انگ ۾ اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي شرڪت

منعقد تقريب ۾ وڏي انگ ۾ اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن جي شرڪت

ٺٽو (ذ ر) نامور شاعر اديب ۽ ليکڪ رمضان ميمڻ جي ڪتاب "پتنگن پڇ ڪيو" جي پڌرائي تقريب نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ ٿي جنهن ۾ اديبن شاعرن ليکڪن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌي ٻولي جي نامور شاعر سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

پشاور: هڪ دڪان تي ڪاريگر سواتي ٽوپي ٺاهي رهيو آهي

ڏگهڙي ۾ ضلعي ڪائونسل جي ڪيٽل فارم تي ناجائز قبضي خلاف نوٽيس جاري

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ڏگهڙي ميرپورخاص مين روڊ تي ضلعي ڪائونسل مير پور خاص جي زيراهتمام ڪيٽل فارم (ڍڪا) جي قيمتي ملڪيت تي ناجائز قبضي جي ڏگهڙي پريس ڪلب سميت ميڊيا پاران نشاندهي بعد ڊسٽرڪٽ ڪائو نسل ميرپورخاص جي چيئرمين مير انور ٽالپر ۽ وائس چيئرمين ميراحمد خان ٽالپر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: مبينا بئنڪ فراڊ ڪيس ۾ اڳوڻن ملازمن جي عبوري ضمانتون منظور

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ٿاڻي ۾ ڏگهڙي جي شهري ارحم صفدر آرائين طرفان حبيب بئنڪ ڏگهڙي برانچ جي اڳوڻي منيجر ۽ ٻين ملازمن خلاف مبينا فراڊ جو ڪيس داخل ڪرايو ويو هو ڪيس ۾ نامزد چارئي جوابدار جن ۾ اڳوڻو منيجر بهادر لاشاري، آپريشن منيجر نوين ڪمار رليشن شپ منيجر شهزاد سليم ۽ هڪ نجي شخص لڇمن داس شامل آهن ميرپورخاص جي سيشن عدالت مان عبوري ضمانت حاصل

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: مزدور مارڪيٽ ۾ موڪلڻ لاءِ گجرن جون ٻوريون ڀري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ پيرسن عورت جو گهر خالي ڪرائڻ خلاف احتجاج، پاڻ کي باهه ڏيڻ جو چتاءُ

ٽنڊو محمد خان (ذ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي مرتضيٰ چوڪ جي رهواسي پيرسن عورت مسمات حاجران سنڌس گهر کي خالي ڪرائڻ لاءِ پوليس ذريعي ڏنل ڌمڪين تي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي ، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ شهر جي مرتضيٰ چوڪ جي رهواسي پيرسن عورت مسمات حاجران زال اقبال لاڳي غوري صحافين کي ٻڌايو ته اسان جي پاڙي سان تعلق رکندڙ نعيم ناجي نالي شخص ڪيس بنا ڪنهن سبب

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5


ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهه
هتان پاڪ گنگا جو آغاز ٿئي
۽ جمنا جو پي ناز انداز ٿئي
جتي مينهن موتين سندو آهه سخت
وهي تو هتان هر هميشه جو بخت
هي دنيا ۾ آهي بهشتي درخت
ڀلي آئين جي آئين درياهه شاهه
(حيدر)

دعوت نامو
پورهيت طبقيءَ هارين لاءِ پنهنجي زندگي ارپيندڙ
ڪامريڊ
محمد رمضان خاصخيلي
چوٿين ورسي جي موقعي تي
(سنڌ پاڻي ڪانفرنس)
15جنوري 2026 تي ملهائي ويندي
1وڳي پروگرام جي شروعات ڪئي ويندي
هنڌ: حيدرآباد پريس ڪلب
مخلص
ثمر حيدر جتوئي
سنڌهاري ڪاميٽي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.